ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اڱارو 06 آڪٽوبر 2026ع 23 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (52)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 6th October 2026

سال (18) اڱارو 06 آڪٽوبر 2026ع 23 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (15)

Daily Ibrat Karachi

نون صوبن بدران نظام بهتر ڪريو، اسلام آباد ناڪام ٿي چڪو آهي ته ان کي ٿر جي حوالي ڪيو وڃي: بلاول ڀٽو زرداري

ٿر جي ڪوئلي کي اسلام آباد جا ماهر بيڪار قرار ڏيندا هئا، اهو اڄ ملڪ جي توانائي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان گڏ قيمتي پرڏيهي ناڻو بچائڻ جو ذريعو بڻجي ويو آهي

ٿرپارڪر جي ترقي ملڪ جي نظام، 1973ع جي آئين ۽ 18هين آئيني ترميم جي وڏي ڪاميابي جو مثال آهي، اسلام آباد کي هن ڪامياب ماڊل مان سکڻ گهرجي

ٿرڪول منصوبن ذريعي ملڪ ۾ 1.6 ارب ڊالر جو قيمتي پرڏيهي ناڻو بچي رهيو آهي، هن منصوبي بعد هتي مقامي نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان دروازا کلي رهيا آهن

پڻتي پيل هن علائقي جي ٻارن تعليم جي ميدان ۾ به نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري ڏيکاريون آهن، معياري تعليم ۽ مناسب موقعا ملن ته اهي عالمي سطح تي اڳتي اچي سگهن ٿا

ملڪ کي وڌيڪ صوبن بدران موجوده نظام کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڪجهه عنصر نفرت جي سياست کي هٿي ڏين پيا پر سنڌ ۾ اهڙي سياست ڪامياب نه ٿيندي

مٺي/اسلام ڪوٽ (رپورٽ: نند لال لوهاڻو/ سڪندر علي ٻجير) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿر ڪول منصوبي جي توسيع ۽ پاڪستان جي پهرين ڪوئلو سڪائيڊنڊ يونٽ جو افتتاح ڪري چڪيو ان موقعي تي خطاب ڪندي هن ٿرپارڪر جي غيرمعمولي ترقي کي 18هين آئيني ترميم، صوبائي خودمختياري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جا ثمر قرار بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام ڪوٽ: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿرڪول جي ڪيپيسٽي وڌائڻ واري رٿا جي افتتاح بعد تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي، ٻئي طرف هو انڊس اسپتال ۾ ڊيوٽي ڪندڙ عملي سان گڏ بيٺل آهي

ٿر ڪول بلاڪ ٽو جي توسيع ۽ پاڪستان جي پهرين ڪوئلو سڪائيڊنڊ يونٽ جو افتتاح

ٿر ڪول منصوبو شهيد راڻي جي خواب جي تڪميل آهي، اڄ پاڪستان ترقي ڪري پيو: مراد علي شاهه

1996ع ۾ شهيد بينظير ڀٽو 2640 ميگاواٽ منصوبي جو بنياد رکيو، پ پ حڪومت ان کي اڳتي وڌايو: مراد علي شاهه

ٿر ڪول منصوبو شروع ٿيڻ بعد علائقي ۾ روڊن، اسپتالن، اسڪولن ۽ صاف پاڻي جون سهولتون مليون

ٿرپارڪر جي 60 سيڪڙو مقامي ماڻهن کي روزگار مليو ۽ پنج لک کان وڌيڪ مريضن جو مفت علاج ڪيو ويو

اسلام ڪوٽ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اڄ ڏينهن ٿر بلاڪ II-ڪوئلي جي کاڻ جي فيز III- بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

غزه مارچ فلسطيني مسلمانن سان يڪجهتي ۽ همدردي جي علامت آهي: حافظ نعيم الرحمان

الخدمت فائونڊيشن ذريعي فلسطين ۾ غذائي ۽ طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته غزه مارچ فلسطيني مسلمانن بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

برازيل ۾ صدارتي چونڊون، لولاڊاسلوا ۽ فلاويوبولسونارو ٻي مرحلي ۾ پهچي ويا

برازيليا (اي پي پي) برازيل ۾ صدارتي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نيروبي: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

پي ٽي آءِ هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهين ۾ ناڪامي جو ذميوار حڪومت کي قرار ڏئي ڇڏيو

عمران خان کي ڳالهين ۾ شامل ڪرڻ بنا پونڌو ان ڪانسواءِ ڪجهه به اڳتي نه وڌندو: سلمان اڪرم راجا

ڳالهين دوران واضح ڪيو ويو هو ته عمران خان سان پارٽي اڳواڻن جون ملاقاتون سڀ کان اهم معاملو آهن

حڪومت ڪليل دل سان ڳالهين ۾ حصو ورتو ۽ سمورا معاملا آخري مرحلي ۾ پهچي ويا هئا: بئرسٽر دانيال چوڌري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) هڪ ڀيرو ٻيهر ڳالهين جي ناڪامي جو ذميوار حڪومت کي قرار ڏيندي چيو آهي ته عمران خان کي ڳالهين جي عمل ۾ شامل ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو به معاملو اڳتي نٿو وڌي سگهي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڪشمير جي معاملن وارو وفاقي وزير امير مقام پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

لانگ مارچ کي پنجاب ۽ اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ نه ڏينداسين: امير مقام

ڪي پي ڪي جو عوام انهن جي مفادن واري سياست ۾ سندن مهرو نه بڻجي

آهي ڪنهن شهيد جي گهر تعزيت لاءِ ناهن ويا، لانگ مارچ جو مقصد نه ٻڌائين

ڪجهه ماڻهو اقتدار ۽ احتجاج کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير انجنيئر بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۽ منظم ڌرين خلاف ڪارروائين تيز ڪرڻ جي هدايت

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سيڪيورٽي صورتحال تي غور ويچار

اهم هنڌن، واپاري مرڪزن ۽ حساس علائقن ۾ پوليس گشت ۽ اسنيپ چيڪنگ وڌائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گهرو وزير جي صدارت هيٺ امن امان بابت اعليٰ سطحي اجلاس بعد ۾ سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پاڙيسري ملڪن پنهنجي زمين استعمال ڪرڻ ڏني ته جوابي ڪارروائي ڪنداسين: ايران

ايران خلاف ڪنهن به مستقبل جي حملي لاءِ انهن جي علائقي يا فوجي تنصيبات کي استعمال ڪيو ويو ته سخت ردعمل ڏنو ويندو

تهران پنهنجي پاڙيسرين سان لاڳاپن کي اهميت ڏئي ٿو ۽ پنهنجي خلاف ڪارروائين ۾ سهولت فراهم ڪندڙن کي برداشت نه ڪندو

تهران (م د) ايران پاڙيسري ۽ علائقائي ملڪن کي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا يا اسرائيل پاران ايران خلاف ڪنهن به مستقبل جي حملي لاءِ انهن جي علائقي يا فوجي تنصيبات کي استعمال ڪيو وي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ واڌارو، ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ۾ 1772 پوائنٽس جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سومر ڏينهن ڪاروباري هفتي جي شروعات تي واڌارو جو رجحان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: انفارميشن آفيسر طور ترقي ماڻيندڙ عملدارن کي آرڊر جاري ڪيا ويا

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا ۽ 3 ڌاڙيل مارجي ويا، 97 جوابدار گرفتار

جنجال گوٺ پرسان مقابلي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌاڙيل مارجي ويو، پوليس اهلڪار خرم زخمي ٿي پيو

نيو ڪراچي ۾ شاهين فورس ۽ جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران هڪ ڌاڙيل مارجي ويو، هڪ جوابدار سوگهو

مختلف علائقن ۾ پوليس جي ٽارگيٽڊ ڪارروائن دوران 93 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس جون ڪارروايون، مقابلا ۽ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائين دوران مجموعي طور 3 ملزم مارجي ويا، 2 ڄڻا زخمي ۽ 97 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، سائيٽ سپرهاءِ وي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي جي 18 آفيسرن کي گريڊ 17 ۾ ترقي ڏني وئي

امجد حسين، لجپت، عبيدالرحمان، خادم جتوئي، مهيش ڪمار ۽ ٻين آفيسرن ترقي ماڻي

ميڊيا مئنيجمينٽ، عوامي رابطن ۽ ڊجيٽل ڪميونيڪيشن جون ذميواريون ڏيڻ جو فيصلو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي اطلاعات کاتي مختلف ڪيڊرن سان واسطو رکندڙ 18 آفيسرن کي گريڊ 17 جي انفارميشن آفيسر جي عهدي تي مستقل بنيادن تي ترقي ڏيڻ جو باضابطه نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي ترقي جي سفارش ڊائو ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي (ڊي پي سي) جي اجلاس ۾ ڪئي وئي هئي، جنهن جي مجاز اختيارين باقاعده منظوري ڏني ترقي ماڻيندڙ آفيسر صوبائي سيٽ اپ جي مختلف انتظامي ۽ پروفيشنل بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

بدين: بدين ۾ مقرر ڪيل نئين ڊپٽي ڪمشنر

آمريڪي رياست جارجيا ۾ منعقد هڪ تقريب ۾ فائرنگ، 2 ڄڻا فوت، 35 زخمي

فائرنگ ڏکڻ جارجيا جي شهر ويانا ۾ ٿي، ٻه ڄڻا اڌڙي تي فوت ٿي ويا

اختيارين فائرنگ ۾ ملوث ڪنهن شڪي شخص جي سڃاڻپ ظاهر ناهي ڪئي

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪي رياست جارجيا ۾ هڪ منعقد تقريب دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ 35 زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق رياستي بيورو آف انويسٽيگيشن ٻڌايو ته فائرنگ ڏکڻ جارجيا جي شهر ويانا ۾ ٿي فائرنگ ۾ 21 ۽ 23 سال ٻه ڄڻا اڌڙي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته زخمين کي علائقائي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو ٻڌايو ويو آهي ته تقريب ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهو شريڪ هئا ۽ ان دوران گهٽ ۾ گهٽ 50 گوليون هلايون ويون اڪثر ماڻهو گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيا جڏهن ته ڪجهه ماڻهو ڀاڄ ڀوڄ سبب بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ ڪوچ جي ٽڪر ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ٽيسٽ لاءِ آيل ڀٽو عاقل واسي نوجوان فوت

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ نسيم نگر پرسان سنڌ يونيورسٽي ۾ ٽيسٽ لاءِ آيل نوجوان تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو آهي خبر موجب بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ ڪراچي پوليس چيف تقريب ۾ شريڪ آهن

اسپين ۾ شديد برساتون، ٻوڏ سبب 2 ڄڻا فوت، هڪ لاپتا

بارسلونا جي اتر ۾ ٽوريڊيرا ۾ هڪ پٽ ڪرڻ سبب هڪ شخص فوت ٿيو

اختيارين ريڊ الرٽ جاري ڪندي شهرين کي گهرن ۾ رهڻ جي هدايت ڪئي

ميڊرڊ (اي پي پي) اسپين جي اتر اوڀر واري علائقي ڪاتالونيا ۾ شديد برساتن ۽ ٻوڏ سبب 2 ڄڻا فوت جڏهن ته هڪ زخمي ٿي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

تعليمي ادارن ۽ مختلف شهرن ۾ اي اين ايف جو وڏو ڪريڪ ڊائون، 11 گرفتار

85لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 34.317 ڪلو گرام منشيات ۽ هٿيار هٿ

گرفتار جوابدار تعليمي ادارن جي شاگردن کي منشيات سپلاءِ جو اعتراف ڪيو

راولپنڊي (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس منشيات اسمگلرن خلاف انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروايون جاري رکندي وسيع بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ قيادت ڪارڪنن کي اڳيان ڪري پاڻ لڪي وئي: خواجه آصف

ڪارڪنن کي روڊن تي آڻي پاڻ کي محفوظ گاڏين ۾ لڪائڻ بهادري ناهي

نام نهاد بهادر ليڊر بم پروف ۽ بلٽ پروف گاڏين ۾ ڪوئن وانگر لڪل آهن

اسلام آباد(اي پي پي) دفاع بابت وفاقي وزير خواجه محمد آصف پاڪستان تحريڪ انصاف جي قيادت ۽ احتجاج جي حڪمت عملي تي شديد تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته ڪارڪنن کي روڊن تي آڻي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

استادن جي محنت ۽ قربانيون پاڪستان جي روشن مستقبل جو بنياد آهن: پ پ چيئرمين

ڪين کي عزت، سهولتون، پيشه ورانه آزادي ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي

خانگي ادارن جي استادن جي ملازمت جي تحفظ ۽ بنيادي حقن لاءِ اثرائتو طريقيڪار جوڙيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عالمي يوم استادن جي موقعي تي سڄي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

استاد قوم جا معمار ۽ معاشري جي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا: مراد علي شاهه

اهي نئين نسل کي علم، شعور ۽ اخلاقي قدرن سان سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

سنڌ حڪومت استادن جي مسئلن جي حل ۽ سندن مقام وڌيڪ بلند ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي يوم استادن جي موقعي تي ملڪ ۽ خاص طور سنڌ سميت بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير رياض حسين پيرزادو ۽ مصدق ملڪ قومي هائوسنگ پاليسي جاري ڪري رهيا آهن

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

5 آڪٽوبر 1966ع تي پيرس ۾ هڪ خصوصي بين الحڪومتي ڪانفرنس منعقد ٿي

سڄي ملڪ ۾ سرڪاري، غير سرڪاري ۽ سماجي ادارن جي انتظام هيٺ مختلف پروگرام ٿيا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو سومر ڏينهن 5 آڪٽوبر تي ملهايو ويو ان ڏينهن بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

تعليم جي هر ڪامياب سفر جي مرڪز ۾ استاد هوندو آهي: سردار شاهه

ڪراچي ۾ تقريب دوران 89 هيڊ ٽيچرز ۽ 100 استادن کي ايوارڊ ۽ شيلڊون ڏنيون ويون

مصنوعي ذهانت جي چئلينجن سبب تعليمي نظام جديد بڻائڻ جي ضرورت آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) استادن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي استادن کي پيش ڪرڻ لاءِ سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهه تقريب دوران شيلڊون ورهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ هٿياربندن جي ڪارروائي، پيٽرول پمپ ملازمن کان 62 لک رپيا ڦري ويا

ڪورنگي ۾ 4 هٿياربند جوابدار بئنڪ ۾ رقم جمع ڪرائڻ ويندڙ ملازمن کي يرغمال بڻايو

جوابدار رقم سان پريل ٿيلهو ڪسي فرار ٿي ويا، واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ اچي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي نمبر 5 ۾ عوامي پيٽرول پمپ جي ملازمن کان 62 لک رپيا ڦري بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو هڪ ڌاڙيل مارجي ويو، هڪ گرفتار

سحر سينٽر ويجهو شاهين فورس ۽ ڌوڙن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو

پوليس سندس هڪ ساٿي کي گرفتار ڪري ورتو مارجي ويل ڌاڙيل جو لاش اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بلال ڪالوني ٿاڻي جي پوليس مطابق نيو ڪراچي سيڪٽر 5 M ۾ سحر سينٽر بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ فائرنگ ۾ عورت سميت 4 ڄڻا فوت

گلشن اقبال ۾ گهر اندر فائرنگ سان عورت قتل، مختلف علائقن ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب 2 ڄڻا فوت

منگهوپير، قائد آباد ۽ ايف بي ايريا ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت چار ڄڻا مارجي ويا جڏهن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ پاران مصنوعي ذهانت جي شعبي ۾ "سپر انٽيليجنس فورس" جو اعلان

فورس جو مقصد وفاقي حڪومت جي ڪوشش کي مربوط ڪرڻ هوندو

واشنگٽن - 05 آڪٽوبر (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ مصنوعي ذهانت جي شعبي ۾ حڪومتي ڪوشش کي مربوط ڪرڻ لاءِ نئون "سپر انٽيليجنس فورس" قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ميڊيا مطابق آمريڪي صدر سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي جاري بيان ۾ چيو ته وائيٽ هائوس ۾ ٽيڪنالاجي ڪمپنين جي سربراهن سان ٿيل معاهدي بعد "سپر انٽيليجنس فورس" جوڙيو پيو وڃي ان مطابق فورس جو مقصد وفاقي حڪومت جي ڪوشش کي مربوط ڪندي آمريڪا کي جديد مصنوعي ذهانت ۾ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

برطانيا جي وزيراعظم پاران يورپي يونين ۾ ٻيهر شامل ٿيڻ جو اشارو

بريگزٽ برطانيه کي فائدي بدران وڌيڪ نقصان پهچايو آهي: اينڊي برنهم

لنڊن (اي پي پي) برطانيا جي وزيراعظم اينڊي برنهم يورپي يونين سان برطانيه جي مستقبل جي لاڳاپن تي ٻيهر بحث شروع ڪندي يورپي يونين ۾ ٻيهر شامل ٿيڻ کي به امڪاني آپشن قرار ڏنو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق اينڊي برنهم ليبر پارٽي جي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته بريگزٽ برطانيه کي فائدي بدران وڌيڪ نقصان پهچايو آهي هن يورپي شراڪتدارن بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

شديد گرمي سبب ڳورهارين عورتن ۽ ٿاڻن ڄاول ٻارن کي خطرا

شديد گرمي سبب وقت کان اڳ پيدائش، مئل ٻارن جي پيدائش ٿئي ٿي

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي موسمياتي معاملن واري سربراه سائمن اسٽيل چيو آهي ته سخت گرمي ڳورهارين عورتن ۽ ٿاڻن ڄاول ٻارن لاءِ خطرن ۾ اضافو ڪري رهي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هو اڄ موسمياتي تبديلين جي حوالي سان فجي جي شهر نادي ۾ منعقد "پري ڪوپ" ڪانفرنس کي خطاب ۾ هڪ نئين تحقيق جو حوالو ڏيندو ان تحقيق مطابق پنجن وڏن ڪنڊن ۾ صحت جي شعبي سان لاڳاپيل ۽ پاڻي تي ڪان وڌيڪ ماڻهن گڏيل پنجن سالن دوران عورتن ۽ ٻارن ۾ پيدا ٿيل اهڙين طبي پيچيدگين جو مشاهدو ڪيو آهي جنهن جو سبب سخت گرمي آهي موسمياتي تبديلي سبب حمل دوران شديد بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا سميت سڄي ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

وزيراعظم پاران ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٽن خارجي دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروايون دهشتگردن جي نيٽ ورڪس تي هڪ وڏي ضرب آهن: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٽن خارجي دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي سومر ڏينهن وزيراعظم بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پولينڊ جو سينئر قونصلر ٽومس سيمونائيڪ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ معمولي گهٽتائي رڪارڊ

لنڊن (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ معمولي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي آهي جنهن جو وڏو سبب وچ اوڀر ۾ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

رياض: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جو رياض پهچڻ تي استقبال ڪيو پيو وڃي

رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ تي اسحاق ڊار جي حاضري

نائب وزيراعظم مڪي معاهدي تحت اجلاس ۾ شرڪت کان اڳ مدينه منوره پهتو

اسحاق ڊار روضي رسول ﷺ تي پاڪستان جي امن ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون

مدينه (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سومر ڏينهن رياض ۾ مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت ٿيندڙ اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ کان اڳ مدينه منوره پهتو پرڏيهي آفيس جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي هڪ منصوبابندي تحت مڙهي وئي، غلط پاليسين سبب ملڪ ورهائجي رهيو آهي: سهيل آفريدي

خيبرپختونخوا کي غلط پاليسي جو حصو بڻجڻ تي مجبور ۽ صوبي سان امتيازي ورتاءُ ڪيو پيو وڃي: وزيراعليٰ ڪي پي ڪي

اڻون هر اهڙي پاليسي خلاف آهن جيڪا عوام جي مفاد ۾ نه هجي، ملڪ ۾ موجوده نظام خلاف نفرت نظر اچي رهي آهي

خيبر کان ڪراچي تائين هر ماڻهو اسلام آباد وڃڻ چاهي ٿو، باني عمران خان ملڪ ۾ حقيقي سياسي تبديلي آڻي سگهي ٿو

ڪرڪ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي الزام لڳايو آهي ته دهشتگردي هڪ رٿابندي تحت مڙهي وئي ۽ غلط پاليسين سبب ملڪ ورهائجي رهيو آهي ڪرڪ مان لانگ مارچ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي نوجوانن سان تعليمي معاملن ۾ ناانصافيون ڪيون پيون وڃن: فاروق ستار

ايم ڊي ڪيٽ جي امتحان ۾ خرابين جو سلسلو جاري آهي، امتحاني فيس ۾ واڌ ڪئي وئي

سنڌ جا سمورا وسيلا، تعليم ۽ صحت جا ادارا وڏيرن ۽ جاگيردارن جي قبضي ۾ آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار سنڌ ۾ بدترين ڪرپشن بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

روس جيت ڊرون ٽيڪنالاجي اتر ڪوريا کي فراهم ڪئي: يوڪرين جي دعويٰ

ڪيف (اي پي پي) يوڪرين جي صدر ولاديمير زيلنسڪي چيو آهي ته سنڌس بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رکيون وڃن: صدر

صدر پاران ڊيرا اسماعيل خان ۾ ٽن پرڏيهي دهشتگردن کي مارڻ تي جوانن کي خراج تحسين

ٻاهرين مدد سان سرگرم دهشتگرد عنصرن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻائينداسين: صدر آصف زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز کي آپريشن ۾ ٽن پرڏيهي دهشتگردن کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سرڪاري حج اسڪيم تحت حج 2027ع جي بقاياڻن جي ٻي قسط جي وصولي شروع، 20 آڪٽوبر تائين جاري رهندي

اسلام آباد (اي پي پي) سرڪاري حج اسڪيم تحت حج 2027ع جي بقاياڻن بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم ڪراچي جي ٻارن جي هٿن ۾ بندوق ڏني، لساني سياست هاڻ نه هلندي: شرجيل ميمڻ

فاروق ستار وٽ ايم ڊي ڪيٽ ۾ بي ضابطگين جا ثبوت آهن ته پيش ڪري، رڳو الزام اجايا آهن

نوجوان هاڻي ڪتاب ۽ قلم ڏانهن اچي رهيا آهن، ڪين ٻيهر خوف ۽ تشدد واري سياست ڏانهن نه ڌڪيو وڃي

ريڊ لائن بي آر ٽي جي تعميراتي ڪم ڪي ايم ڊي ڪيٽ نتيجن سان ڳنڍڻ احمقاڻو دليل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اسان ٻارن ۾ فرق ناهيون ڪندا، ڪراچي جو ٻار به اسان جو ٻار آهي ۽ ٿر بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪوئيٽا: بلوچستان جو گورنر جعفر خان مندوخيل پاڪ ايران چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽريز ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ پاڪستان پُرعزم آهي: وزيراعظم محمد شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

صوماليه جي سمنڊ ڪناري ويجهو هاءِ جيڪ ٿيل ايم ٽي آنر 25 جي پاڪستاني عملي جي باقي 3 ميمبرن کي حفاظت سان بازياب ڪرايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

تعليم يافته، باشعور ۽ مهذب معاشري جي جوڙجڪ ۾ استادن جو ڪردار مرڪزي حيثيت رکي ٿو: سردار اياز صادق

ته استاد نئين نسل کي علم ۽ شعور سان تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪين انهن جي قومي ذميوارين ۽ فرضن کان به آگاهه ڪندا آهن

هڪ مضبوط تعليمي نظام ذريعي باشعور، تعليم يافته ۽ باصلاحيت معاشري جي جوڙجڪ ممڪن آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق استادن جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته تعليم يافته، باشعور ۽ مهذب معاشري جي جوڙجڪ ۾ استادن جو ڪردار مرڪزي حيثيت رکي ٿو هن چيو ته استاد نئين نسل کي علم ۽ شعور سان تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪين انهن جي قومي ذميوارين ۽ فرضن کان به آگاهه ڪندا آهن هن استادن جي خدمتن کي قدر ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسڻ ۽ انهن جي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڀريو هن انهن خيالن جو اظهار استادن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪيو بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو وزير سان چيني قائم مقام قونصل جنرل جي ملاقات، سهڪار

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ ڊگهي دوستي، باهمي اعتماد ۽ گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي

سنڌ ۾ جاري ۽ مستقبل جي ترقياتي منصوبن، سيڙپڪاري ۽ معاشي سهڪار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چين جي قائم مقام بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چين جي وقتي قونصل جنرل کي اجرڪ اوڍائي رهيو آهي

فنڪشنل ليگ ڪي پي ايس سطح تائين منظم ۽ فعال بڻائڻ جو فيصلو

سردار عبدالرحيم جي صدارت هيٺ اجلاس، تنظيمي معاملن ۽ سرگرمين بابت غور ويچار

پاڻي، بجلي، گيس، صفائي، نيڪال، روڊن ۽ ٽرانسپورٽ ۽ ٻين مسئلن لاءِ ڀرپور آواز اٿارڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم جي صدارت هيٺ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام ڪوٽ: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ڇاتي جي ڪينسر بابت جاڳرتا تقريب ۾ شريڪ آهي

153 هين آءِ پي يو اسيمبلي، پاڪستان جو بنگلاديشي اميدوار جي ايگزيڪيوٽو ميمبرشپ لاءِ مڪمل حمايت جو اعلان

اروشا/تنزانيه (اي پي پي) پاڪستان بين البارلياماني يونين (آءِ پي يو) جي 153 هين اسيمبلي جي موقعي تي ايشيا پيسفڪ جيوپوليٽيڪل گروپ جي اجلاس ۾ بنگلاديش جي اميدوار جشرت عاديب بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

خيرپور رياست جو آخري حڪمران هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر لاڏاڻو ڪري ويو

طبيعت خراب ٿيڻ تي کيس سکر جي ايس آءِ يو ٽي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي دم ڏئي حوالي ڪيو

لاڏاڻي کان پوءِ ڪوٽ ڏيجي شهر ۾ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي، ڪيترائي ماڻهو تڏي تي پهچي ويا

مرحوم جي جنازي نماز 6 آڪٽوبر اڱاري ڏينهن صبح 11 وڳي ٽڪر محلو بنگلو ڪوٽ ڏيجي ۾ ادا ڪئي ويندي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور/اڳوڻي رياست خيرپور جو آخري حڪمران هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني 93 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو طبيعت خراب ٿيڻ تي کيس سکر جي SIUT اسپتال بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

خيرپور: رياست خيرپور جو آخري حڪمران مير جارج مراد علي ٽالپر جيڪو لاڏاڻو ڪري ويو

مير علي مراد خان ٽالپر ثاني 29 جون 1933ع تي انگلينڊ ۾ پيدا ٿيو

ابتدائي تعليم سينٽ بوناوينچر هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي

اعليٰ تعليم لاءِ برطانيا ويا ۽ ڪيمبرج يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي

خيرپور: مرحوم هزهائينس مير علي مراد خان ٽالپر ثاني 29 جون 1933ع تي انگلينڊ جي شهر برائٽن، سسيڪس ۾ پيدا ٿيا هو مير فيض محمد خان ٽالپر ثاني جا فرزند ۽ پاشا بيگم جا صاحبزادا هئا هن بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

خيرپور رياست جي آخري حڪمران جي لاڏاڻي تي اڳواڻن پاران ڏک جو اظهار

وڏي وزير مراد علي شاهه پاران مرحوم جي پٺن ۽ سوڳوار خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه رياست خيرپور جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي پٺن ۽ سوڳوار خاندان سان دلي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

مير علي مراد خان ٽالپر ۾ شاديون ڪيون، ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ جو اولاد پويان ڇڏيو

خيرپور: مير علي مراد خان ٽالپر ٻه شاديون بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

يمن جي سربراه پاران حوثي مليشيا خلاف فوجي ڪارروائين جو اعلان

پنهنجي قوم جي تاريخ جي هڪ فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون

انهن علائقن جو عوام فوجي ڪارروائين جو هدف ناهي: رشاد محمد العليمي

صنعاء(اي پي پي) يمن جي صدارتي قيادت ڪائونسل جي سربراه رشاد محمد العليمي حوثين جي ڪنٽرول هيٺ باقي رهيل علائقن کي واپس وٺڻ لاءِ فوجي ڪارروائين جي شروعات جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق العليمي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اڄ اسان پنهنجي قوم جي تاريخ جي هڪ فيصلائتي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون رياست امن جو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن العليمي مطابق انهن فوجي ڪارروائين جو مقصد حوثين جي ڪنٽرول هيٺ علائقن ۾ رهندڙ شهرين لاءِ امن حقن ۽ وقار جي بحالي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

آمريڪا برطانوي فوجي اڏي تان پنهنجا بمبار جهاز هٽائي ڇڏيا

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا برطانيا جي آر اي ايف فيئر فورڊ اڏي تان پنهنجا سمورا بمبار جهاز واپس ملڪ ۾ انهن جي مستقل اڏن تي منتقل ڪري ڇڏيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق ان حوالي سان آمريڪي اهلڪار ان جي تصديق ڪئي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 — روزاني عبرت

ڏيندي چيو ته اسلام آباد کي به ٿر جي ڪامياب ترقياتي ماڊل مان سکڻ گهرجي ۽ ملڪ ۾ اهڙي طرح جا ترقياتي منصوبا هئڻ وڌرائڻ گهرجن بلاول ڀٽو زرداري ٿر ڪول بلاڪ ٽو جي توسيعي منصوبي ۽ بلاڪ ون ۾ پاڪستان جي پهرين ڪوئلو سڪائيڊنڊ يونٽ جي افتتاحي تقريبن کي خطاب ڪندي چيو ته هن پنهنجي اکين سان ٿر ۾ جيڪا تبديلي ڏٺي آهي، اهڙي تبديلي پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ تمام گهٽ نظر اچي ٿي ٿرپارڪر ۾ رڳو انفرااسٽرڪچر صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ ئي تبديلي نه آئي آهي، پر هر شعبي ۾ ترقي ٿي آهي، اڄ سڄو پاڪستان حيران آهي ته ٿرڪول ڪان ڪٿي پهچي ويو آهي. هن چيو ته ٿرپارڪر جي ترقي ملڪ جي نظام 1973ع جي آئين ۽ 18هين آئيني ترميم جي وڏي ڪاميابي جو مثال آهي اسلام آباد کي گهرجي ته ٿر جيان ڪم ڪري ۽ هن ڪامياب ماڊل مان سکڻ گهرجي پيپلز پارٽي چيئرمين چيو ته ٿرپارڪر ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت بجلي جي پيداوار پهريان 600 ميگاواٽ هئي جيڪا هاڻي وڌي 2000 ميگاواٽ تائين پهچي چڪي آهي. ٿر سان قومي گرڊ کي لڳ ڀڳ 14 سيڪڙو بجلي فراهم ٿي رهي آهي، جيڪا گهٽ لاڳت تي پيدا ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته هڪ وقت اسلام آباد جا ماهر چوندا هئا ته ٿر جو ڪوئلو بيڪار آهي ۽ ان کي ڪيڻ يا ان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جو ڪو فائدو ناهي پر اڄ ٿر جي ڪوئلي سبب پاڪستان جا هڪ ارب 60 ڪروڙ ڊالرن جا قيمتي پرڏيهي ناڻو بچي رهيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري ٿرپارڪر جي اسڪولن جي شاگردن جي شاندار ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته ٿر جهڙي پٺتي پيل علائقي جا ٻار ملڪ جي اهم امتحانن ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري رهيا آهن، جڏهن ته هڪ شاگرد چين جو امتحان پڻ ٽاپ ڪيو آهي، جيڪا سڄي پاڪستان لاءِ فخر جي ڳالهه آهي هن چيو ته ٿر جي ٻارن جو ايم ڊي ڪيٽ امتحان ۾ ٽاپ ڪرڻ هاڻي روايت بڻجي چڪو آهي سنڌس چوڻ هو ته جيڪي عنصر ڪراچي ۾ نفرت ۽ ورهاست جي سياست ڪن ٿا، اهي ٿر جي ٻارن جي ڪاميابين تي ڪين مبارڪون ڏيڻ بدران پنهنجي نفرت جي سياست جاري رکن ٿا. ان شاءَ الله اسان نفرت جي سياست کي دفن ڪنداسين ۽ ٿر ترقي ڪندو رهندو ۽ ٿر جا ٻار اڳتي وڌندا رهندا. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٿر ڪول ۾ پيدا ٿيندڙ روزگار جي موقعن مان 94 سيڪڙو ملازم سنڌ سان تعلق رکن ٿا، جڏهن ته 60 سيڪڙو ملازم ٿرپارڪر ضلعي جا رهواسي آهن هن زور ڏنو ته جيڪڏهن پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۽ اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقلي ترقي ۽ ڪاميابي جا اثرائتا ماڊل ثابت ٿيا آهن ته انهن کي سڄي ملڪ ۾ لاڳو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته جڏهن هو پرڏيهي وزير هو ته ٿر جي ٻئي مرحلي بابت وزيراعظم شهباز شريف کي هٿي وٺي آيو هو ان وقت وزيراعظم ٿر جي پيداواري صلاحيت وڌائڻ جي درخواست ڪئي هئي، جنهن ڪانپوءِ ٿر جي پيداواري صلاحيت ٻيڻي ڪئي وئي آهي ۽ مستقبل ۾ ان ۾ وڌيڪ واڌ ڪئي ويندي. پيپلز پارٽي چيئرمين چيو ته هاڻي ٿر جي ڪوئلي مان رڳو بجلي پيدا نه ڪئي پئي وڃي پر ان جي استعمال کي مختلف شعبن تائين وڌايو پيو وڃي ٿر ڪول مان پاڻي جي پيداوار ۽ ڪوئلي مان گئس تيار ڪرڻ جي منصوبن تي پڻ ڪم جاري آهي، ته جيئن ٿر جي وسيلن مان وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهجي عالمي سطح تي پاڻ جي کوٽ ۽ پيدا ٿيل بحران جو ذڪر ڪندي هن لاڳاپيل ادارن تي زور ڏنو ته ٿر جي ڪوئلي مان پاڻ تيار ڪرڻ وارو منصوبو تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي، جيئن جلد ان جو افتتاح ڪري مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرايو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ ۾ اها ڳالهه زبردستي هلائي پئي وڃي ته نظام ناڪام ٿي چڪو آهي، تنهنڪري نوان صوبا ٺاهڻ گهرجن هن چيو ته جيڪڏهن هڪ لمحي لاءِ به اهو دليل تسليم ڪيو وڃي ته اسلام آباد ناڪام ٿي چڪو آهي ته پوءِ اسلام آباد ٿرپارڪر جي ماڊل حوالي ڪيو وڃي، اهي ان کي به ٺيڪ ڪري ڇڏيندا. هن چيو ته جيڪڏهن اسلام آباد ٿرپارڪر جي ماڊل حوالي ڪيو وڃي ته اسلام آباد جا ٻار به هر امتحان ۾ ٽاپ ڪندا ۽ جيئن ٿر جي اسپتالن کي عالمي معيار تي آندو ويو آهي، تيئن اسلام آباد جو صحت عامه وارو نظام به 100 سيڪڙو مفت ۽ عالمي معيار جو بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته ٿر جي نوجوانن ۽ سياستدانن کي اسلام آباد جي ذميواري ڏني وڃي ته اهي ثابت ڪري ڇڏيندا ته ٿر جا ماڻهو ڇا ڪجهه ڪري سگهن ٿا. بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي ڪاروباري برادري کي سيڙپڪاري جي دعوت ڏيندي چيو ته جيئن پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ذريعي ٿرپارڪر ۾ وڏي تبديلي آندي وئي آهي، تيئن هن ماڊل کي ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ پڻ هٿي ڏئي سگهجي ٿي. هن چيو ته سنڌ حڪومت وٽ ڪيترائي منصوبا پائپ لائن ۽ عملدرآمد جي مرحلن ۾ آهن، جن ذريعي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ڪراچي سميت سنڌ جي سامونڊي علائقن ۾ ترقي جا نوان موقعا پيدا ڪيا ويندا. هن ٻڌايو ته ڪراچي ۾ هڪ ڪارنيش منصوبي تي ڪم جاري آهي، جيڪو صوبائي حڪومت ڊي ايڇ اي سان گڏجي تيار ڪرڻ چاهي ٿي ڊبئي ۾ ڊي آءِ ايف سي جي طرز تي سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت سنڌ انويسٽمينٽ زون قائم ڪرڻ چاهي ٿي

بقايا 2 — روزاني عبرت

ملڪ جي استادن کي مبارڪباد ڏيندي استادن جي خدمتن ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته استادن جي محنت ۽ قربانيون پاڪستان جي روشن مستقبل جو بنياد آهن استاد صرف نصاب نه پڙهائيندو آهي، پر شاگردن ۾ شعور ۽ سوال ڪرڻ جي همت پڻ پيدا ڪندو آهي استاد نئين نسل ۾ بهتر معاشرو جوڙڻ جي صلاحيت پيدا ڪن ٿا. هن چيو ته استادن کي عزت، مناسب سهولتون، پيشورانه آزادي ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي. معياري تعليم ۽ استادن جي ڀلائي تي ڌيان ڏيڻ ملڪ جي مستقبل ۾ سيڙپڪاري آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته خاص طور تي خانگي تعليمي ادارن جي استادن جي پگهارن ۾ منصفاڻي واڌ جي ضرورت آهي، جڏهن ته خانگي ادارن جي استادن جي ملازمت جي تحفظ ۽ بنيادي حقن لاءِ اثرائتو طريقيڪار جوڙيو وڃي. استادن جي حقن جو تحفظ ۽ سندن ڀلائي رياست جي ذميواري آهي. هن چيو ته تعليم هميشه پاڪستان پيپلز پارٽي جي بنيادي ترجيحن ۾ شامل رهي آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 1973ع جي آئين تعليم کي بنيادي حق قرار ڏنو جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جولاءِ هر ٻار کي بنا فرق جي هڪجهڙي معياري تعليم فراهم ڪرڻ هو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومتن دوران تعليمي ادارن جو قيام ۽ واڌارو هميشه ترجيح رهيو آهي پيپلز پارٽي استادن جي خدمتن ۽ جدوجهد کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي ۽ استادن جي حقن، مسئلن جي حل ۽ پيشورانه وقار لاءِ هميشه اڳڀرو ڪردار ادا ڪندي رهندي

بقايا 3 — روزاني عبرت

سڄي ملڪ جي استادن کي خراج تحسين ۽ دلي مبارڪباد پيش ڪئي آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته استاد قوم جا معمار ۽ معاشري جي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. استاد نئين نسل کي علم، شعور ۽ اخلاقي قدرن سان سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت استادن کي درپيش مسئلن جي حل ۽ سندن مقام ۽ مرتبي کي وڌيڪ بلند ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي معياري تعليم جي فروغ لاءِ استادن کي بهتر تعليمي ماحول ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته استادن جي محنت ۽ خدمتن ڪانسواءِ تعليم جي شعبي ۾ ترقي ممڪن ناهي هڪ مضبوط، باشعور ۽ ترقي يافته معاشري جو بنياد معياري تعليم ۽ بهترين استاد آهن وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت تعليم جي فروغ ۽ استادن جي ڀلائي لاءِ عملي قدم جاري رکندي عالمي يوم استادن جو ڏينهن اسان کي ان عزم جي تجديد جو موقعو ڏئي ٿو ته استادن کي سندن جائز مقام ۽ عزت ڏني وڃي سيد مراد علي شاهه سنڌ سميت ملڪ جي سمورن استادن کي عالمي يوم استادن جي موقعي تي دلي مبارڪباد پيش ڪئي

بقايا 4 — روزاني عبرت

جي توسيع ۽ پاڪستان جي تاريخ جي پهرين ڪوئلي کي سڪائيڊنڊ يونٽ جو افتتاح ڪيو جيڪو ان سفر ۾ هڪ ٻيو سنگ ميل آهي جنهن جي شروعات ڪي ڏهاڪا اڳ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ان خواب سان ٿي هئي ته پاڪستان جي توانائي جي تحفظ لاءِ ٿر جي وسيع ڪوئلي جي ذخيرن کي ڪم ۾ آندو وڃي ٿر ڪول بلاڪ II جي ۾ هڪ وڏي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ٿر جي عوام، پورهيتن، انجنيئرن ۽ سيني ڌرين کي ڀرپور پيدا پيش ڪئي جن هڪ خواب کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ پنهنجو حصو ملايو هن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ٿر جو دورو ڪرڻ ۽ انهن منصوبن جي لڳاتار حمايت ڪرڻ تي ٿورو مڃيو جن هن خطي جي معاشي مستقبل کي هڪ نئون روپ ڏنو آهي وڏي وزير ان موقعي کي هڪ اهڙي سفر جو تاريخي تسلسل قرار ڏنو جيڪو 1996ع ۾ شروع ٿيو هو جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو ٿر ۾ 2,640 ميگاواٽ جي ڪوئلي تي هلندڙ بجلي جي منصوبي جو بنياد رکيو هو هن ان ڳالهه جي اهميت کي ياد ڪندي ٻڌايو ته ان منصوبي جو بنياد اڳوڻي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه (جيڪو هاڻوڪي وڏي وزير جو والد آهي) جي دور ۾ رکيو ويو هو جڏهن ته اڄ ان جو افتتاح بينظير ڀٽو جو پٽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪري رهيو آهي ۽ مراد علي شاهه سنڌ جي وڏي وزير طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي هن چيو ته هي منصوبو هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پهچندڙ خواب جي تڪميل جي نمائندگي ڪري ٿو بينظير ڀٽو ٿر جي عوام جي حالت سڌارڻ سان گڏ پاڪستان جي توانائي جي بحران کي حل ڪرڻ جو خواب ڏٺو هو اڄ اهو خواب حقيقت بڻجي رهيو آهي مراد علي شاهه چيو ته بينظير ڀٽو جي حڪومت کي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ هي منصوبو سالن تائين نظرانداز جو شڪار رهيو جنهن جي ڪري انهن فائدن ۾ دير ٿي جيڪي پاڪستان جي توانائي واري شعبي کي نمايان طور تي مضبوط ڪري سگهيا ٿي هن وڌيڪ چيو ته جڏهن 2008ع ۾ پي پي پي ٻيهر اقتدار ۾ آئي ته صدر آصف علي زرداري ان منصوبي کي ٻيهر جيئرو ڪيو ۽ ڪيترن ئي چئلينجن جي باوجود ان تي عملدرآمد کي اڳتي وڌايو وڏي وزير ياد ڏياريو ته اهڙا وقت به آيا جڏهن منصوبي کي غير يقيني صورتحال ۽ وفاقي سطح تي حمايت جي کوٽ جو به سامنا ڪرڻو پيو پر تنهن هوندي به سنڌ حڪومت ۽ نجي سيڙپڪارن جي عزم ۽ ڀائيواري جي ذريعي هي منصوبو اڳتي وڌيو هن چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ ان وقت جي وزيراعظم نواز شريف 2014ع ۾ هڪ نازڪ مرحلي دوران گڏجي هن منصوبي جي ترقيءَ جي حوصلا افزائي ڪئي هئي هن چيو ته اسان هميشه چوندا هئاسين ته جيڪڏهن ٿر بدلجندو ته پاڪستان بدلجندو اڄ اسان فخر سان چئي سگهون ٿا ته اسان اهو واعدو پورو ڪري ڏيکاريو آهي. فيز III جي توسيع: تقريب ۾ بريفنگ ڏيندڙ عملدارن ٻڌايو ته فيز III جي توسيع سان کاڻ جي گنجائش سالياني 7.6 مليين ٽن (MTPA) مان وڌي 11.2 مليين ٽن ٿي وئي آهي، جنهن ۾ سالياني 3.6 مليين ٽن جو اضافو ٿيو آهي هيءَ توسيع 100 سيڪڙو سلف فائنانسنگ جي ذريعي مڪمل ڪئي وئي آهي جيڪا هن منصوبي تي سيڙپڪارن جي اعتماد جو چٽو ثبوت آهي ڪوئلي جي هيءَ اضافي پيداوار لڪي اليڪٽرڪ پاور ڪمپني جي 660 ميگاواٽ جي پاور پلانٽ کي ٻارڻ فراهم ڪندي جنهن سان ٿر بلاڪ II جي ڪوئلي مان پيدا ٿيندڙ ڪل بجلي 1,320 ميگاواٽ مان وڌي 1,980 ميگاواٽ ٿي ويندي، جيڪا روزاني تقريبن 45 لک گهرن کي بجلي فراهم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي منصوبي جي عملدارن چيو ته کاڻ جي ويجهو بجلي پيدا ڪرڻ جو خرچ تقريبن 3.75 ڊالر في MMBtu آهي جيڪو ڪيس ملڪ ۾ موجود توانائي جي سستا ترين ذريعن مان هڪ بڻائي ٿو ۽ امپورٽڊ ڪوئلي جي ڀيٽ ۾ تقريبن ٽي گنا سستو ٿيندو آهي اميد آهي ته هن توسيع سان بجلي جي پيداواري خرچن ۾ سالياني تقريبن 15 ارب رپيا ۽ غير ملڪي مٽاسٽا جي ناڻي ۾ سالياني تقريبن 220 ملين ڊالرن جي بچت ٿيندي جڏهن ته ڪم شروع ٿيڻ کان وٺي هيل تائين مجموعي پرڏيهي ناڻي جي بچت 1.7 ارب ڊالرن کان وڌي چڪي آهي. ٿر جي تبديلي: وڏي وزير چيو ته ٿر ڪول پراجيڪٽ ان خطي کي بدلائي ڇڏيو آهي جيڪو ڪڏهن ڏڪار ۽ محرومين جي ڪري سڃاتو ويندو هو ۽ هاڻي اهو معاشي سرگرمين ۽ موقعن جو مرڪز بڻجي چڪو آهي هن چيو ته جڏهن اسان هن سفر جي شروعات ڪئي هئي تڏهن ٿر ۾ روڊن، صحت جي سهولتن تعليمي ادارن ۽ بنيادي ڍانچي جي کوٽ هئي اڄ جديد روڊن، هڪ ايئرپورٽ، اسڪولن، اسپتالن ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي منصوبن هن خطي جو نقشو بدلائي ڇڏيو آهي مراد علي شاهه واضح ڪيو ته سنڌ حڪومت عوامي ڀلائي جا وسيع قدم کنيا آهن جن ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي اسلام ڪوٽ ۾ تنين گهريلو صارفين لاءِ مفت بجلي جي فراهمي ۽ ڏورانهن ڳوٺن ۾ سولر انرجي جا منصوبا شامل آهن هن اعلان ڪيو ته علائقي ۾ صحت جي سهولتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ اسلام ڪوٽ ۾ 50 بسترن تي ٻڌل ماءُ ۽ ٻار جي اسپتال هڪ سال اندر مڪمل ڪئي ويندي. ڪميونٽي جي ترقي ۽ روزگار: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته هن منصوبي سان لاڳاپيل 94 سيڪڙو ملازم ۽ سروس فراهم ڪندڙن جو تعلق سنڌ سان آهي جڏهن ته 60 سيڪڙو ٿرپارڪر جا رهواسي آهن ٿر فائونڊيشن ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان پنج لک کان وڌيڪ مريضن جو مفت طبي علاج ڪيو ويو آهي هر مهيني هڪ ڪروڙ 20 لک ليٽر کان وڌيڪ پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ ڪميونٽي جي ترقي جي قدمن تحت قائم ڪيل تعليمي ادارن ۾ 5,000 کان وڌيڪ شاگرد داخلا وٺي چڪا آهن پي پي پي جي چيئرمين کي آگاهي ڏني وئي ته ماحولياتي تحفظ جي پروگرامن تحت تقريبن ٻارهن لک بوٽا لڳايا ويا آهن، جڏهن ته هزارين گهرن کي سولر سسٽم، صفائي سٿرائي ۽ روزگار جي اسڪيمن مان فائدو پهتو آهي.

بقايا 5 — روزاني عبرت

سان يڪجهتي ۽ همدردي جي علامت آهي. جماعت اسلامي هميشه فلسطين جي مظلوم مسلمانن سان گڏ بيٺي آهي پاڪستان جي ذميواري آهي ته فلسطيني عوام لاءِ اثرائتي آواز بلند ڪري حافظ نعيم الرحمان چيو ته رڳو احتجاج نه پر فلسطيني عوام جي عملي مدد پڻ ڪري رهيا آهيون الخدمت فائونڊيشن ذريعي فلسطين ۾ غذائي ۽ طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته پاڪستان جي عوام پاران فراهم ڪيل فنڊن سان فلسطيني ڀائرن جي مدد جو سلسلو جاري آهي. مصر ۾ آفيس قائم ڪري غزه سان منتقل ٿيندڙ خاندانن جي مدد پڻ ڪئي پئي وڃي هن چيو ته فلسطين جي معاملي تي عالمي برادري جو ڪردار انتهائي مايوس ڪندڙ رهيو آهي غزه ۾ جنگبندي باوجود فلسطيني ماڻهن جي شهادتن ۽ زخمي ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي فلسطيني عوام جي نسل ڪشي تي عالمي برادري کي اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو دنيا جي مختلف حصن ۾ اسرائيلي پاليسين خلاف آواز بلند ٿي رهيو آهي، آمريڪي عوام کي پڻ پنهنجي حڪومت جي اسرائيل بابت پاليسي خلاف آواز اٿارڻ گهرجي حافظ نعيم الرحمان چيو ته 7 آڪٽوبر تي سڄي پاڪستان ۾ غزه سان يڪجهتي لاءِ مارچ ڪيا ويندا 7 آڪٽوبر ڪانپوءِ ايندڙ لائحه عمل جو اعلان ڪيو ويندو، جڏهن ته مطالبا تسليم نه ٿيا ته احتجاجي مارچ ٻيهر شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو ۽ احتجاجي مارچ ملتان کان شروع ڪرڻ تي پڻ غور ٿي سگهي ٿو ملڪ جي سياسي صورتحال بابت جماعت اسلامي جي امير چيو ته حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين جو سلسلو ٻيهر شروع ٿيڻ گهرجي گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جهڙين ڳالهين ملڪ لاءِ نقصانڪار آهن لانگ مارچ ۽ احتجاج هر سياسي جماعت جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي پي ٽي آءِ جي احتجاج تي اعتراض ناهي، پر قانون ۽ امن امان برقرار رهڻ گهرجي. هن چيو ته حڪومت ۽ اپوزيشن ٻنهي کي سياسي ذميواري جو مظاهرو ڪرڻو پوندو گرفتار عورتن کي فوري آزاد ڪيو وڃي، جڏهن ته بيمار ۽ بزرگ سياسي قيدين جي آزادي لاءِ رستو ڪڍيو وڃي عمران خان کي طبي سهولتون ۽ ملاقات جي اجازت ڏيڻ جائز مطالبو آهي حڪومت ڳالهين ذريعي ملڪ کي سياسي انتشار کان بچائي پيٽروليم شين بابت حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪومت جو پيٽرول رليف پيڪيج مسئلي جو مستقل حل ناهي. پيٽرول تي لاڳو ليوي ختم ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ ته پيٽروليم ليوي جو وڏو بار غريب ۽ وچولي طبقي کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو موٽرسائيڪل ۽ ننڍين گاڏين استعمال ڪندڙن کي مڪمل رليف نٿو ملي جڏهن ته وڏين گاڏين لاءِ پيٽرول وڌيڪ مهانگو ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته حڪومت 26 ارب رپين جي رليف پيڪيج جو اعلان ڪري عوام کي گمراهه نه ڪري، پيٽروليم ليوي مان حاصل ٿيندڙ آمدني ۽ عوامي رليف جو حساب ڏنو وڃي. عوام تي لاڳو اضافي ٽيڪس ۽ ليوي ختم ڪرڻي پوندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته آزاد بجلي پيدا ڪندڙ ڪمپنين سان لاڳاپيل سمورا معاملا قوم جي سامهون آندا وڃن گنجائش جي ادائيگين جي بار سبب عوام لاءِ بجلي مهانگي ٿي آهي بجلي ۽ پيٽرول جي وڌندڙ خرچن جو بار عوام وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي

بقايا 6 — روزاني عبرت

۾ واڌ رڪارڊ ٿي آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان مطابق سومر ڏينهن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قيمت ۾ 01 پئسي جي واڌ رڪارڊ ٿي آهي جنهن ڪانپوءِ نئين قيمت 277 رپيا 6 پئسا ٿي وئي آهي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو اگهه 73 رپيا 80 پئسا، جڏهن ته بحرين جي دينار جو اگهه 734 رپيا 86 پئسا رهيو ساڳي طرح عمان جي ريال جو انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ اگهه 719 رپيا 65 پئسا رهيو ڪويت جي دينار جو اگهه 898 رپيا 68 پئسا ۽ قطر جي ريال جي قيمت 76 رپيا 01 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي خريد واري قيمت 278 رپيا ۽ وڪرو 278 رپيا 10 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا 7 — روزاني عبرت

ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا چيو ته ڳالهين دوران واضح ڪيو ويو هو ته عمران خان سان پارٽي اڳواڻن جون ملاقاتون سڀ کان اهم معاملو آهن هن چيو ته عمران خان کي ڳالهين ۾ شامل ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نٿو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته رياست ۽ عوام وچ ۾ پيدا ٿيل وڇوٽين رڳو عمران خان ئي ختم ڪري سگهي ٿو. سلمان اڪرم راجا چيو ته عمران خان کي پنهنجي گهروارن، پارٽي اڳواڻن ۽ وڪيلن سان ملاقات جو حق ملڻ گهرجي هن دعويٰ ڪئي ته عمران خان خلاف 300 کان وڌيڪ ڪيس آهن جڏهن ته وڪيل عدالت ۾ پنهنجي موڪل جي هدايت موجب ئي موقف پيش ڪندو آهي هن چيو ته اهي سمورا معاملا ڳالهين دوران رکيا ويا هئا ۽ واضح ڪيو ويو هو ته انهن معاملن جي حل ڪانسواءِ ڳالهين ۾ ڪا اڳڀرائي ممڪن نه هوندي. سنڌس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ سڄي دل ۽ نيت سان ڳالهين جي عمل ۾ شامل ٿي هئي ٻئي پاسي پارلياماني معاملن بابت سنڌ سماءَ واري سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري سومر ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته حڪومت کليل دل سان ڳالهين ۾ حصو ورتو ۽ سمورا معاملا آخري مرحلي ۾ پهچي ويا هئا، پر اوچتو سمورو عمل ختم ڪيو ويو بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته اهو طئي ٿي نه ٿي سگهيو ته ڳالهين لاءِ ڪنهن سان رابطو ڪيو وڃي ڪڏهن عمران خان جون پيغامن ڪڏهن خيبر پختونخوا حڪومت ۽ ڪڏهن ڪو ٻيو ڌر سامهون اچي رهي ٿي

بقايا 8 — روزاني عبرت

امير مقام چيو آهي، ته پي ٽي آءِ ۽ صوبائي حڪومت جي لانگ مارچ کي پنجاب ۽ اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ نه ڏينداسين. ڪي پي ڪي جو عوام انهن جي مفادن واري سياست ۾ سندن مُهرو نه بڻجي، هنن اڄ تائين دهشتگردي جي مذمت ناهي ڪئي، ڪنهن شهيد جي گهر تعزيت ڪرڻ ناهن ويا، ان لانگ مارچ جو مقصد ٻڌائين ٿا ڇا آهي جيڪڏهن خيبر پختونخوا جي عوام لاءِ وڏو وزير لانگ مارچ ڪري ٿو ته اسان حڪومت جو حصو هوندي به انهن سان گڏ آهيون جڏهن ته هي سياسي ۽ ذاتي مقصد لاءِ لانگ مارچ ڪري رهيا آهن. سومر ڏينهن ڪشمير ڪائونسل ۾ قومي اسيمبلي ميمبر ثمر هارون بلور سينيٽر زاهد خان ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي امير مقام چيو ته پي ٽي آءِ خيبر پختونخوا ۾ ڦرلٽ ۾ مصروف آهي، لانگ مارچ ۽ احتجاج جي سياست سان پي ٽي آءِ پنهنجي ڪارڪردگي تان ڌيان هٽائڻ چاهي ٿي هي پارٽي پنهنجي ڪارڪنن کي احتجاج ۾ مصروف رکڻ چاهي ٿي هن چيو ته دهشتگردي صرف خيبر پختونخوا ۾ ناهي پر پوري ملڪ جو مسئلو آهي ڪي پي ڪي جي حڪومت نالي کا ڪا شيءِ ناهي، گورنر راڄ سياسي طور تي ڪو سٺو فيصلو ناهي، هڪ طرف سياست آهي، ٻئي طرف رياست آهي، ڪي پي ۾ حڪومت جي ڪا به رٽ ناهي، خيبر پختونخوا ۾ حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن هن چيو ته پي ٽي آءِ ۾ سٺا ماڻهو به آهن جڏهن ته وزيراعليٰ سميت ڪجهه ماڻهو اقتدار ۽ احتجاج کي پنهنجي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن انهن پاران دهشتگردن خلاف نرم رويو نقصانڪار آهي. ان سان ڪي پي ڪي جي عوام ۽ سياسي مخصوص پارٽين جو نقصان ٿي رهيو آهي هن چيو ته ڳالهين جي عمل دوران حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ معاملا طئي ٿي ويا هئا، چار پيرا مسودو تيار ٿيو پوءِ ان کي گڏيل طور تي جاري ڪرڻ تي به اتفاق ٿيو جنهن کان پوءِ وري وزيراعليٰ خيبر پختونخوا لانگ مارچ جاري رکڻ جو اعلان ڪري ان مسودي جي لتاڙ ڪئي پنهنجي سياست کي زنده رکڻ لاءِ هي ماڻهو احتجاج جو رستو اختيار ڪري ويٺا آهن. عوام کي اپيل آهي ته هو انهن جو مُهرو نه بڻجي. هن واضح ڪيو ته دهشتگردن لاءِ نرم رويو رکڻ سان انهن جو خاتمو ممڪن ناهي. انهن جي خاتمي لاءِ سڀني کي هڪ پيج تي بيهڻو پوندو هن چيو ته اڄ تائين وزيراعليٰ ڪلي دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ناهي ڪئي، دهشتگردي خلاف جنگ ۾ جان جي قرباني ڏيندڙ سيڪيورٽي فورسز جي گهر ڀاتين سان تعزيت ڪرڻ ناهن ويا. ان سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندن دل دهشتگردن لاءِ ڪيتري نرم آهي اهي پنهنجي علائقي ۾ جڏهن چاهين وڃي سگهن ٿا پر ٻئي پاسي اهي ماڻهو پنهنجي پيارن جي جنازن ۾ به نٿا وڃي سگهن

بقايا 9 — روزاني عبرت

وزير ضياءِ الحسن لنجار جي صدارت هيٺ گهرو کاتي ۽ پوليس جي اعليٰ عملدارن جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سڄي صوبي خاص طور تي ڪراچي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو، آءِ جي سنڌ، ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شريڪ ٿيا. اجلاس دوران امن امان جي موجوده صورتحال اسٽريٽ ڪرائم، منظم ڏوهن، منشيات فروشي، امڪاني سيڪيورٽي خطرن انٽيليجنس معلومات جي ڏي وٺ، پوليس گشت، اسنيپ چيڪنگ ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف جاري ڪارروائين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو گهرو وزير پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هدايت ڪئي ته باهمي رابطي ۽ انٽيليجنس معلومات جي ڏي وٺ کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي ۽ امن ۽ عوامي تحفظ لاءِ خطرو بڻجندڙ ڏوهاري عنصرن خلاف انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروائين کي تيز ڪيو وڃي. ضياءِ الحسن لنجار چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ حڪومت جي بهرين ترجيح آهي. امن ۽ قانون جي بالادستي جي قيام تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن پوليس عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهم هنڌن واپاري سرگرمين، مک شاهراهن ۽ حساس علائقن ۾ نگراني کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي، جڏهن ته پوليس گشت، اسنيپ چيڪنگ ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ٻين قدمن کي پڻ وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي. گهرو وزير ڏوهن جي روڪٿام ۽ سراغ رسائي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ انٽيليجنس بنيادن تي پوليسنگ جي مؤثر استعمال تي پڻ زور ڏنو ۽ منظم ڏوهاري گروهن، منشيات فروشن ۽ ٻين ڏوهاري عنصرن خلاف فوري ۽ گڏيل ڪارروائي جي هدايت ڪئي اعليٰ عملدارن گهرو وزير کي موجوده سيڪيورٽي صورتحال، جاري ڪارروائين ۽ سنڌ ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ کنيل قدمن بابت بريفنگ ڏني ضياءِ الحسن لنجار سمورن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو چوڪس رهن، ادارن وچ ۾ ويجهي رابطي کي برقرار رکن ۽ سيڪيورٽي ۽ ڏوهن جي روڪٿام بابت قدمن تي فيلڊ سطح تي مؤثر عملدرآمد کي يقيني بڻائين

بقايا 10 — روزاني عبرت

نه تهران جو ردعمل ماضيءَ کان مختلف هوندو. ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي، تهران ۾ هڪ پريس ڪانفرنس دوران چيو ته خطي جي ملڪن کي پنهنجي قدمن تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي انهن ملڪن کي جن تازي تڪرار دوران پنهنجون سهولتون آمريڪا ۽ اسرائيل جي استعمال لاءِ فراهم ڪيون هيون. اسماعيل بقائي چيو ته جيڪڏهن آمريڪا ۽ اسرائيل مستقبل ۾ ايران خلاف جارحيت جا وڌيڪ قدم کڻن ٿا ۽ ان مقصد لاءِ ڪنهن علائقائي ملڪ جي سرزمين استعمال ڪئي وڃي ٿي ته ايران جو ردعمل مختلف هوندو. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيتوڻيڪ تهران پنهنجي پاڙيسرين سان لاڳاپن کي اهميت ڏئي ٿو پر هو ٻين ملڪن پاران پنهنجي سرزمين خلاف ڪارروائين ۾ سهولت فراهم ڪرڻ کي هرگز برداشت نه ڪندو

بقايا 11 — روزاني عبرت

رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1772.27 پوائنٽس جي گهٽتائي ڪانپوءِ 166383.22 پوائنٽس تي ويو مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 569 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، جنهن مان 95 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 378 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ گهٽتائي، جڏهن ته 96 ڪمپنين جي شيئرز جون قيمتون استحڪام ۾ رهيون شروعاتي سيشن ۾ مجموعي طور تي 173.53 مليين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، جنهن جي ماليت 6.53 ارب رپيا رهي سڀ کان وڌيڪ ڪاروبار پاڪستان انٽرنيشنل بلڪ ٽرمينل جي 17.52 مليين شيئرز، سينرجيڪو پي ڪي لميٽيڊ جي 13.88 مليين شيئرز ۽ ورلڊ ڪال ٽيلي ڪام جي 13.81 مليين شيئرز ۾ ٿيو فرسٽ پيرامائونٽ مضاربه، ڊاڊيڪس ايٽرنيٽ لميٽيڊ ۽ ايسٽ ويسٽ انشورنس ڪمپني لميٽيڊ سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون

بقايا 12 — روزاني عبرت

پوليس جو جنجال ڳوٺ پرسان ڦورن سان مقابلو ٿيو جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فائرنگ ڪندو فرار ٿي ويو پوليس موجب مقابلي دوران ڏاڍيلن جي فائرنگ ۾ ڪانسٽيبل خرم زخمي ٿيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو مارجي ويل جوابدار وٽان غيرقانوني پستل، گوليون، ڦريل موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي. پوليس موجب موٽرسائيڪل پهرين آڪٽوبر تي سائيٽ سپر هاءِ وي جي علائقي مان هٿيارن جي زور تي ڦري وئي هئي. نيو ڪراچي سيڪٽر 5 M-پرسان شاهين فورس ۽ جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلي دوران هڪ ڦورو مارجي ويو هڪ جوابدار بنا مزاحمت گرفتار ۽ هڪ فرار ٿي ويو پوليس موجب جوابدارن وٽان پستل، ڪي موبائل فون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، جڏهن ته مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي فيروزآباد پوليس ۽ شاهين فورس جو شهيد ملت روڊ پرسان ڦورن سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ هڪ ڏاڍيل مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويا. پوليس موجب مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ شايان ولد محمود طور ٿي آهي جنهن وٽان غيرقانوني هٿيار، گوليون، خول ۽ موبائل فون هٿ ڪيا ويا پوليس موجب شايان خلاف مختلف ٿاڻن ۾ 15 کان وڌيڪ ڪيس داخل هئا ۽ هو ڦرلٽ ۽ گهرن ۾ ڌاڙن جي ڪيترن ئي وارداتن ۾ گهربل هو قائدآباد فريد ڪالوني توحيد مسجد پرسان فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص زخمي ٿيو ابتدائي اطلاع موجب واقعو ڦر دوران مزاحمت تي پيش آيو هو ڊسٽرڪٽ سٽي پوليس جي گڏيل هڪ هفتي دوران مختلف ٽارگيٽڊ ڪاروائين ۾ 93 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. پوليس موجب دهشتگردي ايڪٽ تحت 4 انتهائي گهربل جوابدار ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ 11، منشيات جي فراهمي ۾ 17، موٽرسائيڪل لفٽنگ ۾ 5، گٽڪا ۽ ماوا جي فراهمي ۾ 5، اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن خلاف ڪارروائين ۾ 16، جڏهن ته ٻين مختلف ڏوهن ۾ ملوث 35 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. مددگار-15 سعيد آباد جي اهلڪارن ڦريل موٽرسائيڪل جي اطلاع تي بروقت ڪارروائي ڪندي ٽريڪر جي نشاندهي تي موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي

بقايا 13 — روزاني عبرت

نه چار ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. ڪالهه نارٿ ناظم آباد، بلاڪ اين واري علائقي ۾ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي تيز رفتار پاڻي جي ٽينڪر هڪ موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳايو پوليس موجب موٽرسائيڪل تي ٻار ريحان پنهنجي پيءُ طاهر سان گڏ سوار هو. عوام واٽر ٽينڪر ڊرائيور کي پڪڙي ورتو ۽ ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو مشتعل ماڻهن ٽينڪر کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس اها ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي پوليس ٽينڪر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڊرائيور کي حراست ۾ ورتو آهي گلشن اقبال بلاڪ 11 مدو ڳوٺ سنڌي پاڙي جي ويجهو گهر ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 40 سالن جي عورت ثمينا زال الله ڏنو قتل ٿي وئي جنهن کي ايمبولينس جي ذريعي لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو سائٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي حد گلشن معمار جهان آباد ڳوٺ جي ويجهو گهر ۾ بجلي ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ رضوان ولد محمد اسلم فوت ٿي ويو سپر هاءِ وي نيو سبزي منڊي وٽ واقع مرجان هوٽل لڳ ڪم ڪرڻ جي دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 22 سالن جو ساجد الله ولد سراج خان فوت ٿي ويو آهي ٻئي پاسي منگهوپير جي علائقي نوراني هوٽل جي ويجهو فائرنگ جي واقع ۾ 2 ماڻهو عامر ولد غلام حيدر ۽ نزير ولد يار باز زخمي ٿي پيا. قائد آباد جي علائقي فريد ڪالوني ۾ توحيد مسجد جي ويجهو فائرنگ ۾ عماد علي ولد فرهاد علي زخمي ٿيو ايف بي ايريا بلاڪ 16 صغير سينٽر جي ويجهو فائرنگ ۾ بلال ولد الياس زخمي ٿيو

بقايا 14 — روزاني عبرت

ريجهو پوليس (شاهين فورس) ۽ ڦورن جي وچ ۾ مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ هڪ اڻڄاتل ڦورو مارجي ويو جڏهن ته هڪ ٻيو جوابدار احسن ولد سليم کي پوليس گرفتار ڪري ورتو هڪ جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس هڪ پسٽل گولين سميت 3 موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي پوليس موجب وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 15 — روزاني عبرت

ڪالوني ٿاڻي جي حد ۾ بئنڪ ٻاهران ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙو ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار 4 هٿيارٻند جوابدار پيٽرول پمپ جي ٻن ملازمن کان 62 لک رپين سان ڀريل ٿيلهو ڦري فرار ٿي ويا پوليس موجب ملازم رقم بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ وڃي رهيا هئا، واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ جوابدار واردات ڪانپوءِ فرار ٿيندي نظر اچي رهيا آهن پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 16 — روزاني عبرت

فنڪشنل ليگ هائوس ڪراچي ۾ ڪراچي ڊويزن جي اڳواڻن، ضلعي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين جو اهم تنظيمي اجلاس ٿيو جنهن ۾ پارٽي کي پي ايس سطح تائين وڌيڪ منظم ۽ فعال بڻائڻ عوامي رابطي جي مهم تيز ڪرڻ ۽ ايندڙ تنظيمي سرگرمين بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته مختلف پي ايس جي سطح تي تنظيمي سرگرمين کي تيز ڪيو ويندو جڏهن ته عوامي خدمت لاءِ مفت طبي ڪئمپن سميت مختلف فلاحي سرگرمين جو آغاز ڪيو ويندو اجلاس کي خطاب ڪندي سردار عبدالرحيم چيو ته ڪراچي ۾ پارٽي کي هيٺين سطح تائين منظم ۽ فعال بڻائڻ سان گڏ شهرين جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ به اثرائتو آواز اٿاريو ويندو هن چيو ته ڪراچي جا عوام پاڻي، بجلي، گيس، صفائي، نيڪال ٽٽل روڊن، ٽريفڪ، عوامي ٽرانسپورٽ ۽ ٻين شهري سهولتن جي کوٽ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن جن کي ڀرپور نموني اجاگر ڪرڻ ۽ عوام سان گڏ بيهڻ فنڪشنل ليگ جي ترجيحن ۾ شامل آهي. سردار عبدالرحيم چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل عوامي رابطي ۽ خدمت جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪندي ۽ پي ايس سطح تي مفت طبي ڪئمپن سميت مختلف فلاحي سرگرميون شروع ڪيون وينديون اجلاس ۾ پارٽي نظم ۽ ضبط ۽ تنظيمي معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو ان موقعي تي واضح ڪيو ويو ته پارٽي کان هٽي ڪري متوازي تنظيم قائم ڪرڻ يا اهڙين سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف تنظيمي ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته انهن سرگرمين جي حمايت ڪندڙن خلاف به پارٽي پاليسي تحت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ضرورت پوڻ تي سندن تنظيمي رڪنيت ختم ڪري سگهجي ٿي اجلاس ۾ پارٽي جي سماجي رابطن واري ميڊيا کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته سماجي رابطن واري ميڊيا جي پارٽي کي فعال بڻائي پارٽي جون سرگرميون، عوامي مسئلا ۽ تنظيمي موقف منظم انداز ۾ عوام تائين پهچايو ويندو اجلاس ۾ ڪراچي ڊويزن جي تنظيمي صورتحال، ضلعن ۽ پي ايس سطح تي ايندڙ سرگرمين ۽ عوامي رابطي جي مهم بابت پڻ صلاح مشورا ڪيا ويا

بقايا 17 — روزاني عبرت

ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) جي انتظام هيٺ ڪراچي جي اسڪائوٽس آڊيٽوريم ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ اسڪول ايجوڪيشن جي سيڪريٽري زاهد علي عباسي، STEDA جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سيد رسول بخش شاهه سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور لغاري، چيف پروگرام مئنيجر ڊاڪٽر جنيد سمون، دروبين جي سربراهه سلميٰ شهزاد، زندگي ٽرسٽ جي سربراهه شهزاد راءِ ان کان علاوه تعليمي ماهرن استادن شاگردن ۽ والدين شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه استادن کي ڀرپور پيدا پيش ڪندي چيو ته سال جا سمورا ڏينهن استاد جي عزت ۽ احترام جا ڏينهن آهن، تنهن هوندي به استادن جو عالمي ڏهاڙو اسان کي ياد ڏياري ٿو ته تعليم جي هر ڪامياب سفر جي مرڪز ۾ هڪ استاد ضرور موجود هوندو آهي هن چيو ته "استاد اسان جو فخر ۽ اهڙو سرمايو آهن جنهن جي قدر ڪڏهن به گهٽ نٿي ٿي سگهي استاد جي هٿ ۾ رڳو ڪتاب ناهي، پر هڪ پوري نسل جو مستقبل هوندو آهي" والدين انسان کي جنم ڏين ٿا، پر استاد ڪيس زندگي گذارڻ جو هنر سيکاري ٿو سيد سردار علي شاهه چيو ته موجوده دور ۾ ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ استعمال سبب ٻارن جي تربيت ۾ والدين جو ڪردار ڪنهن حد تائين محدود ٿيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ استاد جون ذميواريون وڌيڪ وڌي ويون آهن اڄ استاد ٻارن کي اهي ڳالهيون به سيکاري رهيو آهي، جيڪي ماضي ۾ والدين جي ذميواري سمجهيون وينديون هيون تعليم واري وزير چيو ته اڄ جي استاد جي ذميواري رڳو ڪلاس روم تائين محدود ناهي پر ڪيس ٻارن کي فطرت ۽ ماحول جي ويجهو آڻڻ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اسان ٻارن کي فطرت کان تمام گهڻو پري ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري استاد تي اها ذميواري به اچي وئي آهي ته ڪلاس روم کان ٻاهر ٻارن کي مشاهدو ڪرڻ ۽ پنهنجي ماحول کي سمجهڻ جا موقعا فراهم ڪري هن چيو ته ان حوالي سان استادن جي مدد لاءِ نصاب ۾ پڻ مواد شامل ڪرڻ تي ڪم ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ مصنوعي ذهانت سبب پيدا ٿيندڙ چئلينجن کي به نظر ۾ رکندي تعليمي نظام کي اڳتي وڌائڻو پوندو والدين پڻ ٻارن کي استاد جي احترام ۽ قدر ڪرڻ جي ترغيب ڏين سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ جي سطح تي استادن جي مختلف مقابلن جو مقصد اثرائتي اسڪول ليڊرشپ، تدريسي معيار ۽ تعليمي بهتري جي قدمن جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي هن بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ استادن ۽ اسڪول سربراهن جي ڪاوشن کي ساراهيو تقريب دوران STEDA پاران مختلف ڪيٽيگريز ۾ نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ استادن ۽ اسڪول سربراهن ۾ ايوارڊ، شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا هيڊ ٽيچرز مقابلي ۾ سرڪاري اسڪولن جي 900 هيڊ ٽيچرز حصو ورتو شرڪت ڪندڙن کي اسڪول جي ترقي لاءِ تجويز ڪيل منصوبن تي عملدرآمد ۽ حاصل ڪيل نتيجن جي بنياد تي پرکيو ويو جنهن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 89 هيڊ ٽيچرز کي ايوارڊ ڏنا ويا. بيسٽ ٽيچنگ پريڪٽس مقابلو 2024ع ۾ شروع ڪيو ويو هو جنهن ۾ سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن جي 1,004 استادن حصو ورتو مقابلي تحت استادن کان ڪلاس روم ۾ تدريسي سرگرمين جون وڊيوز جمع ڪرائڻ لاءِ چيو ويو ٿرڊ پارٽي اسيسمينٽ ذريعي 400 وڊيوز شارٽ لسٽ ڪيون ويون جن مان 70 کان وڌيڪ اسڪور حاصل ڪندڙ 100 وڊيوز سان لاڳاپيل استادن کي شيلڊون ڏنيون ويون تقريب ۾ بهترين پيرو اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ (SSB) جي مؤثر ۽ معالي استعمال ذريعي اسڪولن کي بهتر ۽ خوبصورت بڻائيندڙ اسڪول سربراهن جي پڻ حوصلا افزائي ڪئي وئي ان سلسلي ۾ 12 اسڪول سربراهن کي خصوصي ڪارڪردگي جا ايوارڊ ڏنا ويا. سنڌ جي تعليم واري وزير ايوارڊ حاصل ڪندڙ استادن ۽ اسڪول سربراهن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته اهڙي حوصلا افزائي تدريس جي شعبي ۾ مثبت ۽ اثرائتن قدمن کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي

بقايا 18 — روزاني عبرت

کي ملهائڻ جو بنيادي مقصد استاد جي مقام، حقن ۽ مسئلن تي ڌيان ڏيارڻ آهي. استادن جو عالمي ڏهاڙو رسمي طور تي ملهائڻ وارو هڪ رسمي ڏينهن نه آهي پر ان جي پويان هڪ ڊگهي تاريخي جدوجهد ۽ عالمي تعليمي سوچ موجود آهي 5 آڪٽوبر 1966ع تي پيرس ۾ هڪ خصوصي بين الحڪومتي ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ عالمي اداري محنت ۽ يونيسڪو استادن جي حيثيت سان لاڳاپيل هڪ اهم سفارش منظور ڪئي هئي جنهن ۾ استادن جي حقن ۽ ذميوارين، شروعاتي تربيت ۽ وڌيڪ تعليم، ڀرتي، ملازمت ۽ تدريس ۽ تعليمي ماحول جي معيار سان لاڳاپيل اصول وضع ڪيا ويا جنهن جو مقصد سڄي دنيا ۾ استادن جي پيشي کي باقاعده حيثيت ۽ ضروري تحفظ ڏيارڻ هو 1994ع ۾ پهريون ڀيرو 5 آڪٽوبر تي استادن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو استادن جي مناسبت سان سڄي ملڪ ۾ سرڪاري، غير سرڪاري ۽ سماجي ادارن جي انتظام هيٺ مختلف پروگرامز ۽ تقريبن سميت پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي به خاص پروگرامز شائع ۽ نشر ڪيا ويا

بقايا 19 — روزاني عبرت

ڪچي تيل جي روانگي وپار ۾ اضافي ۽ گروپ سيون (جي-7) ملڪن پاران هنگامي تيل ۽ ڊيزل ذخيرا جاري ڪرڻ جو فيصلو قرار ڏنو پيو وڃي ميڊيا مطابق آمريڪا جي ايران خلاف جنگ دوران نار فارس جي تيل جي بنيادي ڍانچي بابت خدشن باوجود اضافي سپلاءِ جي امڪان مارڪيٽن جي خدشن ۾ گهٽتائي پيدا ڪئي ان جي نتيجي ۾ برينٽ ڪچي تيل جي فيوچر معاهدن جي قيمت 66 سينٽ گهٽجي 101.59 ڊالرز في بيرل ٿي وئي جڏهن ته آمريڪي ڪچو تيل 95 سينٽ گهٽتائي کان پوءِ 90.12 ڊالرز في بيرل تي اچي ويو اها اڳڀرائي ان وقت سامهون آئي آهي جڏهن ته جمعي تي جي-7 ملڪن هنگامي ذخيرن مان 100 ملين بيرل ڊيزل ۽ ڪچو تيل جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني

بقايا 20 — روزاني عبرت

ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، سعودي عرب ۾ پاڪستان جي سفير جده ۾ پاڪستان جي قونصل جنرل، سعودي پرڏيهي وزارت جي مدينه برانچ جي ڊائريڪٽر جنرل ۽ سعودي رائل پروٽوڪول سندس استقبال ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير رسول الله ﷺ پاڪ جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني ۽ پاڪستان جي امن ۽ خوشحالي، ملڪ جي عوام ۽ مسلمان امت جي ڀلائي سان گڏوگڏ علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ دعائون ڪيون اسحاق ڊار احد جبل ۾ ويو جتي هن احد جي شهيدن کي خراج تحسين عقيدت پيش ڪيو ۽ دعائون ڪيون نائب وزيراعظم ان کانپوءِ رياض روانو ٿي ويو جتي هو اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو دفاع وارو وزير خواجه محمد آصف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪندا جڏهن ته سعودي عرب ۽ ترڪيه جا اعليٰ عملدار پڻ اجلاس ۾ شريڪ ٿيندا

بقايا 21 — روزاني عبرت

آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف چيو ته فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروايون دهشتگردن جي نيٽ ورڪس تي هڪ وڏي ضرب آهن دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون وزيراعظم چيو ته خيبر پختونخواهه سميت سڄي ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز پرعزم آهن ۽ فتنه الخوارج جي مڪمل خاتمي لاءِ رياست پنهنجي عزم تي قائم آهي

بقايا 22 — روزاني عبرت

سيڪيورٽي فورسز جون موثر ڪارروايون دهشتگردن جي نيٽ ورڪس کي ڪمزور ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن سومر تي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان ۾ صدر چيو ته خيبر پختونخوا مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون قابل تحسين آهن صدر زرداري چيو ته فتنه الخوارج جي خلاف استحڪام رزن تحت ڪارروايون دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين جاري رکيون وڃن هن چيو ته ٻاهرين مدد سان سرگرم دهشتگرد عنصرن جا ناپاڪ ارادا هر قيمت تي ناڪام بڻائينداسين

بقايا 23 — روزاني عبرت

جو ٻار به اسان جو ٻار آهي. فاروق ستار ٻڌائي ته ڪراچيءَ جي ٻارن کي هٿيار پتي ۽ بورين ۾ بند لاش جو ڪلچر ڪنهن ڏنو؟ ايم ڪيو ايم پنهنجي ذاتي ۽ سياسي مفادن لاءِ ڪراچيءَ جي ٻارن جي هٿن ۾ بندوق ڏني فاروق ستار جي پريس ڪانفرنس جي ردعمل ۾ هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪن ڏهاڪن تائين فاروق ستار جهڙا ماڻهو تعصب پرستيءَ جي ذهن سازي ڪندا رهيا، هاڻي "پنهنجا ٻار ۽ ٻين جا ٻار" واري سياست هاڻي هلڻ واري ناهي هن چيو ته جيڪڏهن فاروق ستار وٽ ايم ڊي ڪيٽ امتحان ۾ بي ضابطگين جا ثبوت آهن ته پيش ڪري، فاروق ستار وٽ سائيڪ اچي رهي ته وڪس الزمان کان سواءِ ڪجهه به ناهي هوندو رڳو ٻهتان بازين سان ڪنهن ٻار جي ڪاميابي کي شڪي نٿو بڻائي سگهجي هن چيو ته ريڊ لائين بي آر ٽي جي تعميراتي ڪم کي ايم ڊي ڪيٽ جي نتيجن سان منسوب ڪرڻ احمقاڻي دليل آهي فاروق ستار ٻڌائي ته ڪراچيءَ جي ٻارن کي تعليم، روزگار ۽ ترقي بدران هٿيار ڀتا خوري، خوف ۽ تشدد جي سياست ڪنهن ڏني؟ هن چيو ته اڄ ڪراچيءَ جا نوجوان ڪتاب ۽ قلم ڏانهن اچي رهيا آهن، ڪين ٻيهر "پنهنجا ٻار ۽ ٻين جا ٻار" واري ورهاست ڏانهن نه ڌڪيو وڃي شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ ۾ جيڪا سياسي ۽ سماجي پوک پوکي هئي، ان جا نتيجا ڪراچي شهر ورهين تائين ڀوڳيا. هن چيو ته جيڪڏهن ٿر جو ٻار وڌيڪ مارڪون ڪئي ته سوال اهو نه هجڻ گهرجي ته "ان مارڪون ڪيئن ڪيون؟" پر سوال اهو هجڻ گهرجي ته سنڌ جا وڌيڪ ٻار وڌيڪ مارڪون ڪيئن کڻي سگهن ٿا، اها ئي ميرٽ آهي

بقايا 24 — روزاني عبرت

شهباز شريف علائقائي چئلينجن جي خاتمي ۽ تڪرارن جي حل لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڏيندي چيو آهي ته خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ پاڪستان پرعزم آهي سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پولينڊ جي وزير ڪائونسل آف منسٽرز جي ميمبر ۽ خصوصي خدمتن بابت ڪوآرڊينيٽر ٽوماش شيمونياڪ ملاقات ڪئي وزيراعظم پاڪستان ۽ پولينڊ جي لاڳاپن ۾ مثبت اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته پاڪستان ان تاريخي دوستي کي ڊگهي مدي، مضبوط ۽ گهڻ رخي حصيداري ۾ تبديل ڪرڻ جو خواهشمند آهي

بقايا 25 — روزاني عبرت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته صوماليه جي سمنڊ ڪناري ويجهو هاءِ جيڪ ٿيندڙ ايم ٽي آنر 25 جي پاڪستاني عملي جي باقي 3 ميمبرن کي حفاظت سان بازياب ڪرايو ويو آهي سومر ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي پوسٽ ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته ايم ٽي آنر 25 جي پاڪستاني عملي جي باقي 3 ميمبرن عمران علي، محمد ياسين ۽ سيد حسين يوسف کي حفاظت سان بازياب ڪرايو ويو آهي ۽ انهن کي جبوتي ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي هڪ ٽيم سان گڏ اديس ابابا جي لاءِ روانو ڪيو ويو آهي

بقايا 26 — روزاني عبرت

غلط پاليسي جو حصو بڻجڻ تي مجبور ۽ صوبي سان امتيازي ورتاءُ ڪيو پيو وڃي هن چيو ته آئون هر اهڙي پاليسي خلاف آهيان جيڪا عوام جي مفاد ۾ نه هجي سنڌس چوڻ هو ته جيڪڏهن پنهنجي عوام سان گڏ بيهڻ کي ايڪٽ سمجهيو وڃي ٿو ته آئون اها ايڪٽ بار بار ڪندس، خيبرپختونخوا جي وڏي وزير وفاقي حڪومت تي تنقيد ڪندي دعويٰ ڪئي ته سڄي ملڪ ۾ موجودا نظام خلاف نفرت نظر اچي رهي آهي ۽ خيبر کان ڪراچي تائين هر ماڻهو اسلام آباد وڃڻ چاهي ٿو سهيل آفريدي دعويٰ ڪئي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جو باني عمران خان ملڪ ۾ حقيقي سياسي تبديلي آڻي سگهي ٿو

بقايا 27 — روزاني عبرت

قونصل جنرل مسٽر فنگ ڌهينگ سومر ڏينهن سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءِ الحسن لنجار سان سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران پاڪستان ۽ چين جي ٻطرفن لاڳاپن گڏيل دلچسپي وارن معاملن سيڪيورٽي سهڪار ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڊگهي عرصي کان قائم دوستي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. مسٽر فنگ ڌهينگ سان گڏ مسٽر لي يونگ چيانگ، ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريٽوافيئرز ۽ چيني قونصل خاني جا ٻيا عملدار پڻ موجود هئا، جڏهن ته پرڏيهي وزارت (MOFA) جي نمائندي پڻ ملاقات ۾ شرڪت ڪئي ملاقات ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو محمد اقبال ميمڻ انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي، ڊپٽي ڪمشنر سائوٿ ۽ ٻيا اعليٰ عملدار پڻ شريڪ ٿيا. چيني وفد جي آجيان ڪندي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار چيو ته پاڪستان ۽ چين وچ ۾ باهمي اعتماد، احترام ۽ سهڪار تي ٻڌل ڊگهي ۽ آزموده دوستي قائم آهي گهرو وزير چيو ته "سنڌ ۽ ان جا عوام چين ۽ چيني عوام لاءِ خيرسگالي، دوستي ۽ محبت جو پيغام رکن ٿا. اسان پاڪستان ۽ چين جي دوستي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل دلچسپي وارن شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ پرعزم آهيون" ملاقات ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ايندڙ چين جي دوري بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي ڌرين اميد ظاهر ڪئي ته اهو دورو مثبت ۽ فائديمند نتيجن جو حامل ثابت ٿيندو ۽ خاص طور تي سنڌ جي ترقي ۽ معاشي اڳڀرائي سان لاڳاپيل شعبن ۾ ٻطرفي سهڪار کي وڌيڪ هٿي ملندي.

بقايا 28 — روزاني عبرت

موومينٽ پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار سنڌ ۾ بدترين ڪرپشن جو الزام هڻندي چيو آهي ته ڪراچي جي نوجوانن سان تعليمي معاملن ۾ ناانصافيون ڪيون پيون وڃن پريس ڪانفرنس ڪندي فاروق ستار چيو ته ٢٠٢٠ع کان ايم ڊي ڪيٽ جي امتحان ۾ خرابين جو سلسلو جاري آهي امتحاني فيس ۾ واڌ ڪئي وئي، جڏهن ته ڪراچي جي ١٢ هزار شاگردن لاءِ رڳو هڪ امتحاني مرڪز قائم ڪيو ويو. سخت گرميءَ ۾ شاگردن کان کليل ميدان ۾ امتحان ورتو ويو

بقايا 29 — روزاني عبرت

چوڌري جي آءِ پي يو ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرشپ لاءِ مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو سينيٽ سيڪريٽريٽ موجب سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي قيادت ۾ پاڪستاني پارلياماني وفد بنگلاديشي اميدوار جي حمايت ڪندي خطي ۾ پارلياماني تعاون کي هٿي ڏيڻ ۽ آءِ پي يو ۾ ايشيا پيسفڪ خطي جي موثر نمائندگي جي عزم جو ورجاءُ ڪيو جشرت عاديب چوڌري ان ڪانپوءِ اڪثريتي ووٽ حاصل ڪندي آءِ پي يو جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرشپ حاصل ڪري ورتي سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جشرت عاديب چوڌري ۽ بنگلاديشي پارلياماني وفد کي ڪاميابي تي مبارڪون ڏيندي چيو ته پاڪستان بنگلاديش سان پنهنجي لاڳاپن کي خاص اهميت ڏي ٿو

بقايا 30 — روزاني عبرت

منتقل ڪيو ويو جتي هن دم ڏنو حوالي ڪيو مير علي مراد خان ٽالپر صوم ۽ صلات جا پابند، سخي ۽ انسان دوست شخصيت طور سڃاتا ويندا هئا. سنڌس لاڏاڻي کان پوءِ ڪوٽ ڏيجي شهر ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي جڏهن ته سنڌس وفات جي خبر پکڙجڻ بعد وڏي انگ ۾ ماڻهو ڪوٽ ڏيجي پهچي ويا آهن ذريعن موجب مرحوم مير علي مراد خان ٽالپر جي جنازي نماز 6 آڪٽوبر آڱاري ڏينهن صبح 11 وڳي ڏڪو محلو بنگلو ڪوٽ ڏيجي ۾ ادا ڪئي ويندي، جنهن کان پوءِ سنڌس تدفين پڻ ڪوٽ ڏيجي ۾ ڪئي ويندي مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي ڪوٽ ڏيجي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي

بقايا 31 — روزاني عبرت

ابتدائي تعليم سينٽ بوناوينچر هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ برطانيا ويا ۽ ڪيمبرج يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪئي

بقايا 32 — روزاني عبرت

تعزيت ۽ همدردي ڪئي آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ وزيراعليٰ سنڌ چيو ته مير علي مراد خان ٽالپر مرحوم ترقي پسند ۽ عوام دوست شخصيت هئا. رياست خيرپور ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي تحفظ لاءِ مرحوم جون خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون سيد مراد علي شاهه دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سنڌس پوئينرن کي صبر جميل عطا ڪري. روزاني عبرت گروپ جي سربراهه ۽ اڳوڻو ايم اين اي قاضي اسد عابد رياست خيرپور جي آخري حڪمران مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي پٽن ۽ سوڳوار خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ قاضي اسد عابد چيو ته مير مراد علي خان ٽالپر مرحوم ترقي پسند ۽ عوام دوست شخصيت هئا. پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم خيرپور ميرس رياست جي آخري حڪمران هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي وارثن ۽ سوڳوار خاندان سان دلي تعزيت ڪئي آهي. سردار عبدالرحيم چيو ته مير علي مراد خان ٽالپر هڪ مذهبي خاندان سان تعلق رکندا هئا ۽ غريب ۽ مسڪين عوام جا همدرد هئا. مرحوم خيرپور ميرس جي تاريخ ثقافت ۽ عوام جي خدمت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو سندن خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون هن دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پوئينرن کي صبر جميل عطا ڪري آمين

بقايا 33 — روزاني عبرت

ڪيون. سنڌس پهرين شادي بيگم غلام صديقه سان ٿي جيڪا نواب آف بهاولپور نواب محمد صادق عباسي جي صاحبزادي هئي جڏهن ته ٻي شادي مشهور مذهبي عالم علامه رشيد ترابي جي ڀائٽي عاليه ٽالپر سان ٿي مرحوم جا ٻه پٽ مير عباس رضا خان ٽالپر ۽ پرنس مير مهدي رضا خان ٽالپر ۽ هڪ ڌيئري ميڊم زهره آهي خيرپور رياست جي پاڪستان ۾ ضم ٿيڻ ڪان پوءِ ٽالپر حڪمرانن جو اقتدار ختم ٿيو

بقايا 34 — روزاني عبرت

پيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ڪاٽالونيا جي اختيارين ٻڌايو ته بارسلونا جي اتر ۾ واقع شهر ٽوريڊيرا ۾ هڪ ڀت ڪرڻ سبب هڪ شخص فوت ٿي ويو فائر بريگيڊ عملدارن مطابق مونٽورنزيڊيل ريلس ۾ به هڪ شخص فوت ٿيو

بقايا 35 — روزاني عبرت

ڪندي ملڪ جي مختلف شهرن ۽ تعليمي ادارن جي آسپاس ۾ 7 ڪامياب آپريشنز دوران 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ڪارروائين دوران عالمي ۽ ملڪي مارڪيٽ ۾ 85 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي 34.317 ڪلو گرام مختلف قسم جي منشيات ۽ غيرقانوني هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن اي اين ايف جي ترجمان مطابق نوجوان نسل خاص طور تي شاگردن کي نشي جي لعنت کان بچائڻ لاءِ جي ٽي روڊ راولپنڊي تي يونيورسٽي ويجهو ڇاپو هڻي هڪ جوابدار کي 14 ڪلوگرام چرس سميت حراست ۾ ورتو ويو گرفتار جوابدار شروعاتي جاچ دوران تعليمي ادارن جي شاگردن کي منشيات سپلاءِ ۽ وڪرو ڪرڻ جو باقاعده اعتراف ڪيو آهي

بقايا 36 — روزاني عبرت

پاڻ کي محفوظ گاڏين ۾ لڪائڻ بهادري ناهي. سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي بيان ۾ دفاع واري وزير چيو ته پي ٽي آءِ جا هٿياربند ڪارڪن روڊن تي آهن جڏهن ته نام نهاد بهادر ليڊر بم پروف ۽ بلٽ پروف سرڪاري گاڏين ۾ ڪوئن وانگر لڪل آهن. هن چيو ته جيڪڏهن ليڊر واقعي بهادر آهن ۽ ڪرپشن جا مرتڪب ناهن ته هو ڪارڪنن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندا آهن نه ڪي سرڪاري وسيلن جي آڙ ۾ لڪندا آهن خواجه آصف پي ٽي آءِ جي احتجاج دوران عدالت جي حڪمن طئي ٿيل شرطن جي کليل ڀڃڪڙي جو الزام لڳائيندي چيو ته احتجاج ۾ هيليڪاپٽر، سرڪاري وسيلا ۽ هٿياربردار جٿن جو کليل استعمال ڪيو ويو هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن ڳالهيون نتيجو ڏيندڙ به هجن ها ته ان ڳالهه جي ڇا ضمانت هئي ته پارٽي طئي ٿيل معاملن جو احترام ڪندي؟

بقايا 37 — روزاني عبرت

چونڊن جي پهرين مرحلي ۾ ڪنهن به اميدوار کي اڌ کان وڌيڪ ووٽ حاصل نه ڪرڻ بعد موجوده صدر لوئيزاناسيو لولاداسلوا ۽ لبرل پارٽي جو اميدوار فلاويوبولسونارو 25 آڪٽوبر تي رٿيل ٻئي مرحلي ۾ آمهون سامهون هوندا. پرڏيهي ميڊيا مطابق برازيل جي اليڪٽورل ڪورٽ پاران جاري نتيجن مطابق 99 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽن جي ڳڻپ مڪمل ٿيڻ تائين فلاويوبولسونارو اٽڪل 47 سيڪڙو جڏهن ته لولاداسلوا اٽڪل 45 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا. برازيل جي چونڊ قانون تحت صدارتي اميدوار پهرين مرحلي ۾ پهتا آهن پهرين مرحلي جي نتيجن جي اعلان بعد ٻنهي اميدوارن آچر جي رات پنهنجن حامين کي خطاب پڻ ڪيو

بقايا 38 — روزاني عبرت

عالمي قيادت برقرار رکڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي ٽرمپ چيو ته فورس صارفين عام مفادن جي تنظيمن مذهبي ادارن اهم بنيادي ڍانچو فراهم ڪندڙن ۽ ٽيڪنالاجي ڪمپنين سان وفاقي حڪومت جي رابطي ۽ سهڪار کي مربوط ڪندي فورس جي قيادت ڊائريڪٽر نيشنل انٽيليجنس جي ڪليئن ڪندي فورس صدر ٽرمپ ۽ وائيٽ هائوس جي چيف آف اسٽاف سوسي وائلز کي رپورٽ ڪندو آمريڪي ميڊيا موجب نئين فورس کي مصنوعي ذهانت جي ٽيڪنالاجي جي خطرن ۽ موقعن بابت رپورٽ تيار ڪرڻ ۽ ان شعبي ۾ وفاقي حڪومت جي ذميوارين جو تعين ڪرڻ لاءِ 120 ڏينهن جو وقت ڏنو ويو آهي

بقايا 39 — روزاني عبرت

سان برطانيه جي ڊگهي مدي وارن لاڳاپن جي حوالي سان مختلف آپشنز تي غور ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ برطانيا جي وزيراعظم چيو ته يورپي يونين ۾ ٻيهر شموليت به ان آپشنز ۾ شامل آهي هن چيو ته هو پنهنجي زندگي ۾ برطانيه کي ٻيهر يورپي يونين جو حصو بڻجندي ڏسڻ چاهي ٿو پر مختلف امڪانن جو جائزو ورتو ويندو برطانيه لاءِ غور هيٺ امڪاني رستن ۾ موجوده لاڳاپا برقرار رکڻ ڪسٽمز يونين ۾ شموليت، يورپي سنگل مارڪيٽ ۾ شرڪت يا مڪمل طور تي يورپي يونين ۾ ٻيهر شموليت شامل آهي انهن سمورن آپشنز تي يورپي يونين سان اقتصادي انضمام ۽ سياسي وابستگي جون مختلف سطحون شامل آهن

بقايا 40 — روزاني عبرت

گرمي سبب وقت کان اڳ پيدائش مثل ٻارن جي پيدائش گهٽ عمر وارن ٻارن جي پيدائش ۽ ماءُ جي صحت جون پيچيدگيون وڌي رهيون آهن هن صورتحال کي ڳڻتي جوڳو قرار ڏيندي چيو ته گرمي ۾ اضافي سان گڏ ماءُ ۽ ٻار لاءِ پيدا ٿيل مسئلا عالمي موسمياتي بحران جو هڪ ٿڙ خطرناڪ رخ بڻجي چڪا آهن جيڪو موتمار ثابت ٿي سگهن ٿا.

بقايا 41 — روزاني عبرت

ڪيڊرن سان تعلق رکن ٿا، جن کي هاڻي سڄي سنڌ ۾ ميڊيا مئنيجمينٽ، عوامي رابطن ۽ رابطي سان لاڳاپيل معاملن جون اهم ذميواريون سونپيون وينديون. سنڌ اطلاعات کاتي جي اعليٰ اختيارين ترقي ماڻيندڙ امجد حسين لجيت، عبدالرحمان خادم جتوئي، شفيع محمود، مهيش ڪمار غلام شاهه عاصم منير آفتاب شاهه آصف وحيد، امير چاچڙ سميت سمورن 18 آفيسرن کي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته مختلف شعبن ۾ سندن تجربو حڪومت جي رابطي واري نظام کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو

بقايا 42 — روزاني عبرت

زخمي ٿيا. اختيارين هن وقت تائين فائرنگ ۾ ملوث ڪنهن شڪي شخص جي سڃاڻپ ناهي ڪئي ۽ نه ئي واقعي جو امڪاني سبب سامهون اچي سگهيو آهي

بقايا 43 — روزاني عبرت

حيدرآباد جي قاسم آباد ۾ نسيم نگر چيڪ پوسٽ جي حد ۾ تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر ۾ 20 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو فوتي جي سڃاڻپ پنو عاقل شهر جي رهواسي منصور شاهه طور ٿي، ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان سنڌ يونيورسٽي ۾ ٽيسٽ ڏيڻ آيو هو جيڪو واپس ايندي حادثي جو شڪار ٿي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش سول اسپتال منتقل ڪيو

بقايا 44 — روزاني عبرت

آهي آمريڪا ان واپسي جو ڪو سبب ناهي ٻڌايو پر اهو قدم 27 سيپٽمبر تي پيش آيل هڪ وڏي واقعي بعد سامهون آيو آهي، جڏهن گلوسٽرشائر ۾ واقع ان فضائي اڏي ويجهو ڪن شڪي گاڏين جي موجودگي جي اطلاع تي پوليس کي طلب ڪيو ويو هو ان واقعي جي سلسلي ۾ شروعاتي طور تي پنجن ماڻهن کي دهشتگردي جي الزامن جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو بعد ۾ ڪين پوليس ضمانت تي آزاد ڪيو ويو بعد ۾ هڪ ٻئي شخص جيڪو برطانوي-ايراني شهري ٻڌايو پيو وڃي، کي به گرفتار ڪري ضمانت تي آزاد ڪيو ويو

بقايا 45 — روزاني عبرت

آهي هن زور ڀريندي چيو ته انهن علائقن جو عوام فوجي ڪارروائين جو هدف ناهي هن حوثي ڪنٽرول واري علائقن جي رهائشين کي اپيل ڪئي ته هو حوثين جي اجتماع گاهن کان پري رهن ۽ پنهنجن ٻارن کي ويڙهه جو شڪار ٿيڻ کان روڪين

بقايا 46 — روزاني عبرت

جيڪو هر سال سڄي دنيا ۾ 5 آڪٽوبر تي ملهايو ويندو آهي اسپيڪر چيو ته ملڪ جي روشن مستقبل لاءِ معياري تعليم کي هٿي ڏيڻ اتر آهي ۽ اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استادن جو ڪردار بنيادي اهميت رکي ٿو هن چيو ته موجوده دور جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي استادن کي جديد تعليمي نظام ٽيڪنالاجي ۽ تحقيق سان هم آهنگ ڪرڻ سان گڏوگڏ سازگار تدريسي ماحول ۽ ضروري سهولتن جي فراهمي به يقيني بڻائڻ اتر آهي هن چيو ته هڪ مضبوط تعليمي نظام ذريعي باشعور تعليم يافته ۽ باصلاحيت معاشري جي جوڙجڪ ممڪن آهي

بقايا 47 — روزاني عبرت

خيال آهي ته روس جديد جيٽ انجڻ سان هلندڙ ڊرونز جي ٽيڪنالاجي پنهنجي پراڻي اتحادي اتر ڪوريا سان شيئر ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق زيلنسڪي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته تازن هفتن دوران روس - يوڪرين خلاف جيٽ ڊرونز جي استعمال ۾ نمايان اضافو ڪيو آهي جن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ يوڪرين وٽ في الحال جنگي جهازن کان علاوه موثر ذريعا محدود آهن

بقايا 48 — روزاني عبرت

جي ٻي قسط جي وصولي شروع ٿي وئي جيڪا 20 آڪٽوبر تائين جاري رهندي مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان مطابق ٻي قسط جي ادائگي به پاڪ حج ايپ ۽ ڊجيٽل حج پورٽل تان ٿيندي حج پيڪيج تبديل ڪرڻ جي سهولت آچر 4 آڪٽوبر تي ختم ٿي چڪي آهي ٻي قسط جمع ڪرائڻ کان اڳ ميڊيڪل فٽنيس سرٽيفڪيٽ اپ لوڊ ڪرڻ لازمي آهي فٽنيس سرٽيفڪيٽ پاڪ حج ايپ يا ڊجيٽل حج پورٽل تي اپ لوڊ ڪري سگهجي ٿو. مقرره تاريخ تائين ٻي قسط جمع نه ڪرائڻ تي حج درخواست رد تصور ڪئي ويندي درخواست رد ٿيڻ جي صورت ۾ جمع ٿيل رقم واپس ڪئي ويندي

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ

URAAN PAKISTAN

(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

خريداريءَ جو نوٽيس | نان ڪنسلٽنگ سروسز جي پروڪيورمينٽ

1. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پروڪيورمينٽ) مالي سال 27-2026 لاءِ رٿيل خريداريءَ جي سلسلي ۾ فنڊ مختص ڪيا آهن. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پروڪيورمينٽ) انهن فنڊن مان حاصل ٿيندڙ رقم جو هڪ حصو هيٺ ڏنل معاهدي تحت واجب الادا ادائيگين لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي: — IT-4238/26/ABZ مالي سال 27-2026 لاءِ امپلائي انگيجمينٽ سروي جي سلسلي ۾ صلاحڪار جون خدمتون حاصل ڪرڻ. حوالو نمبر P142200.
2. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پروڪيورمينٽ)، EPADS v2.0 تي رجسٽرڊ اهل واڪ ڏيندڙن کان غير مشاورتي خدمتون فراهم ڪرڻ لاءِ EPADS v2.0 ذريعي اليڪٽرانڪ آڇون طلب ڪري ٿي.
3. ڄاڻايل خريداري لاءِ بنيادي خريداريءَ جو طريقو کليل مقابلي واري آڇ هوندو، جنهن تحت هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار اختيار ڪيو ويندو، جڏهن ته چونڊ لاءِ ڪوالٽي ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (QCBS) ٽيڪنڪ استعمال ڪئي ويندي. اهو عمل پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 ۽ لاڳاپيل ضابطن ۽ هدايتن، جيڪي اختيارين طرفان وقت بوقت جاري ڪيا وڃن ٿا، مطابق ڪيو ويندو.
4. سڀني آڇن سان گڏ بڊ سيڪيورٽي (Bid Security) جمع ڪرائڻ لازمي هوندو، جنهن جا تفصيل واڪ دستاويزن ۾ موجود بڊ سيڪيورٽي سيڪشن ۾ ڏنل آهن. بڊ سيڪيورٽي پي آرڊر (Pay Order)، بينڪ گارنٽي (Bank Guarantee) يا مقرر ڪيل فارميٽ ۾ بڊ سيڪيورنگ ڊڪليئريشن (Bid Securing Declaration) جي شڪل ۾ جمع ڪرائي سگهجي ٿي.
5. تفصيلي شرط ۽ ضابطا، ٽيڪنيڪل وضاحتن ۽ ٻين ضروري گهرجن تي مشتمل اي-آڇ دستاويز اي-پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) تي ڏنل لنڪ https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/142200 تي دستياب آهن.
6. اليڪٽرانڪ آڇون، جيڪي اي-آڇ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيون ويون هجن، لازمي طور تي اڱارو، 20 آڪٽوبر 2026، صبح 11:00 وڳي تائين EPADS v2.0 ذريعي جمع ڪرايون وڃن. اليڪٽرانڪ آڇون ساڳئي ڏينهن، يعني اڱارو، 20 آڪٽوبر 2026، صبح 11:30 وڳي EPADS v2.0 ذريعي کوليون وينديون. هٿرادو طور جمع ڪرايل آڇون قبول نه ڪيون وينديون. اهي سروس فراهم ڪندڙ، جن اڃا تائين EPADS v2.0 جي نئين ورزن تي رجسٽريشن نه ڪرائي آهي، اهي ڏنل ويب سائيٽ تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا https://vendors.epads.gov.pk. رجسٽريشن جي طريقيڪار بابت وضاحت لاءِ تربيتي وڊيو هيٺ ڏنل لنڪ تي موجود آهي https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc.
7. پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 جي رول 48 مطابق، هن خريداري لاءِ شڪايتن جي ازالي واري ڪميٽي (Grievance Redressal Committee — GRC) قائم ڪئي وئي آهي. ان ڪميٽي جو نوٽيفڪيشن خريداري ڪندڙ اداري جي ويب سائيٽ، پي پي آر اي (PPRA) جي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk ۽ EPADS v2.0 جي ويب سائيٽ تي پڻ دستياب آهي.

ڊپٽي جنرل مينيجر (پروڪيورمينٽ)، پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ

جناح ايونيو مليرهالٽ، ڪراچي فون: 48511-992-21-92+ اي ميل: aliza.zaidi@pspc.org.pk

PID K-1148/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سنڌ بدلجي رهي آهي
صفحو 4

اياز وگهيو
صفحو 4
سي پيڪ ۾ سنڌ: توانائيءَ کان معاشي رستي تائين!

السلام عليڪم ۽ گودي ميڊيا
مير اعظم علي ٽالپر
صفحو 4

مختيار آنڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن ...... 06 آڪٽوبر

گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري ۽ لوئر سيڪنڊري اسڪول بهاول زئونر ۾ استادن جي عالمي ڏهاڙي تي تقريب

اسڪولي شاگردن پاران سنڌي ۽ انگريزي ٻولي ۾ استادن جي عظمت تي تقريرون پيش ڪري پيٽا پيش ڪئي وئي

استاد هڪ پيغمبري پيشو آهي، اسان کي پنهنجي استاد هجڻ تي فخر آهي، اڄ جا شاگرد مستقبل جو اثاثو آهن: نريش ڪمار

شاگردن کي گهرجي ته اهي پنهنجي استادن ۽ والدين جو احترام ڪن، تعليم ڪانسواءِ ڪا قوم ترقي نٿي ڪري سگهي: لجپت ڪمار

حيدرآباد(اسحاق رپورٽر) حيدرآباد تعلقي ڀهاڙڙي جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول بهاول زئونر ۽ گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول بهاول زئونر ۾ استادن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿيو ان بعد تقريب ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول بهاول زئونر جي سينئر استاد نريش ڪمار ۽ گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول بهاول زئونر جي انچارج هيڊ ماسٽر لجپت ڪمار استادن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان استادن جي عظمت تي روشني وڌي. تقريب ۾ اسڪولي شاگردن پڻ ڀرپور حصو ورتو شاگردن پاران سنڌي ۽ انگريزي ٻولي ۾ استادن جي عظمت تي تقريرون پيش ڪري، استادن کي پيٽا پيش ڪيا، ان موقعي تي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول بهاول زئونر جي سينئر استاد نريش ڪمار گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول بهاول زئونر جي انچارج هيڊ ماسٽر لجپت ڪمار سينئر استادن موهن ڪمار جان محمد پرڳڙي، سيد مظفر علي شاهه محمد نواز راجپوت، محسن اسلم ڪوسو وقار علوي، مدثر نظر زئونر رشاد عمراڻي نويد نظاماڻي، شبير احمد زئونر محب علي خاصخيلي شهباز خاصخيلي وصي الله نظاماڻي عبدالوهاب نظاماڻي ابرار علوي، راڄ ڪمار اوڊ ۽ ٻين ويچار ونڊيندي چيو ته استاد هڪ پيغمبري پيشو آهي اسان کي پنهنجي استاد هجڻ تي فخر آهي، اڄ جا شاگرد مستقبل جو اثاثو آهن شاگردن کي گهرجي ته اهي پنهنجي استادن ۽ والدين جو احترام ڪن تعليم ڪانسواءِ ڪا قوم ترقي نٿي ڪري سگهي، ان موقعي تي سيد عزيز شاهه رضوان شاهه جمشيد ناريجو عامر ڪوراڻي ۽ ڪرم ميگهواڙ موجود هئا

حيدرآباد: گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول بهاول زئونر ۾ استادن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب ۾ شاگرد پنهنجي استادن کي وش ڪندي (1)

گهوٽڪي ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو وڏي جوش، جذبي ۽ عقيدت سان ملهايو ويو

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول صوفي رفيق احمد آرائين ۾ بالڪ ادبي فورم سنڌ پاران استادن جو عالمي ڏهاڙو وڏي جوش، جذبي ۽ عقيدت سان ملهايو ويو تقريب جي صدارت اسڪول جي هيڊ ماسٽر عبدالله پتو ڪئي جڏهن ته بالڪ ادبي فورم سنڌ جي مرڪزي صدر عبدالحئي پتو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ اسڪول جي استادن منير احمد مهر وسيم رضا ڪولاچي امام الدين پتو قمرالدين شيخ جاويد احمد پتافي عبدالرؤف چنو فرمان علي راجپوت ۽ ٻين سان گڏ وڏي انگ ۾ اسڪولي ٻارڙن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسڪولي ٻارڙن سيد عباس شاهه عبدالباري پتو عبدالباقي پتو ذيشان پتافي ادريس پتو محمد يوسف ڪولاچي محمد راشد پتو نويد احمد ڪمبوه ۽ ٻين تقريرون ۽ شاعري ذريعي عظيم استادن کي خوبصورت لفظن ۾ پيٽا پيش ڪندي عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. تقريب کي خطاب ڪندي عبدالله پتو عبدالحئي پتو منير احمد مهر ۽ ٻين چيو ته استاد ئي سماج کي سنواريندڙ سڌاريندڙ هوندو آهي. استاد قومن جا سفير ۽ علم جا پرچارڪ هوندا آهن جيڪي استاد پنهنجي قوم جي گلن جهڙن ٻارڙن کي ايمانداري، محنت ۽ سچائي سان تعليم ڏين ٿا، تن جو معاشري ۾ عزت، مان ۽ مرتبو هميشه بلند رهندو آهي

ٽنڊوالهيار ۾فارمي ڪڪڙين جي آنڊن،اوجهڙي ۽ کنڀ وڪري جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو

فارمي ڪڪڙين کي ذبح ڪائيڻ نڪرندڙ ڪچري جي وڪري سبب شهر جا ماڻهو عذاب ۾ مبتلا،انساني صحت کي شديد خطرا لاحق ٿي ويا

وڏن فارمي ڪڪڙين فروشن کي هن بدبودار ڪچري جي مد ۾ فيڪٽري مافيا پاران لکين رپيا ايڊوانس طور ڏنا پيا وڃن

شهر مان فارمي ڪڪڙين جو ڪچرو حيدرآباد کان ايندڙ ڪليل گاڏين ۾وجهي ميرپورخاص جي فيڪٽرين ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي

ڪڪڙين جي آنڊن، اوجهڙي ۽ کنڀن مان مبينا طور تي APVفيڊ تيار ڪئي پئي وڃي جيڪا بعد ۾ ٻيهر ڪڪڙين کي کارائي پئي وڃي:ذريعا

انڪري ڪُڪڙ جو گوشت زهريلو ۽ ڪينسر سميت ڪيترين ئي خطرناڪ بيمارين جو سبب بڻجي رهيو آهي:طبي ماهر

ڪچري مان ڪليل پچائڻ وارو تيل ۽ سستو صابڻ ٺاهيو پيو وڃي،اهو عمل سڌي طرح انساني جانين سان کيڏڻ برابر آهي

هن مافيا خلاف ڪيس داخل ڪرڻ، فيڪٽرين کي سيل ڪرڻ ۽ هن مڪروهه ڌنڌي ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجا ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار شهر ۾فارمي ڪڪڙين جي آلائشن،آنڊن،اوجهڙي، کنڀن ۽ ذبح ڪائيڻ نڪرندڙ غليظ ڪچري جي وڪري جو ڪُڌو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو آهي، شهر جا ماڻهو عذاب ۾ مبتلا ضلعي انتظاميه خاموش،ٽنڊوالهيار شهر ۾ انساني صحت کي شديد خطرا لاحق ٿي ويا آهن ان حوالي سان مليل اطلاعات موجب ذريعن کان انڪشاف ٿيو آهي ته شهر ۾ قائم وڏن فارمي ڪڪڙين فروشن کي هن بدبودار ڪچري جي مد ۾ فيڪٽري مافيا پاران لکين رپيا ايڊوانس طور ڏنا پيا وڃن جڏهن ته شهر جو ڪچرو حيدرآباد کان ايندڙ ڪليل گاڏين ۾ وجهي ميرپورخاص جي فيڪٽرين ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي تحقيقن مان خبر پئي آهي ته ڪڪڙين جي آنڊن اوجهڙي ۽ کنڀن مان مبينا طور تي APV فيڊ تيار ڪئي پئي وڃي جيڪا بعد ۾ ٻيهر ڪڪڙين کي کارائي پئي وڃي،طبي ماهرن موجب ڪُڪڙ جو گوشت زهريلو ۽ ڪينسر سميت ڪيترين ئي خطرناڪ بيمارين جو سبب بڻجي رهيو آهي ٻئي پاسي ڪچرو کڻندڙ گاڏين جي مزدورن انڪشاف ڪيو آهي ته هن غليظ ۽ بدبودار ڪچري مان ڪليل پچائڻ وارو تيل ۽ سستو صابڻ ٺاهيو پيو وڃي، جيڪو کلي عام هوٽلن ۽ دڪانن تي وڪرو ٿي رهيو آهي ۽ سڌي طرح انساني جانين سان کيڏڻ برابر آهي سنڌ فوڊ اٿارٽي ايڪٽ 2016 جي قلم 21/22 تحت مضر صحت شين جي تياري ۽ وڪري لائق سزا ڏوهه آهي جڏهن ته پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 269 کان 272 تحت بيماري ڦهلائيندڙ شين جو وڪرو ۽ انساني زندگي لاءِ خطرناڪ عمل سنگين ڏوهه آهي ماحولياتي قانون تحت بدبودار ۽ آلوده ڪچري کي کلي عام شهر کان ٻئي شهر منتقل ڪرڻ پڻ ڏوهه آهي ان کان سواءِ حيران ڪندڙ طور تي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار جي واضح حڪمن باوجود هي بدبودار گاڏيون حيدرآباد پوليس ۽ انتظاميا جي نڪ هيٺان گذري روزاني جي بنياد تي ٽنڊوالهيار کان ڪچرو کڻي ميرپورخاص پهچائي رهيون آهن جنهن سبب ضلعي انتظاميا جي ڪارڪردگي تي سواليه نشان لڳي ويو آهي هتي جي شهري، سماجي ۽ عوامي حلقن ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار، سنڌ فوڊ اٿارٽي ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر کان فوري نوٽيس وٺي هن مافيا خلاف ڪيس داخل ڪرڻ، فيڪٽرين کي سيل ڪرڻ ۽ هن مڪروهه ڌنڌي ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

ميرپورساڪرو لڳ نوجوان پسٽل جو فائر ڪري مبينه خودڪشي ڪري ڇڏي

دوست علي ولد عارب ڪاٺيرو پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

شيخ زيد ميڊيڪل سينٽر ۾ضروري ڪارروائي بعد نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

ميرپورساڪرو لڳ نوجوان پسٽل جو فائر ڪري مبينه خودڪشي ڪري ڇڏي

ميرپورساڪرو(ن ع)ميرپورساڪرو لڳ ميراڻ ڪاٺيرو ۾ 25 ورهين نوجوان پسٽل جو فائر ڪري مبينه خودڪشي ڪري ڇڏي لاش اسپتال منتقل نوجوان دوست علي ولد عارب ڪاٺيرو پنهنجي پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي سندس وارثن ميراڻ ۽ ٻين جو اهو چوڻ هو لاش کي شيخ زيد ميڊيڪل سينٽر ميرپورساڪرو آندو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو،پوليس موجب معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بلوچستان کان جيڪب آباد طرف ايندڙ شهزور مان 32 ڪلو چرس هٿ

سي آءِ اي پوليس ٻن اسمگلرن حنيف بروهي ۽ نجيب پناڻ کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس مزده سميت تحويل ۾ ورتل چرس ۽ گرفتار ٿيل جوابدارن کي ٿاڻي تي ڪٺي آئي

جيڪب آباد(ڊ ر)ايس ايس پي جيڪب آباد ڪيپٽن رٽائرڊ فيضان علي جي هدايتن تي منشيات جي روڪٿام لاءِ پوليس جون ڪارروايون جاري جيڪب آباد جي سي آءِ اي پوليس جي انچارج محمد عمر بنگلاڻي پنهنجي ٽيم سان گڏجي حساس ادارن جي مدد سان ڪامياب ڪارروائي ڪندي بلوچستان کان جيڪب آباد طرف ايندڙ شهزور مزده نمبر: پي اي ايف: 300 کي ٻاءِ پاس تي روڪي تلاشي ورتي جنهن دوران گاڏي اندران 32 ڪلو چرس هٿ ڪري ٻن اسمگلرن قلات جي رهواسي محمد حنيف بروهي ۽ ڪوئيٽا جي رهواسي نجيب الله پناڻ کي گرفتار ڪري ورتو پوليس مزده سميت تحويل ۾ ورتل چرس ۽ گرفتار ٿيل جوابدارن کي ٿاڻي تي ڪٺي آئي جتي مٿن قانوني ڪارروائي ڪندي ڪيس داخل ڪيو ويو

جيڪب آباد: سي آءِ اي پوليس طرفان ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ چرس سميت هٿ ڪيل شهزور

ڏگهڙي ۾ استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مختلف تعليمي ادارن ۾ تقريبون

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ۾ استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي مختلف تعليمي ادارن ۾ تقريبون منعقد ڪري استادن جي خدمتن کي پيٽا پيش ڪئي وئي،برائٽ فيوچر گرامر اسڪول ڏگهڙي ۾ ”ورلڊ ٽيچرز ڊي“ جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين استادن کي خراج تحسين پيش ڪندي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ٻارن پاران پنهنجن استادن سان محبت ۽ احترام جو اظهار ڪندي خوبصورت ڪارڊ ۽ تحفا پيش ڪيا ويا، جڏهن ته استادن سان گڏجي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو تقريب دوران استادن جي تعليمي ۽ تربيتي خدمتن کي ساراهيندي سندن اهميت تي روشني وڌي وئي،ٻئي طرف گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڏگهڙي ۾ پڻ استادن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو ان موقعي تي هيڊ ماسٽر عبدالستار نوحاڻي استاد اسماعيل سميجي رضا اختر قائمخاني ماسٽر ارشد ۽ ماسٽر شهزاد پراچا گڏجي ڪيڪ ڪاٽيو جڏهن ته شاگردن پاران پنهنجن استادن کي تحفا پيش ڪيا ويا، تقريب دوران استادن شاگردن پاران محبت ۽ احترام جي اظهار تي خوشي جو اظهار ڪندي کين تعليم سان گڏ نظم و ضبط، اخلاق ۽ مثبت ڪردار اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي

سجاول ۾ استادن جي عالمي ڏينهن تي پ ٽ الف پاران پروقار تقريب

تقريب ۾حاضر سروس ۽ رٽائرڊ استادن کي ايوارڊ ڏنا ويا،خراج تحسين پيش

استادن جي محنت ۽ خدمتن کي ساراهڻ سان مثبت پيغام ملي ٿو،مقرر

سجاول (ڊ ر)استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پ ٽ الف تعلقي سجاول ۽ پ ٽ الف تعلقي ميرپور بٺورو محمد موسى لغاري سٽ پاران سجاول جي استادن جي مان ۾ شايان شادي هال سجاول ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سابق ڊپٽي اسپيڪر ايم پي اي ريحانه لغاري پيپلز پارٽي جي عوامي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي تقريب دوران استادن جي خدمتن کي پيٽا پيش ڪندي تعليم جي شعبي ۾ پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيندڙ حاضر سروس استادن سان گڏ رٽائرڊ استادن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪيو ويو ان موقعي تي مختلف استادن کي سندن خدمتن جي اعتراف طور ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا تقريب کي دي او اسلم پرويز خواجه پ ٽ الف اڳواڻ محمد عمر ميمڻ لطف الله ميمڻ نجيب سرويچ خالد سمون منور شورو احمد ملاح امبرين راهو عرفان سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته استادن جي محنت ۽ خدمتن کي ساراهڻ سان نه رڳو سندن حوصلا افزائي ٿئي ٿي پر تعليم جي اهميت بابت پڻ مثبت پيغام ملي ٿو هنن مطالبو ڪيو اسان جي اسڪولن جا ۽ استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن جيئن استادن مان بيچيني ختم ٿئي ان موقعي تي انجمن تاجران ضلع صدر حافظ رياض ميمڻ حاجي اسلم ميمڻ سابق ناظم محمد علي خواجه حاجي مظفر لغاري اياز ميمڻ پ ٽ الف جي اڳواڻن رٽائرڊ ڪنڀار خالد سمون ساجد ٻارڙ عبداشڪور ميربحر بهادر ناز پليجو ابراهيم سوهو امين سرواڻ عبدالغفور ڪٽي عارف ابڙو زاهد ڪڏو ساجد مصطفيٰ لغاري سميت استادن شهرين ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سجاول: تقريب ۾حاضر سروس ۽ رٽائرڊ استادن کي ايوارڊ ڏنا ويا،خراج تحسين پيش

گڏيجي پرسان سولنگي برادري جو ضلعي ڪنوينشن

نيائين کي اوليت جي بنياد تي تعليم ڏياري وڃي: سائينداد سولنگي

عوام جي خدمت ڪرڻ افضل عبادت آهي پاڙيسرين جو پرچهلو ٿيڻ گهرجي

گڏيجي(ن ع)تعليم انسان کي سنواري ٿي نيائين کي اوليت جي بنياد تي تعليم ڏياري وڃي اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي مرڪزي سربراهه انجنيئر سائينداد سولنگي اڳوڻي ضلعي چيئرمين دادو محمد اشرف سولنگي،اڳوڻي ايس پي امداد سولنگي،امتياز سولنگي،انجنيئر امداد سولنگي،سليم الله،ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي ۽ ٻين سولنگي برادري جي ضلعي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي وڌيڪ چيو ته عوام جي خدمت ڪرڻ افضل عبادت آهي پاڙيسرين جو پرچهلو ٿيڻ گهرجي ۽ انهن جي ڏکن جو خيال رکيو وڃي هنن چيو ته سولنگي پاڪستان جو وڏو قبيلو آهي پر سياست ۾ هميشه پوئتي رکيو ويو آهي هاڻ اسان جي لکيل پڙهيلن کي عام چونڊن ۾ ٽڪيٽون نه ڏنيون ويون ته انهن جو مقابلو ڪيو ويندو هي هڪ سماجي تنظيم آهي جنهن جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ آهي بيروزگار نوجوانن کي گهرجي ته ڪاروبار ڪن ۽ ڪيپٽن جا پارليمينٽ بڻجي وڃو جنهن سان غربت جو خاتمو اچي سگهي ٿو ان موقعي تي سنڌ سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن ضلعي خيرپور جي لاءِ صدر ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي جنرل سيڪريٽري خان محمد سولنگي کي چونڊيو ويو ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپي جا تحفا ڏنا ويا ڪنوينشن ۾ وڏي تعداد ۾ سولنگي برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي

گڏيجي:۔۔۔ سولنگي برادري جي ڪنوينشن کي انجنيئر سائينداد سولنگي ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد ۾ ڪم ڪندڙ مزدور مٿان پلر ڪري پيو،سول اسپتال ۾زخمن جي سٽ نه سهندي فوت

جيڪب آباد (ڊ ر)جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد ڄڄيا چوڪ پرسان عمارت جو تعميراتي ڪم ڪندي مزدورن مٿان پلر ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ پيچوها ڦاٽڪ جو رهواسي پورهيت اختيار چنو ۽ ڄڄيا چوڪ جو رهواسي استاد نظير دشتي زخمي ٿي پيا جن کي موقعي تي موجود ماڻهن فوري طور ڪٽائي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي مزدور اختيار چنو زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته زخمي استاد نظير دشتي کي ڊاڪٽرن پاران طبي امداد ڏني وئي اطلاع تي فوتي مزدور جا وارث سول اسپتال پهچي ويا جڏ لاش کي ڏسندي ئي رڙيون شروع ڪري ڏنيون ڊاڪٽرن پاران فوتي مزدور جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي ايمبولينس ذريعي سندس گهر کڻائي ويا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو ان سلسلي ۾ فوتي مزدور جي ساٿي ٻڌايو ته اسين گڏ ڪم ڪري رهيا هئاسين ته اختيار ۽ استاد نظير مٿان اوچتو پلر ڪري پيو جنهن نتيجي ۾ اهڙو واقعو پيش آيو

دادلغاري ويجهو ڳوٺ ڪرم لغاري جو رهواسي پورهيت بستري پيڙو

عبدالستار لغاري ڏيڍ سال اڳ ڪجي جي وڻ تان ڪرڻ سبب چيلهه ٽٽڻ ڪري اپاهج بڻيل

مون کي ست ٻار آهن انهن جي ڪفالت ڪرڻ به منهنجي لاءِ مشڪل ٿي وئي آهي: عبدالستار لغاري

داد لغاري(ن ع)دادلغاري ويجهو ڳوٺ ڪرم لغاري جو رهواسي پورهيت عبدالستار لغاري ڏيڍ سال اڳ ڪجي جي وڻ تان ڪرڻ سبب چيلهه ٽٽڻ ڪري اپاهج بڻجي ڪٽ پيڙو ٿي ويو آهي،مسڪيني حال هجڻ ڪري علاج ڪان قاصر بڻيل معذور عبدالستار لغاري وسوان کي اپيل ڪندي چيو ته ڏيڍ سال اڳ ڪجي جي وڻ تان ڪري پيو هوس، ڪرڻ سبب منهنجي چيلهه ٽٽي پئي هئي، گهر جو الهه تلهه وڪڻي علاج ڪرايو آهي پر طبيعت ۾ سڌارو نه اچي سگهيو آهي مسڪيني حال هجڻ ڪري وقت سر علاج نه ٿو ٿئي جنهن سبب هلڻ چلڻ کان لاچار بڻجي ڪٽ پيڙو ٿي ويو آهيان علاج لاءِ مالي طاقت ناهين گهر ۾ فاقا ڪشي آهي مون کي ست ٻار آهن انهن جي ڪفالت ڪرڻ به منهنجي لاءِ مشڪل ٿي وئي آهي، هن چيو ته وسوارا ۽ چونڊيل نمائندا منهنجي مالي مدد ڪن ته جيئن مان پنهنجو علاج ڪرائي سگهان

داد لغاري: عبدالستار لغاري ڏيڍ سال اڳ ڪجي جي وڻ تان ڪرڻ سبب چيلهه ٽٽڻ ڪري اپاهج بڻيل

ماتلي ۾ پيپلز پارٽي جي بنيادي ورڪر جو پٽ خلاف احتجاج

ماتلي (ن ع) پيپلز پارٽي جي بنيادي ورڪر ۽ پارٽي جي اڳوڻي تعلقي ماتلي جي صدر گل محمد سريوال پنهنجي پٽن سنڌس زمين گهر ۽ لائيسنس وارن هٿيارن تي قبضو ڪرڻ ۽ ڪيس جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام هڻندي پريس ڪلب پهچي ويو پٽن خلاف ڪارروائي نه ٿي ته هو 10 ڏينهن اندر پريس ڪلب آڏو پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙيندو تعلقي جي اڳوڻي صدر گل محمد سريوال پريس ڪلب آڏو احتجاج ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پٽ سنڌس ديهه ڏڙو سينڌي يوسي ماڪ لغاري ڳوٺ حاجي الهڏنو سريوال ۾ 50 ايڪڙ زمين گهر اوطاق لائسنس وارن هٿيارن ۽ ٻي سامان تي قبضو ڪري ويٺي رهيا آهن ۽ ڪيس ڳوٺ ۾ اچڻ به نه ٿا ڏين نه زمين آباد ڪرڻ ٿا ڏين ۽ نه ئي وري مقاطعي تي ڏيڻ ٿا ڏين . هن چيو ته هن اهڙيون شڪايتون ماتلي جي ايم پي اي ڊاڏا حاجي محمد هاليپوٽي ۽ پيپلز پارٽي جي تعلقي صدر محمد صالح هاليپوٽي کي ڏني جن منهنجي پٽن کي اٿين ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ لائيسنس وارا هٿيار موٽن کي ڏيارڻ لاءِ چيو جنهن تي پٽن ها به ڪئي پر بعد ۾ هو پنهنجي واعدي تان ڦري ويا هن چيو ته هو جڏهن ايس ايس پي بدين وٽ دانهن ڪئي ويو ته هن چيو ته اهو پيءُ پٽن جو معاملو آهي . ڊي ايس پي ٽلٽو موٽن تي ۽ منهنجي مقاطيدارن تي ايف آءِ آر ڪٽڻ جون ڌمڪيون پيو ڏي هن چيو ته سنڌس هڪ ٻه نه ٿي ٻڌي وڃي ۽ پٽن جي اهڙي رويي مان هو سخت مايوس ٿي چڪو آهي جنهن ڪري هو 10 ڏينهن اندر پاڻ ساڙيندو جنهن جي ذميواري پٽن روينيو ڪاٽي ۽

سنڌ يونيورسٽي ۾ عالمي فارماسسٽس ڏينهن ملهايو ويو،تقريب منعقد

صحت جي شعبي ۾ فارماسسٽس جو اهم ڪردار آهي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

دوائن جي معيار، مناسب استعمال ۽ رهنمائي بابت خدمتون وڏي اهميت رکن ٿيون

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي فئڪلٽي آف فارميسي طرفان عالمي فارماسسٽس ڏينهن ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ فئڪلٽي جي آڊيٽوريم ۾ ”صحتمند مستقبل لاءِ فارماسسٽس کي بااختيار بڻائڻ جي ضرورت“ جي موضوع تي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر چيو ته فارميسي سنڌ يونيورسٽي جي انتهائي اهم فئڪلٽي آهي جيڪا 1974ع ۾ قائم ٿي ۽ پنهنجي گولڊن جوبلي مڪمل ڪري چڪي آهي. هن چيو ته صحت جي شعبي ۾ فارماسسٽس جو اهم ڪردار آهي جيڪي مريضن جي محفوظ ۽ اثرائتي علاج ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن چيو ته دوائن جي معيار، مناسب استعمال ۽ مريضن جي رهنمائي جي حوالي سان فارماسسٽ جون خدمتون وڏي اهميت رکن ٿيون هن چيو ته فارماسسٽ ڪميونٽي جو نالو آهي جيڪا انساني زندگي جي بچاءَ سان واسطو رکي ٿي هن طب جي شعبي ۾ ابن سينا جي خدمتن جو ذڪر ڪندي چيو ته سندس خدمتون تاريخ جو روشن باب آهن، سندس ڪردار ۽ ڪوششون فارماسسٽس لاءِ هڪ شاندار مثال جيان آهن جنهن مان ڪين رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي. وائيس چانسلر چيو ته فارميسي جي ڊگري جي وڏي اهميت آهي هتان پاس آئوٽ ٿيندڙ شاگردن لاءِ سرڪاري نوڪري نجي شعبن ۾ ڪيريئر جا تمام گهڻا موقعا موجود آهن وائيس چانسلر شاگردن تي زور ڀريو ته اهي پنهنجو سمورو ڌيان تعليم تي ڏين ته جيئن پنهنجي قابليت جي بنياد تي ڪامياب ڪيريئر جا موقعا ماڻي سگهن ان کان اڳ فئڪلٽي آف فارميسي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي گهوٽو پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ وائيس چانسلر کي پليڪار چيو ۽ سندس رهنمائي ۽ همت افزائي جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته ميڊيڪل جو شعبو فارماسسٽس جي ڪردار کان سواءِ نامڪمل آهي هن چيو ته هي عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد فارماسسٽس جي ڪم ۽ ڪردار کي پيٽا پيش ڪرڻ سان گڏ سندن همت افزائي ڪرڻ به آهي ان موقعي تي وائيس چانسلر ڊين ۽ فئڪلٽي ميمبرن گڏجي فارماسسٽس جي عالمي ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو. تقريب جي شروعات ۾ تلاوت ڪلام پاڪ ڪانيه فئڪلٽي جي شاگردن منظر ۽ ايهما نعت پيش ڪئي هن تقريب جي ڪمپيئرنگ عائشه فيصل رابعه جاويد، پريسا ۽ لويزا ڪئي،هن تقريب ۾ فئڪلٽي جي مختلف شعبن جي چيئرمين ۽ استادن جن ۾ ڊاڪٽر عبدالرحمان مغل، ڊاڪٽر اڪرم ڪبري، ڊاڪٽر اسلم سولنگي، ڊاڪٽر عمران سهرياڻي، ڊاڪٽر مظهر ميمڻ ڊاڪٽر احمد شاهه، ڊاڪٽر سلمان راجپوت، ڊاڪٽر جميلا جمالي، ڊاڪٽر شعيب عمراڻي، ڊاڪٽر نريندر شرما، ڊاڪٽر سعيد احمد لاڪو ڊاڪٽر ساهه بيبي، ڊاڪٽر وقار سبزوئي، ڊاڪٽر مهاراجا ۽ ڊاڪٽر مبشر شاهه شرڪت ڪئي

ڄامشورو: صحت جي شعبي ۾ فارماسسٽس جو اهم ڪردار آهي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

خيرپور ضلعي ۾عوام چتن ڪتن جي حملن کان محفوظ نه ٿي سگهيو،گمبٽ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ضلعي ۾ ڪتن جي خاتمي لاءِ هر سال لکين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود عوام چتن ڪتن جي حملن کان محفوظ نه ٿي سگهيو،گمبٽ، ڪوٽڏيجي، سوڀوديرو ۽ ڪنگري تعلقن ۾ گذريل 9 مهينن دوران 2264 چتن ڪي چتن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي پي پي ايڇ آءِ جي انگن اکرن موجب جنوري کان سيپٽمبر 2026ع تائين ڪتن جي ڏاڙهڻ جا مجموعي طور 2264 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جن ۾ ٻارڙن عورتن ۽ مردن سميت مختلف عمرن جا ماڻهو شامل آهن جن کي طبي امداد فراهم ڪرڻ سان گڏ ريبيز کان بچاءَ جون ويڪسينون پڻ لڳايون ويون انگن اکرن موجب جنوري ۾ 351، فيبروري ۾ 345، مارچ ۾ 297، اپريل ۾ 259، مئي ۾ 197، جون ۾ 212، جولاءِ ۾ 218، آگسٽ ۾ 211 ۽ سيپٽمبر ۾ 174 ڪيس رپورٽ ٿيا،ان سلسلي ۾ شهرين جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت عوام کي چتن ڪتن جي حملن کان بچائڻ لاءِ سڪاتي ڪاٽي جي فنڊز جاري ڪري ٿي پر عملي طور عوام کي ان جو ڪو خاطرخواهه رليف نظر نه ٿو اچي 2264 ماڻهن جو ڪتن جي حملن ۾ زخمي ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي

ڪامل ريزيڊنسي سڪرنڊ ۾ يارهين شريف جو جلسو عام

الطاف نقشبندي ۽ نظير نقشبندي نعت شريف جا نذرانا پيش ڪيا

يارهين شريف وارو پير سهڻي پيرن جو سردار آهي:پير شهاب الدين لوڙهائي

سڪرنڊ (ن ع)فقير نثار احمد لوڙهائي پاران حضور سيدنا غوث الاعظم جيلاني جن جي يارهين شريف جي سلسلي ۾ڪامل ريزيڊنسي سڪرنڊ ۾ جلسه عام جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ عالمن حافظن ۽ مذهبي شخصيتن ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت جن ۾ MPA غلام قادر چانڊيو سڪرنڊ پريس ڪلب جو صدر غلام حيدر سولنگي علي رستم سمون شرڪت علي ڪبريو غلام مصطفيٰ راجپوت، پريل اتن قاضي ايم اشرف ميمڻ غلام سرور راهو مسعود ميمڻ ۽ قاضي جاويد سنائي سميت ٻيا شامل هئا پروگرام سيد نور محمد شاهه جي صدارت هيٺ ٿي گزريو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور نعت خوان الطاف حسين نقشبندي ۽ نظير احمد نقشبندي آقا ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانا پيش ڪيا يارهين شريف جي جلسي ۾ درگاهه لوڙهو شريف جي سجاده نشين پير فقير شهاب الدين لوڙهائي جن مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جنهن پنهنجي خصوصي بيان ۾ حضور سيدنا غوث الاعظم رضي الله تعالىٰ عنه جن جي سيرت، ڪرامت، ولايت تي بيان ڪندي چيو ته يارهين شريف وارو پير سهڻي پيرن جو سردار آهي سندس ولايت جو فيض آهي جو ڪيترائي ولي ان مان فائدو حاصل ڪري چڪا آهن جن پڻ دين اسلام جي خدمت ڪئي آهي هن چيو ته اسين خوشنصيب آهيون جو اسان نبيءَ جي سردار جا امتي ۽ ولين جي سردار جا مريد آهيون جلسي دوران الله سائين جو ذڪر بلند آواز سان ڪرايو ويو جنهن بعد اجتماعي دعا سان پروگرام جي پڄاڻي ٿي آخر ۾ يارهين شريف جي لنگر جو اهتمام ڪيو ويو

سڪرنڊ: الطاف نقشبندي ۽ نظير نقشبندي نعت شريف جا نذرانا پيش ڪيا

ميرپورخاص جي صحافين تي ڪيس داخل ڪرڻ اوڏيرولال ۾ احتجاج

پريس ڪلب جي جي صدر عبدالغفور هنگورو جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو ويو

صحافي حق ۽ سچ جا ساٿاري آهن انهن تي داخل ڪيس جهڪائي نٿا سگهن: مظاهرين

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال جي صحافين جو ميرپورخاص جي صحافين تي ڪيس داخل ڪرڻ ۽ پوليس گردي خلاف صحافين عوامي پريس ڪلب اوڏيرولال اسٽيشن جي صدر عبدالغفور هنگورو جي اڳواڻيءَ ۾ فضل بلوچ سومار چنو خالد خاصخيلي غلام نبي چنو شاهنواز چنو نور حسن هڪڙو سليمان خاصخيلي ٻين صحافين جو احتجاج عوامي پريس ڪلب اوڏيرولال اسٽيشن جي صحافين احتجاج ڪندي چيو ته ميرپورخاص پوليس بدترين انتقامي ڪارروايون ڪندي صحافي فلڪ شير سميت ٻين جي خلاف زبردستي ڪوڙا ويڊيو تحريري بيان وٺڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويو ۽ ٽوان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ به تياريون ڪندي ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي انهن چيو ته صحافي حق ۽ سچ جا ساٿاري آهن انهن تي داخل ڪيس جهڪائي نٿا سگهن اسان ميرپورخاص پوليس گردي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي آئي جي سنڌ کان مطالبو ٿا ڪيون ته صحافي فلڪ شير ۽ ٻين تي ميرپورخاص پوليس پاران داخل ڪيل ڪيس جلد ختم ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري اسان صحافين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ٽنڊوالهيار ۽ ميرپورخاص روڊ تي راڄو هنيو ويندو

دوڙ مهراڻ هاءِ وي تي ڊمپر ۽ موٽرسائيڪل ۾ٽڪر،ٻه سڳيون ڀيڻون چيپاٽجي فوت

مهراڻ هاءِ وي تي گذريل رات ڊمپر ۽ موٽرسائيڪل جي ايڪسيڊنٽ ۾عروسه ۽ مريم ڏيٽر سرفراز ڏاهري بروقت چيپاٽجي فوت ٿي ويون

جسقم شهيد بشير خان بادل بروهي ظفرالله بروهي امان الله بروهي ۽ سوين ماڻهن احتجاجن ڌرڻون هڻي روڊ بلاڪ ڪيو

اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه دوڙ ۽ ڊي ايس پي مظاهري سان ڳالهيون ڪيون،19 ڪلاڪن بعد ڌرڻو ختم ڪري ٽريفڪ بحال ڪئي وئي

دوڙ(ن ع)دوڙ مهراڻ هاءِ وي تي گذريل رات ڊمپر ۽ موٽرسائيڪل جي ايڪسيڊنٽ سان ٻه سڳيون ڀيڻون عروسه ۽ مريم ڏيٽرسرفراز ڏاهري بروقت چيپاٽجي فوت ٿي ويون هڪ مرد شخت زخمي ٿي پيو جنهن بعد جسقم شهيد بشير خان بادل بروهي ظفرالله بروهي امان الله بروهي ۽ سوين ماڻهن احتجاجن ڌرڻون هڻي روڊ بلاڪ ڪيو جيڪو انتظاميه سان ڳالهين بعد 19 ڪلاڪن بعد ڌرڻو ختم ڪري ٽريفڪ بحال ڪئي وئي مهراڻ هاءِ وي تي هيوي ٽريفڪ جي آمدورفت خلاف جاري ڌرڻو انتظاميه اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه دوڙ ڊاڪٽر حسين ڪاڪڙ ۽ ڊي ايس پي دوڙ حبيب الرحمان لاشاري قومپرست اڳواڻن فقير طاهر علي زرداري، منتظر علي رگڙ ۽ بادل بروهي محبوب علي خاصخيليءَ سان ڳالهيون ڪيون جنهن ڪانپوءِ معاملا طئي ٿيڻ تي 19 ڪلاڪن بعد لڳل ڌرڻو ختم ڪيو ويو،ڌرڻو ختم ٿيڻ بعد مهراڻ هاءِ وي تي ٻنهي پاسن کان بيٺل سوين گاڏين جي ٽريفڪ جي روانگي بحال ٿي وئي آهي ۽ گاڏين جي آمدورفت معمول تي اچي وئي آهي

راضيڊيرو لڳ پٽ جي قبر تي ويل ماءُ واپس گهر نه موٽي،وارث تلاش ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ کڻي نڪري پيا

ٻهارو ٿاٽي آڏو ڏينهن ڏٺي جو سرعام بيدردي سان قتل ڪيل نوجوان عجيب آريجو جي امڙ گم ٿي وئي

امڙ صبح جو مقتول پٽ عجيب آريجو جي قبر تي وئي جتان واپس ناهي آئي،ڳولا ڪئي آهي پر ڪٿي ڏس پتو نٿو ملي:وارث

گم ٿيل امڙ جو اڳوڻو مڙس تعلقي گمبٽ جي پ.پ.پ اڳواڻن نورالدين پنهور وٽ ريڙهي هائوس تي پهتل، قاتلن کي هر گز پناهه نه ڏينداسين:اڳوڻو مڙس

راضيڊيرو(ن ع)ظلم جي انتها ٿي وئي،خيرپور ضلعو انتظامي لاپرواهي جي ڪري ڪاري رات جو قصو بڻجندو پيو وڃي هاڻي هاجا پنهور هن تنهنجي پوٽن جا پٽ جي قبر تي ويل معاتر ماءُ واپس گهر نه وري معاتر ٿيل مقتول جي ماءُ کي وارث تلاش ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ کڻي نڪري پيا راضيڊيرو لڳ ٻهارو شهر ۾ ڇهه ڏينهن اڳ مين چوڪ تي ٻهارو ٿاٽي آڏو ڏينهن ڏٺي جو سرعام بيدردي سان قتل ڪيل نوجوان عجيب آريجو جي امڙ گم وارث پاڪ ڪتاب کڻي ڳولا لاءِ نڪري پيا،ان ڏس ۾ مقتول جي امڙ الله ڏني آريجو جي اڳوڻي مڙس پاڪ ڪتاب کڻي ٻهارو شهر ۾ ڳولا لاءِ نڪري پيو ان موقعي تي هن ٻڌايو ته صبح جو مقتول پٽ عجيب آريجو جي قبر تي وئي جتان واپس ناهي آئي شهر ٿوڙي آس پاس ۾ ڳولا ڪئي آهي پر ڪٿي ڏس پتو ئي نٿو ملي ڪيس ۾ فريادڻ به آهائي آهي شڪ آهي ته کيس اغوا ڪيو ويو آهي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڳولا ۾ مدد ڪن خودانهن مقتول جي امڙ جو اڳوڻو مڙس تعلقي گمبٽ جي پ.پ.پ اڳواڻن نورالدين پنهور وٽ ريڙهي هائوس تي پهتو جنهن معاتري کي يقين ڏياريو ته ان قاتلن کي هر گز پناهه نه ڏينداس ۽ ڻن قاتلن کي گرفتاري جو پڻ مطالبو ڪيو خودانهن پ.پ.پ تعلقي گمبٽ جي اڳوڻي صدر لياقت علي شاهه سان ٻه مليو مدد جي اپيل خاطر تنهن به يقين ڏياريندي مقتول جي امڙ جي ڳولا ۾ مدد ڪرڻ ۽ قاتلن جي گرفتاري مطالبو ڪيو ۽ تحفظ ڏيڻ جي پوليس کان گهر ڪئي

شهري اتحاد ميهڙ پاران شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ 23هين ڏينهن ۾ جاري،احتجاجي ريلي

صفائي،ڊرينيج جي تباهه حال نظام،صاف پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي ريلي

ريلي ۾شهرين سياسي، سماجي ۽ مذهبي ڌرين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾شرڪت ڪئي،ميونسپل ڪاميٽي انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي وئي

ميهڙ شهر جا رهواسي ڏگهي عرصي کان بنيادي شهري سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن:نياز علي برڙو

بنيادي مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي عملي طور تي ڪم شروع ڪيو وڃي،جيئن شهرين کي درپيش تڪليفن مان ڇوٽڪارو ملي سگهي

ميهڙ(رپورٽ:نعمت الله مهيسر)ميهڙ شهر ۾ صفائي سٿرائي، ڊرينيج جي تباهه حال نظام، صاف پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ پاران شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ 23هين ڏينهن ۾ جاري رهي،ان سلسلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو جي اڳواڻي ۾ شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهرين سياسي سماجي ۽ مذهبي ڌرين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾شرڪت ڪئي،احتجاجي ريلي دوران شرڪت ڪندڙن ميونسپل ڪاميٽي جي انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪندي شهر جا بنيادي مسئلا فوري طور حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ريلي مختلف رستن تان ٿيندي مقرر ڪيل هنڌ تي پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي ميهڙ شهر جي موجوده صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيوان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ محمد ايوب ڪوسو اهلسنت والجماعت جي سائين منظور چانڊيو ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو عبدالفتاح شاهه زبير احمد سمون نبيل پنهور دلبر ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو،اڳواڻن چيو ته ميهڙ شهر جا رهواسي ڏگهي عرصي کان بنيادي شهري سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي جو مناسب انتظام نه هجڻ سبب گندگي جا ڍير موجود آهن جڏهن ته نيڪال جو نظام پڻ بهتر نموني ڪم نه ڪرڻ سبب ڪيترن ئي علائقن ۾ گندو پاڻي جي نيڪال جو مسئلو پيدا ٿي رهيو آهي هنن چيو ته صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي پڻ شهرين جو بنيادي حق آهي پر ان حوالي سان به شڪايتون ختم نه ٿي سگهيون آهن هنن وڌيڪ چيو ته شهري ڪيترن ئي ڏينهن کان پرامن احتجاج ذريعي پنهنجي جائز مطالبن ڏانهن انتظاميه جو ڌيان ڇڪائي رهيا آهن پر اڃا تائين مسئلن جي مستقل حل لاءِ اثرائتا قدم نظر نه اچي رهيا آهن اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ شهر جي صفائي سٿرائي ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻي،شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي برڙو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته شهرين جا مسئلا حل ٿيڻ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي، هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ميهڙ شهر جي بنيادي مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي عملي طور تي ڪم شروع ڪيو وڃي، جيئن شهرين کي درپيش تڪليفن مان ڇوٽڪارو ملي سگهي،احتجاج دوران شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي شهري اتحاد جي مطالبن جي حمايت جو اعلان ڪيو ۽ ميونسپل ڪاميٽي کان شهر ۾ صفائي، صاف پاڻي ۽ بهتر ڊرينيج سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

ميهڙ: صفائي،ڊرينيج جي تباهه حال نظام،صاف پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ ٻين بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ماٽيلي پيڻ ظلم ڪري اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي:عطاءالله اعواڻ

هالاڻي (ن ع)اسان مٿان پنهنجي ماٽيلي پيڻ ظلم ڪري اسان پائرن ڀجڻ ۽ امڙ جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي،عطاءالله اعواڻ هالاڻي پريس ڪلب پهچي ماٽيلي پيڻ سڪينه خاصخيلي خلاف دانهيندي چيو ته هن عورت کي شاديون ڪيون آهن ۽ ٽنهي مڙسن کان علحدگي ڪري اسان وٽ ويٺي آهي هر روز گهر ۾ اسان جي امڙ پائرن ڀجڻ کي تشدد جو نشانو بڻائي اسان شريف ڪاروباري ماڻهن جي ساک متاثر ڪري اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي.

هزارين شاگردن کي علم جي زيور سان آراسته ڪندڙ استاد ڪينسر سبب لاڏاڻو ڪيو

ٽنڊوڄام جو سينئر استاد غلام سرور سيال لاڏاڻو ڪري ويو

هزارين شاگردن کي علم جي زيور سان آراسته ڪندڙ استاد ڪينسر سبب لاڏاڻو ڪيو

مرحوم ٽن ڏهاڪن تائين ٽنڊي جام هاءِ اسڪول نمبر ون ۾خدمتون سرانجام ڏنيون

اسڪول جي بهتري لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو،استادن جي تنظيم ڳنڍڻ ۾ پڻ سرگرم رهيو

ٽنڊوڄام(ڊ ر)گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊوڄام نمبر ون جو سينئر استاد ۽ ٽنڊوڄام ۽ آسپاس جي هزارين شاگردن کي علم جي زيور سان آراسته ڪندڙ ناليوارو استاد غلام سرور سيال ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي 56 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم غلام سرور سيال ٽن ڏهاڪن تائين ٽنڊي جام جي هاءِ اسڪول نمبر ون ۾ استاد جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو هو هميشه اسڪول جي بهتري لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو هو استادن جي تنظيم ڳنڍڻ ۾ پڻ سرگرم رهيو مرحوم جي جنازي ۾ استادن، شاگردن ۽ ٻين جي معززين سميت ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

سنڌ سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران سچل آڊيٽوريم هال ۾ تقريب

خيرپور(ڊ ر)سنڌ سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران برادري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ خيرپور جي سچل آڊيٽوريم هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ سردار اشرف علي خان سولنگي ، سائين داد سولنگي ، امداد سولنگي ، خان محمد سولنگي ،، مجيب عالم سولنگي عبدالقيوم سولنگي ۽ ٻين وڏي انگ شرڪت ڪئي،ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سولنگي برادري سنڌ جي تمام وڏي برادري آهي ان برادري تعليم سميت ٻين سماجي ڪمن ۾ سٺو اڳڀرو ڪردار ڪيو آهي هنن چيو ته هن تقريب جو خاص مقصد برادري ۾ تعليم کي عام ڪرڻ سان گڏوگڏ نفرتن کي ختم ڪرڻ آهي هنن چيو ته برادري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ خيرپور ضلعي لاءِ نئين باڊي جنهن ضلعي صدر ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي، جنرل سيڪريٽري

اڏيرولعل وليج ٿاڻي جي حد ۾هول سيل جي دڪان کي ڪاٽ

نامعلوم چور ڇت ٽوڙي ڪاٽ هڻي مبينا 70 هزار رپيا ڪيش رقم چوري ڪري فرار

چورين، ڦرون ۽ ڪاٽ هڻي شهر ۾ اسان جي ڪاروبار کي تباهه ڪيو پيو وڃي: دڪاندار

اوڏيرولال(ن ع)اڏيرولعل وليج ٿاڻي جي حد ۾ روچ شهر واقع رانا شڪيل احمد راجپوت جي هول سيل دڪان جا نامعلوم چور ڇت ٽوڙي ڪاٽ هڻي مبينا 70 هزار رپيا ڪيش رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا،ٻئي طرف دڪان جي مالڪ جو چوڻ آهي ته شهر جي مين بازار ۾ دڪان واقع آهي چوڪيدار به آهن هي چوري نه پر زبردستي ۽ ناجائز چوريون، ڦرون ۽ ڪاٽ هڻي شهر ۾ اسان جي ڪاروبار کي تباهه ڪيو پيو وڃي ٻئي طرف شهرين جو چوڻ آهي ته شهر ۾ چوڪيدار سسٽم هجڻ باوجود چوري جو واقعو پيش اچڻ افسوس جوڳو عمل آهي

اڏيرولعل دڪان کي هنيل ڪاٽ جو ڏيک ۽ ملڪ احتجاج ڪري رهيو آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ABC CERTIFIED

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڦلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 06 آڪٽوبر 2026ع

سنڌ بدلجي رهي آهي

سنڌ جي باري ۾ عام طور تي جڏهن بہ ڳالهہ ٿئي ٿي تہ اسان جي ذهنن ۾ غربت، بيروزگاري، تعليم جي کوٽ، بدامني، قبائلي تڪرار ۽ سماجي مسئلا اچي وڃن ٿا. اهي مسئلا پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهن ۽ انهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر سنڌ جي هڪ ٻي تصوير بہ آهي، جيڪا شايد اسان جي نظرن کان اوجهل رهي ٿي. اها تصوير انهن نوجوانن جي آهي جيڪي صبح سوير ڪتاب کڻي لائبريرين جو رخ ڪن ٿا. انهن والدين جي آهي جيڪي پنهنجي محدود وسيلن مان اولاد جي تعليم لاءِ خرچ ڪن ٿا ۽ انهن ننڍين شهرن جي نوجوانن جي آهي جيڪي وڏي شهر جي سهولتن کان سواءِ بہ مختلف مقابلن ۾ اڳتي نڪري رهيا آهن هيءَ تصوير ٻڌائي ٿي تہ **سنڌ بدلجي رهي آهي.** حيدرآباد جي شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو لائبريريءَ جو منظر ان تبديليءَ جو هڪ چٽو مثال آهي سڄ اڀرڻ سان ئي نوجوان لائبريريءَ جي دروازي تي پهچي وڃن ٿا. ڪيترائي نوجوان اندر جاءِ ملڻ جي اميد ۾ قطارون ناهي بيهن ٿا. انهن جي هٿن ۾ ڪتاب آهن، اکين ۾ خواب آهن ۽ ذهنن ۾ مستقبل ناهڻ جي جستجو آهي هي منظر رڳو هڪ لائبريريءَ جو منظر ناهي پر سنڌ جي بدلجندڙ سماج جو عڪس آهي. اڄ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ سرڪاري لائبريرين سان گڏ خانگي لائبريريون بہ قائم ٿي رهيون آهن نوجوان پنهنجي محدود آمدنيءَ مان ڊوڪڙ بچائي انهن لائبريرين ۾ پڙهن ٿا. ڪو سرڪاري نوڪريءَ جي امتحان جي تياري ڪري رهيو آهي، ڪو ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا لاءِ محنت ڪري رهيو آهي ۽ ڪو پنهنجي زندگيءَ جي حالتن کي بدلائڻ لاءِ ڪتابن سان رشتو مضبوط ڪري رهيو آهي هيءَ اها تبديلي آهي جيڪا شايد ڪنهن وڏي اعلان يا مهم کان سواءِ خاموشيءَ سان جنم وٺي رهي آهي وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ وڏن شهرن تائين محدود سمجهيون ويندڙ ڪاميابيون هاڻي ننڍين شهرن ۽ پٺتي پيل علائقن مان بہ سامهون اچي رهيون آهن مختلف امتحانن ۾ ننڍين شهرن جا نوجوان اعليٰ درجا حاصل ڪري رهيا آهن انهن وٽ شايد وڏن شهرن جهڙيون سهولتون نہ هجن پر انهن وٽ محنت، ارادو ۽ اڳتي وڌڻ جو جذبو آهي اهو ئي جذبو ڪنهن بہ سماج جي حقيقي طاقت بڻجي سگهي ٿو

هن تبديليءَ جو هڪ اهم پاسو سنڌ جي خاندانن جي سوچ ۾ ايندڙ تبديلي بہ آهي. هڪ وقت هو جڏهن ڪيترن ئي علائقن ۾ ذات، برادري ۽ قبائلي تڪرارن تي وڏا وسيلا خرچ ٿيندا هئا. ماڻهن جون توانائيون هڪ ٻئي کي پوئتي ڌڪڻ ۾ ضايع ٿينديون هيون. پر هاڻي ڪيترن ئي خاندانن جي سوچ تبديل ٿي رهي آهي. اهي پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ کي عزت، ڪاميابي ۽ مستقبل جو رستو سمجهي رهيا آهن. سنڌ جا اهي والدين ساراهہ جا مستحق آهن، جيڪي محدود وسيلن هوندي بہ پنهنجي اولاد جي تعليم لاءِ قربانيون ڏئي رهيا آهن ڪيترائي والدين ڊور ڏڳا وڪڻي پنهنجي پٽن ۽ نياڻين کي يونيورسٽين تائين پهچائي رهيا آهن. ڪنهن لاءِ اها قرباني شايد معمولي ڳالهہ هجي پر هڪ غريب يا وچولي طبقي جي خاندان لاءِ اهو پنهنجي زندگيءَ جي وڏي سيڙپ هوندي آهي. هو پنهنجي اڄ جي ضرورت قربان ڪري اولاد جي سڀاڻي کي محفوظ ڪرڻ چاهي ٿو خاص طور تي سنڌ جي نياڻين جي تعليم ۾ وڌندڙ دلچسپي هڪ وڏي سماجي تبديليءَ جي نشاني آهي. جڏهن هڪ خاندان پنهنجي نياڻيءَ جي تعليم لاءِ پنهنجي محدود وسيلن مان خرچ ڪري ٿو تہ اهو رڳو هڪ ڇوڪريءَ جي زندگي نٿو بدلائي پر ايندڙ نسلن جي سوچ بدلائڻ جو بنياد رکي ٿو تعليم يافتہ نياڻي خاندان، سماج ۽ ملڪ لاءِ وڌيڪ باشعور نسل تيار ڪري سگهي ٿي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هن خاموش تبديليءَ کي سرڪاري ادارا بہ محسوس ڪن. جيڪڏهن نوجوان لائبريرين ڏانهن اچي رهيا آهن تہ انهن لاءِ وڌيڪ لائبريريون، پڙهڻ جون جايون، ڪتاب، انٽرنيٽ جون سهولتون ۽ جديد مطالعي جا وسيلا فراهم ڪيا وڃن ننڍين شهرن جي نوجوانن کي وڏن شهرن جي نوجوانن جي برابر موقعا ملڻ گهرجن. مقابلي جي امتحانن لاءِ تياري ڪندڙ شاگردن کي رهنمائي، سکيا ۽ مطالعي جا وسيلا فراهم ڪرڻ حڪومت جي اهم ذميواري هجڻ گهرجي. هيءَ تبديلي اڃا شروعاتي مرحلي ۾ آهي پر جيڪڏهن ان کي سهارو مليو تہ سنڌ جي سماجي ۽ معاشي تقدير تبديل ٿي سگهي ٿي. اسان کي پنهنجي نوجوانن تي اعتماد ڪرڻو پوندو، سندن رستا آسان ڪرڻا پوندا ۽ انهن جي ڪتابن سان دوستي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻو پوندو

ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ جا نتيجا، سنڌ جي تعليمي الميي جي ڪهاڻي!

محمد فاروق راجپوت

تاريخ جڏهن بہ ڪنهن معاشري جي زوال جو نوحو لکندي آهي تہ ان جو پهريون باب هميشہ تعليمي ادارن جي تباهي ۽ علم تي سياست جي غلبي سان شروع ٿيندو آهي سنڌ ڌرتي جيڪا ڪڏهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ سچل سرمستؒ جي صوفيائين روايتن ۽ علمي توڙي ثقافتي گهوارڙي طور سڃاتو ويندو هو اڄ هڪ عجيب ۽ ڏکوئيندڙ حال تي بيٺل آهي هتي علم کي بصيرت جو ذريعو بڻائڻ بدران ورهاست ۽ بغض جو هٿيار بڻايو ويو آهي تازو ميڊيڪل ڪاليجن جي سلياني انٽري ٽيسٽ (MDCAT)جي نتيجن ڪانپوءِ پيدا ٿيل تازو تڪرار ڪو نئون واقعو ناهي پر اهو ان آهستي آهستي پکڙجندڙ زهر جو عڪس آهي جيڪو گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هن صوبي جي تعليمي ۽ سماجي وجود کي اندرئي اندر کان کائي رهيو آهي

گذريل ڏينهن معمول جي حساب سان گهر کان آفيس لاءِ نڪتس صحافتي ذميواريون مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ”سنڌ پارليامانٽي رپورٽرز ايسوسيئيشن (ايس پي آر اي)“ جي آفيس پهتس تہ اتي موجود صحافي دوستن وچ ۾ سنڌ ۾ ٿيل ايم ڊي ڪيٽ جي نتيجن تي بحث جاري هو هر شخص پنهنجي پنهنجي زاويي سان معاملي کي ڏسي رهيو هو ڪو نتيجن تي سوال اٿاري رهيو هو تہ ڪو ڪامياب شاگردن جي دفاع ۾ دليل ڏئي رهيو هو ان دوران ٿرپارڪر جي شهر مٺيءَ سان تعلق رکندڙ اسان جي معزز صحافي دوست سنڄي سلاواڻي هڪ اهڙي ڳالهہ ڪئي جنهن مون کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو سندس چوڻ هو تہ ڇا ٿرءِ سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن جا ٻار سٺن نمبرن سان پاس نٿا ٿي سگهن؟ جيڪڏهن انهن ٻارن محنت ڪري ايم ڊي ڪيٽ ۾ بهترين نمبر حاصل ڪيا آهن تہ ڪنهن کي بہ سندن ڪاميابيءَ تي اعتراض نہ هجڻ گهرجي اهو جملو بظاهر مختصر هو پر پنهنجي اندر سنڌ جي تعليمي نظام ۽ اسان جي اجتماعي رويي جو هڪ وڏو سوال کڻي بيٺل هو

جڏهن راند جي بساط تي شطرنج جا مُهرا هلايا ويندا آهن تہ هارڻ ۽ کٽڻ جو فيصلو خانا مٽي ڪيو ويندو آهي پر جڏهن سياستدان تعليم جي بساط تي پنهنجن مفادن جا مُهرا هلائيندا آهن تہ هارائيندڙ صرف معصوم شاگرد ۽ انهن جو روشن مستقبل هوندا آهن تازو منعقد ٿيل ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ۾ جتي ڪراچيءَ جا 9 هزار کان وڌيڪ اميدوار ۽ باقي سنڌ جا 22 هزار کن ٻار شريڪ ٿيا اتي نتيجو سامهون ايندي ئي مبارڪبادن ۽ حوصلا افزائيءَ جي صلاحن بدران تعصب، شڪ ۽ هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ جي باهہ ڀڙڪي اٿي شڪارپور جي هڪ هونهار نياڻي ماهماهہ هريش ڪمار ٽلريجا، جڏهن سڄي صوبي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي تہ اها فتح رڳو هڪ فرد يا شهرجي ناهي پر اها ٻهراڙيءَ وارن علائقن جي انهن سينڪي محنت ڪندڙ ماڻهن لاءِ فخر جو لمحو هجڻ گهرجي ها، جيڪي بنيادي سهولتن جي کوٽ باوجود ڏينهن رات محنت ڪن ٿا پر افسوس جو ان ڪاميابي تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ بدران انهن کي سياسي اکاڙي ۾ گهليو ويو آهي تڪرار جو بنيادي مرڪز اهي انگ اکر بڻجي ويا آهن جن کي سياسي جماعتن ۽ انهن جي نمائندن فوري طور پنهنجي مخصوص بيانئي لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو انگن اکرن جي جادوگري ڏسو تہ ٽاپ 20 پوزيشنن ۾ ڪراچيءَ جو هڪ بہ شاگرد شامل ناهي ٽاپ 50 ۾ رڳو 7، ٽاپ 100 ۾ 81 ۽ ٽاپ 1 هزار ۾ رڳو 2 سئو 10، يعني مشڪل سان 20 سيڪڙو ٻار ڪراچيءَ جا شامل آهن جيئن ئي اهي نتيجا سامهون آيا تہ ڪراچيءَ جي شهري ۽ سياسي حلقن ۾ اهو شور مچي ويو تہ اهو محض اتفاق ناهي پر هڪ سوچيل سمجهيل فراڊ آهي دليل اهو ڏنو ويو تہ سمورين جديد سهولتون، بهترين ڪوچنگ سينٽر، بهترين اسڪول ۽ خانگي تعليمي ادارا ڪراچيءَ ۾ موجود آهن پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هتان جا قابل ۽ محنتي ٻار ايترو پوئتي رهجي وڃن؟ ٻئي طرف قومپرستن ۽ ڳوٺاڻن نمائندن جو موقف آهي تہ سنڌ هڪ ناقابل تقسيم وحدت آهي ان جي سمورن تعليمي ادارن تي هر سنڌيءَ جو برابر حق آهي ۽ جيڪڏهن ٻهراڙين جا غريب پر محنتي ٻار اڳتي نڪري آيا آهن تہ شهري قيادت کي پنهنجي نااهلي مڃڻ بدران تعصب جو سهارو نہ وٺڻ گهرجي هن سموري ملهي جو سڀ کان خوفناڪ ۽ ڏکوئيندڙ پاسو اهو آهي تہ ٻنهي پاسن کان بيٺل سياسي اڳواڻ پنهنجا دڪان چمڪائڻ ۾ مصروف آهن هڪ طرف ايم ڪيو ايم ٽيسٽ کي رد ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهي آهي جڏهن تہ ٻيو طبقو ٽيسٽ کي هر قيمت تي برقرار رکڻ تي بضد آهي ٻنهي طرفن کان شاگردن کي اها پٽي پڙهائي پئي وڃي تہ تنهنجو حق ٻيو ڪسي رهيو آهي اصل سوال اهو ناهي تہ ٽيسٽ ۾ ڪيترا ٻار ڪهڙي شهر جا پاس ٿيا آهن پر سوال اهو آهي تہ صوبي جو تعليمي نظام هن حال تائين ڪيئن پهتو آهي؟ ڇا ڪنهن سنجيدگيءَ سان اهو سوچڻ جي زحمت ڪئي تہ سرڪاري تعليمي ادارن جي حالت ڪهڙي آهي؟ سنڌ اندر مختلف ضلعن ۾ نہ اسڪولن جون عمارتون سلامت آهن ۽ نہ ئي استادن جي حاضري يقيني بڻائي وڃي ٿي ڪاپي ڪرڻ مافيا ۽ ٽيسٽنگ ايجنسين جي طريقيڪار تي اٿندڙ سوالن سڄي تعليمي ڍانچي جي اعتبار کي ختم ڪري ڇڏيو آهي ٻئي طرف ڪراچيءَ جو تعليمي نظام واپاري مرڪزن ۾ تبديل ٿي چڪو آهي، جتي مهانگا ترين ڪوچنگ سينٽر ۽ خانگي اڪيڊميون علم وڪڻڻ جا دڪان بڻيل آهن جڏهن رياست پنهنجين بنيادي ذميوارين يعني معياري تعليم جي هڪجهڙائي ۽ شفاف فراهميءَ تان هٿ کڻي وڃي ٿي تہ پوءِ اهڙي قسم جا الميا جنم وٺندا آهن سنڌ جي سياست کي سمجهڻ لاءِ ايم ڊي ڪيٽ جو تازو تڪرار هڪ بهترين استعارو آهي

رياست ۽ ان جي پاليسي سازن کي هاڻي اها ڳالهہ چڱيءَ ريت سمجهڻ گهرجي تہ تعليم کي سياسي راند ۾ اولائڻ جا نتيجا انتهائي خطرناڪ هوندا آهن جو تہ دنيا انهيءَ شيءِ کان اڳتي نڪري وئي آهي هنرلو ذهانت، ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي تحقيق جو دور آهي ۽ اسان اڃا تائين ان بحث ۾ ڦاٿل آهيون تہ شڪارپور جي نياڻي جو اڳتي نڪرڻ ڏوهہ آهي يا ڪراچيءَ جي ٻار جو پوئتي رهجي وڃڻ سازش آهي؟ سڄي صوبي ۾ هڪجهڙو، معياري ۽ شفاف تعليمي نظام قائم ڪيو وڃي ٽيسٽنگ سسٽم کي ايترو مضبوط ۽ ناقابل ترديد بڻايو وڃي جو ڪنهن بہ شاگرد کي پنهنجو حق کسجڻ جو خدشو نہ رهي سنڌ جي هر ٻار جو، ڀلي هو ڪراچيءَ جي روڊن تي رهندو هجي يا ٿر جي ريگستانن ۾ اهو بنيادي حق آهي تہ کيس معياري تعليم ۽ شفاف مقابلي جا موقعا ملن سياستدانن کي گهرجي تہ معصوم ٻارن جي جذبن سان کيڏڻ بند ڪن ۽ تعليمي تباهيءَ جي ان راند کي ختم ڪن جيڪڏهن اڄ اسان علم کي لساني تعصب ۽ سياست کان پاڪ نہ ڪيو تہ سڀاڻي اسان وٽ نہ سٺا ڊاڪٽر هوندا، نہ سٺا انجنيئر ۽ نہ ئي هڪ باشعور قوم هوندي تاريخ ڪنهن کي معاف نہ ڪندي ۽ جيڪڏهن اهو سلسلو ائين ئي هلندو رهيو تہ ايندڙ نسل اسان کان هن ڏوهاري خاموشيءَ جو حساب تاريخ جي صفحن تي ضرور وٺندي

سي پيڪ ۾ سنڌ: توانائيءَ کان معاشي رستي تائين!

اياز وگهيو

حيدرآباد کان سکر تائين M-6 موٽر وي جو معاملو هاڻي رڳو هڪ روڊ جي تعمير ۾ دير جو معاملو ناهي رهيو پر اهو سنڌ جي معاشي حقن، وفاقي ترقياتي ترجيحن ۽ پاڪستان جي مجموعي معاشي مفاد سان واڳيل سوال بڻجي چڪو آهي. جو تہ جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وفاق کان M-6 بابت سوال ڪري ٿو تہ ان کي رڳو سياسي مخالفت سمجهڻ اصل مسئلي کي ننڍو ڪرڻ برابر آهي. هن سوال جي پٺيان سنڌ جي معاشي ڪردار، قومي رابطن ۽ ترقيءَ جي توازن جو هڪ وڏو بحث موجود آهي.

سنڌ وفاق کان ڪنهن خاص رعايت يا احسان جي طلبگار ناهي. سنڌ جو دليل اهو آهي تہ پاڪستان جي معيشت ۾ سنڌ جي ڪردار کي ڏسندي سنڌ کي جديد ۽ مڪمل انفراسٽرڪچر بہ ملڻ گهرجي. ڪراچيءَ جون بندرگاهون ملڪ جي عالمي واپار جو وڏو دروازو آهن، ٿر توانائيءَ جو اهم مرڪز بڻجي چڪو آهي سنڌ جي زراعت قومي خوراڪ ۽ صنعت سان ڳنڍيل آهي ۽ ڪراچي، ڪوٽڙي، حيدرآباد سميت سنڌ جا صنعتي مرڪز قومي سپلاءِ چين جو حصو بڻيل آهن. اهڙي صورتحال ۾ حيدرآباد کان سکر تائين جديد موٽر وي رڳو سنڌ جي اندر سفر آسان ڪرڻ وارو منصوبو ناهي، بلڪہ اهو ڪراچيءَ جي بندرگاهن کان ملڪ جي اترين مارڪيٽن تائين واپار جي رفتار وڌائڻ وارو معاشي رستو آهي.

بلاول جو سوال ۽ CPEC جو روح: سي پيڪ کي جيڪڏهن رڳو بجلي گهرن يا ڪجهہ مخصوص روڊن تائين محدود ڪيو وڃي تہ ان جو اصل معاشي تصور اڌورو رهجي وڃي ٿو اقتصادي راهداريءَ جو مقصد توانائي، انفراسٽرڪچر، صنعت، واپار ۽ علائقائي رابطن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ آهي. سنڌ سي پيڪ جي توانائي واري ڍانچي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پورٽ قاسم جو بجلي گهر ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪندڙ منصوبا، ٺٽي ۽ جهمپير جا ونڊ پاور منصوبا ۽ مٽياريءَ کان لاهور تائين بجلي منتقل ڪندڙ ٽرانسميشن لائين جهڙا اهم منصوبا يا رٿائون اهو ثابت ڪن ٿا تہ سنڌ پاڪستان جي توانائيءَ ڍانچي ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي پر هتي ئي بلاول ڀٽو زرداري جو سوال وڌيڪ اهم بڻجي وڃي ٿو تہ جيڪڏهن سنڌ جي زمين مان پيدا ٿيندڙ توانائي ملڪ جي ٻين حصن تائين پهچي سگهي ٿي تہ پوءِ سنڌ جي زرعي ۽ صنعتي پيداوار کي جديد روڊ ذريعي قومي مارڪيٽن تائين پهچائڻ ۾ دير ڇو؟ اهو سوال جذباتي ناهي پر اهو سوال معاشي حوالي سان اهميت رکندڙ آهي. پيداوار تڏهن مڪمل معاشي طاقت بڻجي ٿي جڏهن اها گهٽ وقت ۽ گهٽ خرچ سان مارڪيٽ تائين پهچي. ڪمزور روڊ نيٽ ورڪ سان ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌن ٿا، سامان جي ترسيل ۾ وقت لڳي ٿو ۽ صنعت جي مقابلي واري صلاحيت متاثر ٿئي ٿي. تنهن ڪري M-6 کي سنڌ جو صوبائي منصوبو نہ پر پاڪستان جي معاشي ڪارڪردگي وڌائڻ وارو قومي منصوبو سمجهڻ گهرجي.

پنجاب ۽ سنڌ جو سوال: هن بحث ۾ توازن رکڻ ضروري آهي. اهو چوڻ درست نہ ٿيندو تہ سي پيڪ تحت پنجاب کي سڀ ڪجهہ ۽ سنڌ کي ڪجهہ بہ ناهي مليو. پنجاب ۾ ساهيوال بجلي گهر، بهاولپور سولر پارڪ ۽ لاهور اورنج لائين جهڙا اهم منصوبا مڪمل ضرور ٿيا آهن. ملتان کان سکر تائين M-5 پڻ مڪمل ٿيو آهي، جيڪو پنجاب ۽ سنڌ ٻنهي کي جديد روڊ نيٽ ورڪ سان ڳنڍيندڙ اهم منصوبو آهي. ساڳئي وقت سنڌ کي بہ سي پيڪ تحت اهم توانائي منصوبا مليا آهن. تنهن ڪري اصل بحث اهو نہ هجڻ گهرجي تہ ”ڪنهن کي سڀ ڪجهہ مليو ۽ ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ مليو.“ اصل سوال ترقيءَ جي توازن، منصوبي جي نوعيت، رابطن جي تسلسل ۽ تعمير جي رفتار جو آهي. بلاول جو دليل انهيءَ نقطي تي وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو تہ سنڌ جيڪڏهن قومي معيشت کي توانائي، بندرگاهون، زراعت ۽ صنعت فراهم ڪري رهي آهي تہ ان جي اندروني معاشي رابطن کي بہ قومي ترجيح ملڻ گهرجي. سنڌ کي رڳو توانائي پيدا ڪندڙ علائقو بڻائڻ ڪافي ناهي، بلڪہ انهيءَ کي مڪمل معاشي ڪوريڊور جو حصو بڻائڻ ضروري آهي.

M-6 جو معاشي مطلب: M-6 حيدرآباد کي سکر سان ڳنڍيندي ۽ اڳتي M-5 ذريعي ملڪ جي اترين حصن سان روڊ رابطو مضبوط ڪندو ان سان ڪراچيءَ کان ايندڙ سامان، سنڌ جي زرعي پيداوار، صنعتي خام مال ۽ تيار ٿيل شيون وڌيڪ تيزيءَ سان قومي مارڪيٽن تائين پهچي سگهن ٿيون. هڪ بهتر موٽر وي سان رڳو سفر جو وقت گهٽ نٿو ٿئي، ٽرانسپورٽ جي لاڳت گهٽجي سگهي ٿي، سامان جي ترسيل تيز ٿي سگهي ٿي، نوان صنعتي مرڪز وجود ۾ اچي سگهن ٿا ۽ روڊ جي ڀرپاسي نئين معاشي سرگرمي پيدا ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري M-6 جي دير جو نقصان صرف هڪ روڊ جي دير ناهي. هر گذرندڙ سال واپار، زراعت، صنعت ۽ لاجسٽڪس لاءِ اضافي معاشي قيمت پيدا ڪري ٿو.

اعلان کان تعمير تائين: وفاقي حڪومت نومبر 2026ع کان M-6 تي عملي ڪم شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪي آهي. اهو قدم اهم آهي پر سنڌ لاءِ هاڻي اصل سوال اعلان جو نہ پر مڪمل ٿيڻ جي تاريخ جو آهي. بلاول ڀٽو زرداريءَ جو مطالبو ان وقت وڌيڪ اثرائتو ٿيندو، جڏهن اهو رڳو M-6 شروع ڪرڻ تائين محدود نہ رهي پر واضح ٽائيم لائين، مناسب فنڊنگ، شفاف عملدرآمد، تعميراتي معيار ۽ منصوبي جي مسلسل نگراني سان ڳنڍيل هجي. سنڌ کي هاڻي گرائونڊ بريڪنگ تقريبن کان وڌيڪ ضرورت آهي. سنڌ کي اهڙو موٽر وي گهرجي، جنهن تي ٽرڪ وغيره هلن، زرعي پيداوار مارڪيٽن تائين پهچي، صنعت کي تيز لاجسٽڪس ملي، بندرگاهن جو سامان ملڪ جي ٻين حصن تائين تيزيءَ سان پهچي ۽ عام ماڻهوءَ جو سفر محفوظ ۽ آسان ٿئي. M-6 کي سنڌ ۽ پنجاب جي مقابلي ۾ تبديل ڪرڻ مسئلي کي غيرضروري صوبائي رنگ ڏيڻ هوندو. اصل سوال اهو آهي تہ پاڪستان پنهنجي معاشي وسيلن ۽ علائقن کي هڪ ٻئي سان ڪيتري مؤثر طريقي سان ڳنڍي ٿو. ڪراچيءَ جي بندرگاهہ، سنڌ جي توانائي، سنڌ جي زراعت، سنڌ جي صنعت ۽ ملڪ جي اترين مارڪيٽن کي هڪ تيز روڊ نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ پاڪستان جي معاشي مفاد ۾ آهي.

هڪ معاشي ڪوريڊور جي طاقت ان جي مضبوط حصي سان نہ پر ان جي ڪمزور ڪڙيءَ سان ماپي ويندي آهي جيڪڏهن ڪراچيءَ کان سکر تائين جديد موٽر وي موجود هجي پر حيدرآباد ۽ سکر جي وچ وارو اهم حصو ڪمزور رهي تہ سڄي معاشي زنجير جي رفتار متاثر ٿيندي. انهيءَ ڪري M-6 جو سوال هاڻي صرف سنڌ جو سوال ناهي، پر اهو پاڪستان جي معاشي حڪمت عمليءَ جو سوال آهي. سنڌ وفاق کان احسان نٿو گهري، بلڪہ سنڌ پنهنجي معاشي ڪردار جي حساب سان انفراسٽرڪچر جو حق گهري رهي آهي. جيڪڏهن سنڌ جي زمين مان پيدا ٿيندڙ توانائي قومي گرڊ کي روشن ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن ڪراچيءَ جون بندرگاهون قومي واپار کي دنيا سان ڳنڍي سگهن ٿيون ۽ جيڪڏهن سنڌ جا وسيلا پاڪستان جي صنعت کي سهارو ڏئي سگهن ٿا تہ پوءِ سنڌ جي معاشي رستن کي مڪمل ڪرڻ بہ قومي ترجيح هجڻ گهرجي. آخرڪار سوال اهو ناهي تہ M-6 ڪهڙي پارٽيءَ جي ڪاميابي بڻجي سگهي ٿو؟ سوال اهو آهي تہ سنڌ جي معاشي طاقت کي وڌيڪ ڪيترو روڪيو ويندو؟ ڪراچيءَ جون بندرگاهون ملڪ جو واپار هلائين، ٿر جي زمين توانائي ڏئي، سنڌ جي زراعت ۽ صنعت قومي مارڪيٽ کي سهارو ڏين پر حيدرآباد کان سکر تائين هڪ اهم معاشي شاهراهہ سالن تائين انتظار ۾ رهي ٿي، اهو هاڻي رڳو انتظامي دير جو معاملو نٿو رهي پر قومي ۽ معاشي ترجيحن تي سوال بڻجي ٿو. M-6 سنڌ تي احسان ناهي پر پاڪستان جي معيشت جي ضرورت آهي. هاڻي سنڌ کي اعلان، واعدو ۽ افتتاح نہ پر مڪمل ٿيل موٽر وي گهرجي، ڇو تہ سنڌ جي هڪ اهم رڳ کي روڪڻ، دراصل پاڪستان جي معيشت جي رفتار کي روڪڻ آهي.

السلام عليڪم ۽ گودي ميڊيا

مير اعظم علي ٽالپر

هندستان جا حڪمران هندستان کي دنيا جي وڏي جمهوريت سڏين ٿا، پر هندستاني سياست جي حالت اِها آهي جو هُو کوهہ جي ڏيڏر وانگر پنهنجي ملڪ کان ٻاهر جي دنيا کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار ئي نظر نٿا اچن ۽ ٻين ملڪن ۾ جمهوريت کي تسليم ڪرڻ لاءِ بہ تيار ناهن. هندستان ۾ هِن وقت جنهن کي جمهوريت چيو وڃي ٿو سا اليڪشن ڪمشنر گيانيش ڪمار جي گهوڙين تي سوار ٿي هلي رهي آهي. ايندڙ لوڪ سڀا جون چونڊون 2029ع ۾ ٿينديون پر بي جي پي هِن وقت کان ئي چيف اليڪشن ڪمشنر گيانيش ڪمار جي مدد سان مخالفن جا ووٽ ئي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ فارم نمبر 6 ناهيو آهي. جنهن ۾ ووٽر جي حوالي سان ووٽ ڏيندڙ کان هڪ عجيب ۽ غريب سوال پڇيو ويو آهي تہ ’تنهنجو نانو ڪٿي آهي تنهنجي ناني ڪٿي جي هئي؟ تو وارا ڏاڏاڻا ڪٿي جا هئا. ڏاڏو ڪٿي رهندو هو ۽ ڏاڏي ڪٿي جي هئي ظاهر آهي اهڙن سوالن پڇڻ ڪانپوءِ ملندڙ جواب جي روشني ۾ يقينن لڏپلاڻ ڪري آباد ٿيڻ وارن جا نالا چونڊن جي لسٽ مان خارج ڪيا ويندا ۽ کين بنيادي طور اُن علائقي جو نہ ووٽر سمجهيو ويندو، نہ ئي ڪو شهري تصور ڪيو ويندو. جيئن سنڌ جاٿو ايل ڪي آڏواڻي (لال ڪرشن آڏواڻي) دهليءَ جي ٽڪ جو ووٽر آهي. اهو ڇا لکندو؟ هندستان جي صوبي ڪرناٽڪ جتي ڪانگريس جي صوبائي سرڪار آهي، رڳو اُن صوبي مان 45 لک ووٽرن جا نالا ووٽرن جي فهرست مان خارج ڪيا ويا آهن. جنهن ڪانپوءِ راهول گانڌي جي اڳواڻيءَ ۾ مخالف اتحاد ۽ ڪاڪروچ پارٽي اليڪشن ڪمشنر جي استعيفيٰ لاءِ دهلي جي جنتر منتر ميدان تي جلسا ۽ جلوس ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جو تہ گهرو وزير اميت شاهہ ۽ وزيراعظم نريندر مودي جمهوريت جي نالي ۾ جمهوريت دشمن اهڙا ثابت ٿيا آهن، جيئن ڪاٺ کي لڳل اڏوهي ۽ اُن کي لڳندڙ سُرو هجن. اُن ڪانسواءِ مذهبي دشمن ڏار آهن ۽ مسلمانن لاءِ وڌيڪ نفرت وارا ڪم ڪري رهيا آهن ۽ روزانو تقريبن اٺ مسجدون شهيد ڪرڻ جي رفتار سان مسجدون شهيد ڪرائي رهيا آهن. تازو مراد آباد ۾ مسجد مصطفيٰ شهيد ڪرڻ ڪانپوءِ مڌيہ پرديش جي شهر اجين ۾ تاريخي مسجد جو مينار شهيد ڪيو ويو، هوڏانهن هندستان جي سپريم ڪورٽ بہ هڪ عجيب فيصلو ڪيو آهي تہ جيڪو ٽرئفڪ چالان نہ ڀري تہ اُن جي چالان جا پئسا بجليءَ جي بل ۾ لڳائي ڏنا وڃن. جيئن هُو بجلي جي بل سان گڏ چالان بہ ڀري ڏنڊ جي رقم ادا ڪري. گذريل هفتي ٻن سالن جي وقفي ڪانپوءِ هندستان جو هڪ وفد شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس لاءِ اسلام آباد آيو هو. بهرحال هن وقت هندستان ۽ اُن جي سياست جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. هندستان ۾ جڏهن کان 2014ع ۾ بي جي پي جي حڪومت اقتدار ۾ آئي آهي ۽ نريندر مودي وزيراعظم ٿيو آهي. اُن ڏينهن کان وٺي هندستان جو سيڪيولر وارو نقشو ئي گم ٿي ويو آهي. گانڌي جو اهنسا (امن) وارو هندستان هندو ازم جي زنجيرن ۾ قاسي ويو آهي. حالانڪ هندستان جي بنيادي قديم پارٽي ڪانگريس جو اقتدار وارو سج جاٿو مُرڳيو مذهبي چڪتاڻ وارو سج اڀري ويو. جيتوڻيڪ ڪانگريس جي وراثت واري وڙتي ۾ مليل نهرو خاندان واري گانڌي حڪومت جو سج لٿو پر اُن جي باوجود ڪانگريس جي آخري وزيراعظم من موهن سنگهہ ڪانپوءِ تہ هندستان جي سياست ۾ ڦيرو اچڻ شروع ٿي ويو. اُن کي اٽل بهاري واجپائي بطور وزيراعظم ڪجهہ نہ ڪجهہ بچائيندو رهيو پر 2014ع ۾ مودي جي اقتدار ۾ اچڻ شرط سڀ ڪجهہ ڪيسري رنگ ۾ رنگجي ويو ۽ هر هنڌ ڪنول جو گل ٽڙي ويو. (ڪنول جو گل بي جي پي جو چونڊ نشان آهي) مودي سرڪار کان پهرين ئي بابري مسجد کي نرسيما راٿو جي حڪومت ۾ شهيد ڪيو ويو. مودي سرڪار تہ اُن جي جاءِ تي رام مندر تعمير ڪري ڇڏيو. پر پوءِ هندستان جي هر هڪ قديم مسجد هيٺان آر ايس ايس ۽ بي جي پي کي مندر دفن ٿيل نظر آيو ٿي ۽ هر هڪ مسجد کي ڊاهڻ لاءِ محاذ کوليو ويو. ايتري حد تائين جو يادگار تاريخي تاج محل هيٺ بہ مندر جو چيو ويو مطلب تہ هندستان ۾ هندوتوا جي حامين ڪا بہ ڪسر باقي نہ ڇڏي آهي. جنهن سان ملڪ جي وڏي اقليت مسلم برادري کي تنگ ۽ پريشان نہ ڪيو ويو هجي، نہ رڳو ايترو پر هر محاذ تي هر اقليت کي پريشاني ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي مرڪز ۾ بي جي پي حڪومت ۽ مودي وزيراعظم ۽ اميت شاهہ گهرو وزير مسلمانن کي تنگ ڪرڻ کان ڪو بہ موقعو هٿن مان وڃائڻ نٿا چاهين. اِهو سلسلو پراڻو اُن وقت کان شروع ٿيو هو. جڏهن مودي گجرات صوبي جو وزيراعليٰ هو. جتي هن هٿ وٺي مسلمانن کي مارايو هو. اُهو ڏينهن، اڄوڪو ڏينهن، ساڳي روش جاري آهي. خبر نہ آهي گانڌي جو اهنسا وارو قول مودي جو وساري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ تہ سنڌي چوڻي موجب ’جري ڪيئن جٺي ويران وير وڏ آهي‘.

مودي جي حڪومت لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر کان وٺي هندستاني ميڊيا جنهن کي عرف عام ۾ گودي ميڊيا چيو ويندو آهي جو وڏو هٿ آهي. خاص ڪري بهار صوبي ۾ صوبائي چونڊون کٽڻ ڪانپوءِ مودي سرڪار کي وڏي طاقت ملي وئي هئي پر بنگال صوبي ۾ جتي ممتا بينرجي جي حڪومت هئي، تازو اُن کي هارائي بي جي پي بنگال فتح ڪرڻ جو جشن ملهايو ۽ هاڻ تہ مودي جون ڏهہ ئي آڱريون گيهہ ۾ ۽ مٿو ڪڙهائي ۾، وارو قصو آهي. اُن ڪري مودي ۽ بي جي پي جيڪو وٺي سو ڪن ٿا، هن وقت تازو مودي حڪومت جي چيف اليڪشن ڪمشنر ملڪ ۾ 13 ڪروڙ ووٽرن جا نالا ڪاٽي ڇڏيا آهن ۽ هاڻ انهن نالن کي ووٽنگ لسٽ مان خارج ڪرڻ بعد ڪنهن جو بہ پاسپورٽ نٿو ٺهي سگهي، هندستاني ووٽر لسٽ مان جيڪي نالا ڪڍيا ويا آهن. انهن ۾ سنڌ جاٿي ۽ هندستان جي اڳوڻي نائب وزيراعظم لال ڪرشن آڏواڻي جو بہ نالو دهليءَ واري ٽڪ مان ڪڍي نااهل ڪيو ويو آهي. لال ڪرشن آڏواڻي رام مندر ناهڻ لاءِ سڄي ملڪ جي ياترا ڪئي هئي ۽ بابري مسجد کي شهيد ڪرڻ وارن ۾ بہ شامل هو. پر مودي حڪومت کي شايد جهونا آر ايس ايس وارا ۽ ٻيا اهڙا سياستدان پسند نہ آهن. جيڪي سندس سٽ ۾ شامل نہ هئا. جيئن اسان وٽ بہ پارٽين وارا نون شامل ٿيڻ وارن کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسندا ۽ دل سان قبول نہ ڪندا آهن. هندستان ۾ مودي سرڪار جي بہ ساڳي حالت آهي هن وقت موجوده مودي سرڪار ايندڙ چونڊون اڃا پري هجڻ باوجود انهن لاءِ اڳواٽ منصوبابندي ڪندي ووٽر لسٽن مان نالا خارج ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن جن ٽڪن ۾ حڪمران پارٽيءَ جي اميدوارن جي ٿورن ووٽن تان هارائڻ جو خدشو آهي. اتي پنهنجن اميدوارن کي شڪست کان بچائڻ ۽ ڪانگريس (انڊيا اتحاد) جي کٽڻ جي خوف سبب ڪانگريسي ووٽرن جا نالا چونڊي چونڊي ووٽر لسٽن مان خارج ڪرائڻ جو ڪم هيڻن کان ئي شروع ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ هندستاني لوڪ سڀا جون چونڊون 2029ع ۾ ٿينديون. جنهن ملڪ ۾ استقبال ۽ پليڪار لاءِ اسلام عليڪم چوڻ ڏوهہ هجي ۽ گناهہ هجي ۽ اُن تي سزا ملي، اُن ملڪ لاءِ ڇا چئجي؟

هيءَ مودي جو چونڊن ۾ ايڊوانس ڌانڌلي جو منصوبو آهي. جيئن مخالف جا نالا بطور ووٽر هجن ئي نہ ۽ نہ ڪو وري کٽين. مطلب تہ ’نا رهي گا بانس، نا بجي گي بانسري‘ واري ڪار آهي. ڪانگريس جي چوٽي واري سياستدان ڪپل سبل ۽ جڻ شنڪر جا نالا بہ غائب ڪيا ويا آهن. چونڊن ۾ اڃا اڍائي سال پيا آهن پر مودي کي خوف وٺي ويو آهي تہ متان شڪست اچي وڃي. اُن ڪري لوڪ سڀا جي ٽڪن جي جاچ پڙتال ڪري اهڙا نالا خارج ڪيا ويا آهن. جيڪي بي جي پي مخالف اُميدوار جا ووٽر هجن. بي جي پي اميت شاهہ ۽ مودي جي اهڙي حيران ڪندڙ سوچ ۽ عقل تي ڏندين آڱريون ٿيون اچن هن حڪمت عمليءَ تحت ڪنهن بہ مخالف اميدوار لاءِ کٽڻ ڏکيو ٿي ويندو. جيڪڏهن راهول گانڌي کي ووٽ ڏيڻ وارن جا نالا ئي ووٽر لسٽن مان خارج ڪيا ويندا تہ پوءِ هو چونڊ ڪيئن کٽي سگهندو؟ مودي پنهنجن مخالفن کي ڪامياب ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ واهہ جو رستو تلاش ڪيو آهي. هيءَ يقيني ڪاميابي جو فارمولو اميت شاهہ ايجاد ڪيو آهي هن سلسلي ۾ گودي ميڊيا بہ بي جي پي جي همنوا بڻجي سُرَ ۾ سُر ملائي تاڙي نوڪي ويٺي آهي، ماضيءَ ۾ مودي جي وڏن ڪمن وارن ڪارنامن ۾ نوٽ بندي ڳڻي وڃي ٿي. جيڪا هن 2016ع ۾ ڪئي هئي. سوال اِهو نہ آهي تہ نوٽ بندي وارو ڪم مودي جو سٺو عمل هو يا خراب، سوال اِهو آهي تہ نوٽ بندي تي گودي ميڊيا نوٽ بندي جا فائدا ۽ نقصان ڇو بيان نہ ڪيا؟ اڄڪلهہ مودي جو مقابلو تي جوان، راهول گانڌي، اکليش يادو ۽ تجسوري يادو (لالو يادو جو پٽ) ڪري رهيا آهن. مودي سرڪار جي حالت اِها آهي تہ بنگال فتح ڪرڻ ڪانپوءِ بنگال جي آءِ ايس پي آفيسر ڊاڪٽر بشرا بانو پاران پنهنجي اسٽاف کي اسلام عليڪم چوڻ تي سزا طور بدلي ڪيو ويو. هي مذهبي پيڊ پاءِ نہ آهي تہ پوءِ ٻيو ڇا آهي؟ جڏهن تہ افغانستان جي ڪرڪيٽ ٽيم سان ميچ ۾ ايشان ڪشن پنهنجي تقرير ۾ افغانستان جي ٽيم کي مخاطب ٿيندي اسلام عليڪم چئي آڌر ڀاءُ ڪيو تہ اُن تي ڪنهن بہ گودي ميڊيا واري اعتراض نہ ڪيو تہ پوءِ بنگال جي وزيراعليٰ مودي جي خاص ماڻهو ڊاڪٽر بشرا بانو جي اسلام عليڪم چوڻ تي ڇو اعتراض ڪيو؟ حالانڪ ڪيترائي هندو مسلم دوست هڪٻئي کي سلام ڪندا آهن. دنيا ۾ لڳي ٿو اسرائيلي وزيراعظم جي مسلمانن خلاف کُلي عام دشمني آهي تہ مودي جي ڪجهہ لڪ ڇُپ ۾ دشمني آهي. ’السلام عليڪم‘.

شهدادپور جي مسئلن تي ڌيان ڇو نٿو ڏنو وڃي؟



نور سنڌي

سنڌ ۾ رولو ڪتن جو آزار هاڻي رڳو ڳوٺن تائين محدود نہ رهيو آهي پر شهرن ۾ بہ ڪتن جي وڌندڙ آبادي ۽ ڏاڙهڻ جا واقعا سنگين عوامي مسئلو بڻجي چڪا آهن. سرڪاري انگن اکرن موجب 2026ع جي جنوريءَ کان هيل تائين سنڌ ۾ ڪتن جي ڏاڙهڻ جا 2 لک کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جڏهن تہ ريبيز سبب 35 کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن. اصل انگ ان کان بہ وڌيڪ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي ماڻهو خانگي يا ديسي علاج ڪرائڻ سبب سرڪاري انگن اکرن ۾ شامل نٿا ٿين. ڪراچيءَ ڪانپوءِ سانگهڙ، دادو ۽ لاڙڪاڻو انهن ضلعن ۾ شامل آهن، جتي ڪتن جي ڏاڙهڻ جا وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿي رهيا آهن سانگهڙ ضلعي ۾ شهدادپور صورتحال جي لحاظ کان وڌيڪ متاثر علائقن مان هڪ آهي. شهر جي روڊن، گهٽين ۽ تعلقي جي ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ رولو ڪتن جا ڌڻ عام نظر اچن ٿا. جڏهن تہ معصوم ٻار بہ انهن جو وڏو شڪار بڻجي رهيا آهن انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي صحت کاتي جي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جي هدايتن تي سمس اسپتال شهدادپور ۾ ڊاگ سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. جتي روزانو ڪتن جي ڏاڙهيل ماڻهن جو علاج ڪيو پيو وڃي. هيل تائين لڳ ڀڳ ساڍا 4 هزار مريض هن سينٽر تي پهتا ۽ انهن کي ريبيز کان بچاءَ واري ويڪسين ڏني وئي آهي. جڏهن تہ انهن مان 5 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جو ذڪر بہ سامهون آيو آهي.

سمس اسپتال شهدادپور جي انتظاميہ صحافين کي ڊاگ سينٽر بابت ٻڌايو تہ مريض جي اچڻ سان پهرين زخم جي صفائي ۽ سنڀال ڪئي وڃي ٿي، جنهن کان پوءِ ڏاڙهڻ جي نوعيت ۽ شدت جو جائزو وٺي طبي طريقيڪار تحت ريبيز کان بچاءَ واري ويڪسين ڏني وڃي ٿي. اسپتال انتظاميہ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ ڪتن جي ڏاڙهڻ کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو. تنهن هوندي بہ ويڪسين وٺڻ باوجود فوت ٿيل مريضن بابت اهم سوال اٿن ٿا. جيڪڏهن مريضن کي ويڪسين ڏني وئي هئي تہ پوءِ ريبيز سبب فوتگين جا اصل سبب ڪهڙا هئا؟ ڊاڪٽرن موجب سمس ۾ ويڪسين ڊيفريجريٽر ۾ محفوظ رکيون وڃن ٿيون، جڏهن تہ انهن جي پارٽ مان اچڻ ۽ پاڪستان تائين پهچڻ دوران ڪولڊ چين بابت مڪمل ڄاڻ ڪين خبر ناهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن حتمي نتيجي تي پهچڻ بدران ويڪسين جي فراهمي، منتقلي، ڪولڊ چين ۽ لاڳاپيل بيچ جو سرڪاري رڪارڊ جاچڻ ضروري آهي. ساڳئي وقت هر فوتگيءَ جو طبي جائزو پڻ ٿيڻ گهرجي تہ جيئن معلوم ٿي سگهي تہ مريض کي ڪُتي ڪڏهن ڏاڙهيو؟ هو ڪڏهن اسپتال پهتو؟ زخم جي صفائي ڪيئن ٿي؟ ويڪسين ڪڏهن شروع ٿي؟ ڪورس مڪمل ٿيو يا نہ؟ جتي ضرورت هئي، اتي ريبيز اميونوگلوبلن ڏنو ويو يا نہ؟

ڪتي جي ڏاڙهڻ کان پوءِ زخم کي فوري طور صابڻ ۽ وهندڙ پاڻي سان لڳ ڀڳ 15 منٽن تائين ڌوئڻ ۽ بنا دير طبي مرڪز تي پهچڻ ضروري آهي. زخم تي مرچ، تيل، مٽي يا ٻيو ديسي علاج ڪرڻ بدران طبي ماهر سان رابطو ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽرن موجب ويڪسين جو ڪورس مڪمل ڪرڻ لازمي آهي. جڏهن تہ سخت نوعيت جي ڏاڙهڻ ۾ ريبيز اميونوگلوبلن جي ضرورت پڻ ٿي سگهي ٿي. سنڌ جي سرڪاري ريبيز ڪنٽرول پروگرام پاران بہ زخم کي 15 منٽن تائين صابڻ ۽ پاڻي سان ڌوئڻ ۽ فوري طبي امداد وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. سمس اسپتال شهدادپور ۾ 24 ڪلاڪ ڊاگ سينٽر جي سهولت يقيناً ساراهہ جوڳو قدم آهي، جتي شهدادپور سان گڏ ٽنڊو آدم ۽ سنجهورو تعلقي جا ڪتي ڏاڙهيل مريض بہ علاج لاءِ اچن ٿا. پر ڊاگ سينٽر جو قيام مسئلي جو مستقل حل نٿو ٿي سگهي. مستقل حل لاءِ رولو ڪتن جي آباديءَ تي ضابطو آڻڻ، انهن جي نس بندي ۽ ويڪسينيشن، شڪايتن تي فوري ڪارروائي ۽ بلدياتي ادارن جي اثرائتي نگراني ضروري آهي.

شهدادپور سميت سانگهڙ ضلعي ۾ ڪتن جي وڌندڙ آزار بابت عوام جون شڪايتون ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا ذريعي مسلسل سامهون اچي رهيون آهن پر ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل بلدياتي ادارن جي ڪارڪردگي بابت سوال برقرار آهن. سنڌ حڪومت جي ريبيز ڪنٽرول پروگرام تحت ڪتن جي ويڪسينيشن ۽ نس بندي لاءِ باقاعده پروگرام موجود آهي. سرڪاري ڄاڻ موجب پروگرام جي مجموعي لاڳت 963.316 ملين رپيا آهي ۽ 2025-26ع لاءِ 265.02 ملين رپيا رکيا ويا هئا. جيڪڏهن ايترا وسيلا موجود آهن تہ عوام کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي تہ ضلعي سطح تي ڪيترو ڪم ٿيو؟ ڪيترا ڪتا نس بندي ڪيا ويا؟ ڪيتريون ويڪسين استعمال ڪيون ويون؟ ڪيترن علائقن کي ڪوريج ڏني وئي ۽ ڪيتري رقم خرچ ٿي؟ سرڪاري پروگرام موجب ڪتن جي ويڪسينيشن ۽ نس بندي ئي ڊگهي مدي وارو مؤثر طريقو آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ شهدادپور ۽ سانگهڙ ضلعي ۾ رولو ڪتن جي مسئلي کي هنگامي بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا، بلدياتي ادارا ۽ صحت کاتو گڏيل حڪمت عملي جوڙين. ڊاگ سينٽر ۾ مريضن جو علاج ضروري آهي پر ان کان وڌيڪ ضروري اهو آهي تہ اهڙيون حالتون ئي پيدا نہ ٿين، جن ۾ ماڻهو خاص طور ٻار، رولو ڪتن جو شڪار ٿين. عوام جي جان جي تحفظ لاءِ هاڻي رڳو علاج نہ پر مستقل ۽ شفاف روڪٿام جي ضرورت آهي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 06 آڪٽوبر

مينا گوپ رويچنداڻي



اڄ مشهور سنڌي ليکڪا مينا روپ گوپچندائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن ناليواري ليکڪا 6 آڪٽوبر 1940ع تي ڪراچيءَ ۾ اک کولي. اڃا ستن ورهين جي مس هئي جو ديس جو ورهاڱو ٿيو ۽ هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ هندستان هلي وئي. هن سنڌي ادب ۾ ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جون سندون حاصل ڪيون. هن شريمتي چانديباءِ همثمل منسکاڻي ڪاليج ۾ سنڌي شعبي جي چيئرپرسن طور ڪم ڪيو ۽ انهيءَ ئي عهدي تي رهندي رٽائر ڪيائين. هوءَ 1985ع کان لاڳيتو لکي رهي آهي. هن مختلف موضوعن تي 10 ڪتاب لکيا آهن. هن جي ادبي خدمتن جي مڃتا طور کيس مهاراشٽر سنڌي ساهتيہ اڪيڊميءَ پاران لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو.

امر پيرزادو



اڄ مشهور ليکڪ ۽ شاعر امر پيرزادي جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي. هي مشهور اديب انور پيرزادي جو فرزند آهي ۽ سندس جنم 6 آڪٽوبر 1980ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور شهر ٻلهڙيجيءَ ۾ ٿيو. هن پرائمريءَ کان ٻارهين ڪلاس تائين ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هن 14 ورهين جي ننڍڙي ڄمار کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سندس شاعري سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت ۽ آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ جو ميمبر آهي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ”عشق“ (شاعري)، ”فنا“ (شاعري) ۽ ”بابا انور پيرزادو“ شامل آهن.

مولانا محمد عظيم شيدا

مولانا محمد عظيم شيدا پنهنجي دور جو وڏو عالم، اديب ۽ مفڪر هو. هن بزرگ جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي. ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ پنهنجي مقالي ”لاڙڪاڻي ضلعي جا ڪتبخانا“ ۾ هن جي جنم جي تاريخ 8 سيپٽمبر 1886ع ڄاڻائي آهي. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي جنم جو سال 1870ع لکيل آهي، جڏهن تہ مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب ياد رفتگان ۾ هن جو جنم 1882ع ۾ ڄاڻايو آهي. هن بزرگ جي ولادت تعلقي وارهہ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ گل ٻرڙي ۾ ٿي. سندس والد جو نالو فقير لال بخش سولنگي هو. ان وقت جي دستور مطابق قرآن شريف، عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جي تعليم مختلف مدرسن مان حاصل ڪري دستاربند ٿيو. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ نصيرآباد ۾ مدرسو کولي درس و تدريس ۾ مشغول ٿي ويو. هن جا مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان سٺا تعلقات هئا. هن ريشمي رومال تحريڪ ۽ هجرت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. اڳتي هلي پنهنجي شاگردن سوڌو سنڌ هاري تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. هن سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ شاعري بہ ڪئي. هو جميعت العلماءِ هند جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ هو. مخدوم طالب المولىٰ ياد رفتگان ۾ هن جي وفات جي تاريخ 6 آڪٽوبر 1988ع لکي آهي.

آثم ناٿن شاهي

سنڌ جي هن ناليواري شاعر جو جنم 2 جنوري 1937ع تي ڳوٺ ڪاڙي، تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ، ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو غلام رسول ولد الله بخش سولنگي هو. کيس ننڍپڻ کان ئي شعر ۽ شاعريءَ جو شوق رهيو. سندس شروعاتي شاعريءَ جي اصلاح ناليوارو شاعر محسن ڪڪڙائي ڪندو هو. پاڻ بزم طالب المولىٰ جو سرگرم ڪارڪن رهيو ۽ محسن ڪڪڙائيءَ سان گڏجي ”اداره فلاح و بهبود خيرپور ناٿن شاهہ“ جو بنياد وڌائين. هڪ لائبريري بہ کوليائين. سندس شاعريءَ جا 3 مجموعا ”جڏهن الا اپ ۾“ (1994ع)، ”لهرون لهرون لاٽ“ (1998ع) ۽ ”ڇا جيس آئيني“ ڇپجي چڪا آهن. سنڌ جي هن ناميار شاعر 6 آڪٽوبر 2006ع تي وفات ڪئي.

مختيار انڙ

امين فقير مگريو

امين فقير مگريو پيرپاڳاري جو خاص مريد ۽ مجاهد فورس جو سرواڻ هو. هن جو جنم 1928ع ڌاري جيسلمير ضلعي جي ڳوٺ ٽڙ مهار جي هڪ غريب خاندان ۾ ٿيو. هن جا وڏا سيد شاهہ مردان شاهہ اول ڪوٽ ڌڻيءَ جا مريد ٿيا. محمد امين مگريو جوانيءَ واري زماني ۾ جيسلمير ڇڏي سنڌ ۾ ڊوري ناري ويجهو ڳوٺ ٻاروچي راڄڙ ۾ لڏي اچي ويٺو. هو پيرپاڳاري جي درگاهہ جو خاص خدمتگار هو. سورهيہ بادشاهہ جي شهادت کان پوءِ هن پيرڳوٺ ضلعي خيرپور ۾ پيرپاڳاري جي بنگلي جي تعمير ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پيرپاڳاري جي زمينن کي ٻيهر آباد ڪيو. 1965ع ۾ جڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جنگ لڳي تہ پيرپاڳاري جي حڪم تي هزارين حُر مجاهد وطن جي حفاظت لاءِ سرحد تي وڃي گڏ ٿيا. صدر ايوب امين فقير مگريءَ کي حُر مجاهد فورس جو اڳواڻ مقرر ڪيو ۽ رحيم يار خان کان وٺي ڪڇ جي رڻ تائين سرحد جي حفاظت سندس حوالي ڪئي. انهيءَ جنگ ۾ دشمن سان بهادريءَ سان مقابلو ڪرڻ جي مڃتا طور کيس ”تمغہ شجاعت“ ۽ ”تمغہ جرائت“ جي اعزازن سان نوازيو ويو. کيس 180 ايڪڙ سرڪاري زمين پڻ ڏني وئي. هن 1971ع واري جنگ ۾ بہ بهادريءَ سان پنهنجي وطن جي سرحدن جي حفاظت ڪئي. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي ملڪ جون واڳون سنڀاليون تہ هن پير پاڳاري سان مخالفت جي ڪري حُر مجاهدن سان گهڻيون ڏاڍايون ڪيون. 1974ع ۾ محمد امين مگريءَ تي مختلف ڪيس مڙهي کيس 3 ڀيرا گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو ويو. آخري ڀيرو کيس گرفتار ڪري سکر جيل ۾ رکيو ويو. تاريخ 6 آڪٽوبر 1974ع تي پوليس کيس جيل مان ڪڍي نامعلوم ماڳ تي شهيد ڪري ڇڏيو. سندس نالي کي قائم رکڻ لاءِ سندس ڳوٺ جو ڇوڪرن وارو اسڪول، ڇوڪرين وارو اسڪول، هاءِ اسڪول، رورل هيلٿ سينٽر ۽ مدرسو سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.

غلام قادر ڪڇي

غلام قادر ڪڇي لاڙ جو مشهور گلوڪار هو. هو مشهور لوڪ فنڪار مٺو ڪڇيءَ جو پوٽو هو. هن جا وڏا هندستان جي ڪڇ واري علائقي جا رهواسي هئا. جيڪي لڏي اچي ڄاتي تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ راڄ ملڪ ۾ ويٺا. انهيءَ ئي ڳوٺ ۾ غلام قادر ڪڇيءَ جو جنم ٿيو. هن ٻارهن سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. هن ڳائڻ جي سکيا استاد هاشم ڪڇيءَ کان ورتي. هن ملير کوکراپار ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي هڪ اڪيڊمي بہ کولي هئي، جنهن مان ڪيترن ئي شاگردن موسيقيءَ جي سکيا حاصل ڪئي. هن استاد قادر ڪڇي سوشل ويلفيئر کاتي ۾ موسيقيءَ جي استاد طور بہ ڪم ڪيو. هن پاڪستان ٽيليويزن ۽ نجي ٽيليويزن چئنلن تي پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. غلام قادر ڪڇيءَ 6 آڪٽوبر 2016ع تي وفات ڪئي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1875 سال 2026
مسمات انشا آغا ڌيءُ آغا اسد نور ..پلينٽف..بخلاف.. علي اسامہ قادري ولد عطاءِ حسين قادري رهندڙ گهر نمبر 1235/A ڏورا لائن نيو وچوٽا چوڪ تعلقو روهڙي ضلعو سکر..ڊفينڊنٽ
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ ڊاور اماؤنٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1177 سال 2026
مسمات شهناز ڌيءُ محمد ابراهيم زال جمن رهندڙ گهر نمبر C-54 فيز 1 نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. جمن ولد محمد قاسم رهندڙ بخاري ٽائون ميرپورخاص ..ڊفينڊنٽ
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول جج اينڊ جي ايم IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اوٺو)
فيملي سوٽ نمبر 1972 سال 2026
مسمات ثمينہ ڌيءُ منور علي رهندڙ فليٽ نمبر D25 واپڊا واٽر ڪالوني حسين آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف وسيم علي ولد منظور علي پٺو رهندڙ باٻئي پاس سامهون ٻالاري ڳوٺ نزد عبدالله گارڊن حيدرآباد ..ڊفينڊنٽ
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ ۽ مينٽيننس آف ماٺر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 19-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 1573 سال 2026
مسمات ڪلثوم ڌيءُ معشوق علي رهندڙ گل عرساني هائير سيڪنڊري اسڪول وومن گرلس هاسٽل نزد هندو جيلس جامشورو روڊ حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف.. Chappar ڪوسو ولد پسند ڪوسو رهندڙ ڳوٺ رستم خان ڪوسو تعلقو مانجهند ضلعو جامشورو ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 13-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اوٺو)
فيملي سوٽ نمبر 1986 سال 2026
مسمات قرت العين عباسي ڌيءُ عاشق علي رهندڙ گهر نمبر 605/5 مگسي محلہ حسين آباد حيدرآباد ..پلينٽف..بخلاف عديل احمد عباسي ولد آفتاب احمد عباسي رهندڙ گهر نمبر 2محلہ عبيد ولاز قاسم آباد حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر 343 سال 2026
مسمات ثمينہ ..پلينٽف..بخلاف محمد راشد ولد محمد ضمير الدين ذات انصاري رهندڙ گهر نمبر 157 بلاڪ بي خدا جي بستي سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ضلعو جامشورو سيل نمبر 03120326966 ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر 384 سال 2026
مسمات وزيران خاتون ..پلينٽف..بخلاف بهرام خان چانڊيو ولد خانو (Khamar) چانڊيو رهندڙ ڳوٺ ڪاشي جو ڳوٺ راڻي پور ۽ راڻ اسٽيشن تعلقو ميهڙ ضلعو دادو سيل نمبر 03000862770-03059807088 ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ ، مينٽيننس ۽ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر 390 سال 2026
مسمات غزالہ ..پلينٽف..بخلاف عبدالجبار ولد شاهنواز نائچ مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ عرضي نائچ پي او ڪي اين شاهه ضلعو دادو سيل 03069456672 ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري ڊاور اماؤنٽ (حق مهر) ڊاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج جامشورو
(روبرو جناب شاهد احمد اعوان)
سڪسيشن سوٽ نمبر 27 سال 2026
(1) مسمات زينب بيواه پلينٽو مسلم بالغ (2) سوهائي ڌيءُ مرحوم پلينٽو معرفت ماءُ مسمات زينب رهندڙ گهر نمبر C-1 ايم سي بي واپڊا ڪالوني جامشورو تعلقو ضلعو جامشورو ..ايپليڪينٽ..بخلاف (1) مينيجر اينا مائيڪرو فنانس بينڪ برانچ رسالہ روڊ صدر حيدرآباد (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..ايونٽس
مٿين ايونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي پلينٽو ولد لاهوتي محمد موسيٰ پراپرٽي ۾ 02 واليون گرام وزن 8.8 گرام صافي وزن 6.7 گرام جيڪي اينا مائيڪرو فنانس بينڪ رسالہ روڊ برانچ حيدرآباد جي اڪائونٽ نمبر405066726930 ۾ ڇڏيل آهين تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڊسٽرڪٽ جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 110 سال 2026
مسمات دعا ڌيءُ عطاءِ احمد سومرو زال عارف مصطفيٰ سومرو ويٺل پنڊ محلا ميهڙ ضلعو دادو ..پلينٽف..بخلاف عارف مصطفيٰ ولد غلام مصطفيٰ ڪوهارو ويٺل مدينہ ڪالوني ڪي اين شاهه ضلعو دادو ..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ رڪوري ڊاور آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
GW سوٽ نمبر 30 سال 2026
مسمات راڻي ..ايپليڪينٽ..بخلاف پبلڪ ايٽ لارج اينڊ بيا ..ايونٽس (1) مسمات ريحانہ زال خالد حسين خشڪ رهندڙ برهماڻي ڪالوني دادو
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارجين شپ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 32 سال 2026
مسمات ماروي ڌيءُ محمد ابراهيم رند رهندڙ ڳوٺ حاجي عثمان رند تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ..پلينٽف..بخلاف ذوالفقار علي ولد حسين رند رهندڙ وارڊ نمبر 04 ملاح پاڙو تعلقو ميرپور بٺورو ضلعو سجاول..ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح تنسيخ، رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 108 سال 2026
مسمات Rutaba ڌيءُ محمود حسن رهندڙ مرتضيٰ چوڪ پير محلہ ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف..بخلاف.. حارث احمد ولد آفتاب احمد ذات يوسفزئي رهندڙ گهر نمبر 1975 اردو بازار ڇوٽي گهٽي حيدرآباد 03142888870 ...ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس
سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 157 سال 2026
مسمات ڪائنات ڌيءُ Taan حسين زال غلام قادر رهندڙ گهر نمبر 91 بلاڪ سي سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ..پلينٽف..بخلاف غلام قادر ولد هادي بخش رهندڙ ڳوٺ بچوخان ميرو پي او مير واهه گورچاڻي تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص ...ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تنسيخ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر 72 سال 2026
شريمتي عائشہ ڌيءُ چيتن هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ رار ڪالوني تعلقو ڏگهڙي ..پلينٽف..بخلاف مڪيش ولد ڪاجو هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ سليمان پنهور تعلقو مٺي ضلعو بدين ...ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن، رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس
سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 18 سال 2026
شريمتي هيراونتي ڌيءُ پيمو هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ نئون ڳوٺ تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف..بخلاف دليپ ڪمار ولد ڏرم پال هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ گلشن سحر نيو بس ٽرمنل ميرپورخاص ...ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن آف ڊڪري آرڊر 21 رول 11 سي پي سي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سول جج اينڊ جي ايم MIMC-I ميرپورخاص
گارڊين درخواست نمبر 20 سال 2026
طارق علي ولد ڪريم بخش جوڻيجو رهندڙ ڳوٺ عبدالجبار جوڻيجو پي او سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص ..ايپليڪينٽ..بخلاف (1) مسمات نورخاتون بيواه ڪريم بخش (2) مسمات اسما (3) مسمات فضا (4) مسمات صائمہ (5) مسمات فاطمہ (6) سجاد علي سپ پٽ ڦيرون ڪريم بخش ...ايونٽس (1) سفيت (2) نسا (3) صغرا... مائنر
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول جج اينڊ جي ايم MIMC-I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دڙو
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 30 سال 2026
محمد اشفاق ولد محمد يامين بلوچ رهندڙ پي او دڙو تعلقو دڙو ..پلينٽف..بخلاف.. ناصره ڌيءُ دلدار بلوچ رهندڙ محلہ حاجي وارث بلوچ وارڊ نمبر 02 پي او دڙو تعلقو دڙو ضلعو شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جعمنينٽ اينڊ ڊڪري زير قلم 9(6) فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول جج اينڊ جي ايم II دڙو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 395 سال 2026
مسمات روبينا ڌيءُ محمد اشرف قاضي رهندڙ مهاجر ڪالوني نوابشاهه ..پلينٽف..بخلاف.. علي جان ولد عبدالرزاق چانڊيو رهندڙ غلام رسول شاهه ڪالوني نوابشاهه ضلع شهيد بينظير آباد ... ڊفينڊنٽس
مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظيرآباد

عام اطلاع
هرعام وخاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته فليٽ نمبر C95 سيڪٽر 16 فيڊرل بي ايريا ڪراچي 77 اسڪوائر يارڊ جو معاهدو شارق ۽ ممتاز احمد، نورمحمد سان ڪيو آهي جيڪي ان فليٽ جا حقيقي مالڪ آهن اگر ڪنهن به شخص يا پارٽي يا سرڪار اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته اشتهار شايع ٿيڻ جي ستن 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائين بي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

نالي ۾ اسپيل جي غلطي
جيئن ته منهنجي پٽ جي اسڪول رڪارڊ ۾ نالي جي اسپيل غلطي سان AREEN لکجي وئي آهي جنهن کي درست ڪري نادرا رڪارڊ موجب ARYAN لکي وڃي ۽ اهڙي درستگي اسڪول رڪارڊ ۾ ڪري ڏني وڃي
مشتاق ولد خان مسيح رهندڙ ڪرسچن ڪالوني جي آر آر ڪالوني حيدرآباد

عام اطلاع
جيئن ته درخواستگذار نالي محمد قاسم ولد محمد ابراهيم ويٺل ڳوٺ حاجي پير بخش هنگورو تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ اسان جي آفيس ۾ درخواستڏني آهي ته سندن ڪاتي تي زرعي زمين ديهه کهڪي ٽپو نويٽ مري ٽوٽل ايراضي 00-33 ايڪڙ گڏيل اڻ ورهايل حصي مطابق ريونيو رڪارڊ تعلقو متياري ۾ موجود آهي جنهنجو هيٺين جائز ڪاتيدارن جي نالي پارٽيشن ڪري ڏني ويندي (1) محمد قاسم ولد محمد ابراهيم (پٽ) (2) محمد رحيم ولد محمد ابراهيم (پٽ) (3) محمد سليم ولد محمد ابراهيم (پٽ) (4) غلام قادر ولد محمد ابراهيم (پٽ) (5) شهزادي ڌيءُ محمد ابراهيم (ڌي) (6) سنيا ڌيءُ محمد ابراهيم (ڌي) (7) مسمات نور ڌيءُ محمد ابراهيم (ڌي) (8) فيروز علي ولد غلام رسول (صغير) پٽ (9) عباس علي ولد غلام رسول (صغير) پٽ (10) باسط علي ولد غلام رسول (صغير) پٽ (11) راڻي ڌيءُ غلام رسول پٽ جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي پارٽيشن بابت مٿين جاٿايل ڪاتيدارن زرعي زمين جي پارٽيشن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض بڌڻ جوڳو نه رهندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد حنيف ولد محمد نوح سومرو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي محمد نوح ولد محمد خان سومرو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي جي ديهه بدين_ديهه ڪيڙانڊي_ديهه چانيسري تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 123_18 ۽ بين مان پلاٽ ۽ ٻئي ايراضي ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جي فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ديهه بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي محمد نوح ولد محمد خان سومرو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 غلام رسول پٽ فوتي جو 2 محمد حنيف پٽ فوتي جو 3 عبدالخالق پٽ فوتي جو 4 نظير احمد پٽ فوتي جو 5 حليمان ڌي فوتي جي 6 زينب ڌي فوتي جي 7 حنيفان ڌي فوتي جي 8 نعمت ڌي فوتي جي 9 حڪيمان ڌي فوتي جي 10 مسمات آسيت زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هرعام و خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته مٿين جاٿايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض بڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته عرضدار بادشاهزادي زال شڪيل احمد رهندڙ ڳوٺ دينار ڪوسو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد بخش ڪوسو ولد غلام خان تاريخ 29-07-2008 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 234 ايراضي 36-03 ايڪڙ ديهه گجاڻ ٽپو اي ٽنڊو فضل تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ جاٿايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني اهي (1) دلدار حسين (پٽ)(2) ارشاد بيگم (ڌي) (3) بادشاهزادي (ڌي) (4) نواب زادي (بيواهه) . جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو بيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جگراڪاٽ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري، معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوي قابل قبول نہ هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات ياسمين فريد ڌيءُ فضل الحق ذات مغل درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي فضل الحق ولد فقير محمد تاريخ 14-10-1993 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه A-290 وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر 1077/B-I مان حصي موجب ايراضي 420 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديهه 290 اي شهر ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪري انهي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) مشتاق احمد (پٽ) (2) مسمات نسيم اختر (ڌي) (3) مسمات ياسمين فريده (ڌي) هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿي جاٿايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ڪري اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض بڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عامر ولد طارق محمود ذات مغل درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي مسمات نسيم اختر زال طارق محمود تاريخ 22-03-2017 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه A-290 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر 1077/B-I مان حصي موجب ايراضي 105 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديهه 290 اي شهر ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪري انهي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) عامر (پٽ) (2) عمران علي (پٽ) (3) عدنان علي (پٽ) (4) ساجد علي (پٽ) (5) مسمات رفعت (ڌي) (6) مسمات راڻي (ڌي) هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿي جاٿايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ڪري اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض بڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عامر ولد طارق محمود ذات مغل درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي مسمات نسيم اختر زال طارق محمود تاريخ 22-03-2017 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه A-290 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر 1077/B-I مان حصي موجب ايراضي 105 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديهه 290 اي شهر ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪري انهي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) عامر (پٽ) (2) عمران علي (پٽ) (3) عدنان علي (پٽ) (4) ساجد علي (پٽ) (5) مسمات رفعت (ڌي) (6) مسمات راڻي (ڌي) هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿي جاٿايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ڪري اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض بڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد اشفاق ولد مشتاق احمد ذات مغل درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي مشتاق احمد ولد فضل الحق تاريخ 07-11-2022 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه 290-A وارڊ بي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ سروي نمبر 1077/B-I مان حصي موجب ايراضي 210 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ ديهه 290 اي وارڊ بي شهر ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪري انهي بن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) محمد اسحاق (پٽ) (2) ارشداقبال (پٽ) (3) عمر وقاص (پٽ) هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿي جاٿايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ڪري اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض بڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

بقايا 1 روزاني عبرت

اجلاس ٿيو اجلاس ۾ اڳواڻن شير علي چانڊيو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر فتح محمد ڪنهن انفارميشن سيڪريٽري سعيد ٿيبو ۽ بين جو چوڻ هو ته ڊي جي ريسرچ جيڪو ٻاهرين ونگ جو آهي ان کي ڊي جي ايڪسٽينشن جي غير قانوني اضافي چارج ڏيڻ خلاف هيٺين نقطن تي متفق فيصلا ڪيا ويا جنهن ۾ وزير زراعت ۽ سيڪريٽري زراعت سنڌ سان ملاقات لاءِ وقت ورتو ويندو جنهن ۾ مڪمل رڪارڊ پيش ڪري ٻڌايو ويندو ته 20 گريڊ جي پروموشن جي انتظار ۾ ويٺل تمام سينئر آفيسرن جي موجودگي کي نظر انداز ڪري ڊي جي ريسرچ کي اضافي چارج ڏيڻ سنڌ سول سروس رولز ۽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيصلن جي واضح خلاف ورزي آهي مظهرالدين ڪيريو جو ڊي جي ايڪسٽينشن واري اضافي چارج جو نوٽيفڪيشن فوري طور منسوخ ڪيو وڃي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪيو ان موقعي تي قتل ٿي ويل ناري جي امڙ حفيظان خاتون بڪڪيو پنهنجي پيرسن امڙ عجيبان خاتون پيڻرن نويده، فهميده بڪڪيو ۽ بين سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته منهنجي مڙس نذير بڪڪيو جون سون سميت ٽي شاديون ٿيل آهن منهنجا پهاڄ مختلف وقتن تي مڙس توڙي سندس گهر ڀاتين جا ڪن ڀريندا رهن ٿا جنهن ڪري مختلف وقتن تي مڙس سون سميت منهنجي ڌيءُ صدف بڪڪيو کي زنجيرن جا ٻڌي تشدد جو نشانو بڻائي گندا لفظ ڳالهائيندو رهو

بقايا 3 روزاني عبرت

فوت ٿي ويو ٻي پاسي رابطو ڪرڻ تي حيسڪو عملدارن ٻڌايو ته فوتي فاروق خانزاده يا ڪنهن به پرائيوٽ ڪم ڪندڙن سان اسان جو ڪو به واسطو ناهي بغير اجازت جي سرڪاري ڪنبن تي چڙهي ڪم ڪرڻ هڪ قسم جو ڏوهه ۽ پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهڻ آهي اهڙو عمل ڪندڙ کير هجي متن قانون موجب ايف آئي آر داخل ڪرائي ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 4 روزاني عبرت

داخل ٿي گهرڀاتين کي حراسان ڪيو جنهن سبب پيرسن عورت خاتل زال غلام رسول جوڻيجو دل جو دورو پوڻ ڪري فوت ٿي وئي آهي هتن مطالبو ڪيو ته اسان جي ايف آئي آر داخل ڪري امين ڪيريو رفيق ڪيريو کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف سڪرنڊ ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبداللطيف ٿهيم جو چوڻ آهي ته اسان کي ان معاملي جي جاڻ نه آهي وڌيڪ جانچ ڪريون ٿا

بقايا 5 روزاني عبرت

هي فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ شهرين ۽ سياسي سماجي ادبي اڳواڻن صحافين ڊاڪٽرن سميت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي سنڌس آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو آهي سنڌس وارثن پاران ٽيڪسٽائيل مل ڪالوني واري رهائشگاهه تي تعزيتي ٿڏو وڇايو ويو آهي وارثن سان تعزيتي سلسلو جاري آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

برائيٽ جنرل اسٽور تان ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم چور بلاول راجپوت جي سي ڊي 2025 موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا، واقعي جون سي سي ٽي وي فوٽيجز دادو پريس ڪلب کي هٿ اچي ويون آهن جن ۾ مبينا طور نامعلوم چور موٽرسائيڪل کڻي فرار ٿيندي نظر اچي ٿو موٽرسائيڪل چوري جي واقعي خلاف متاثر شهري بلاول راجپوت پاران اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي،پوليس اين سي داخل ڪرڻ بعد موٽرسائيڪل چوري واري واقعي جي جاچ شروع ڪري چڪي آهي، جڏهن ته متاثر شهري پوليس کان موٽرسائيڪل واپس ڪرائڻ ۽ چور کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

پوروهيت محمد بخش شيخ پنهنجي ٻارڙن گل نواز حاڪم علي ۽ قضا شيخ سان گڏجي دانهيندي چيو ته اسان جا وڏڙا نئون ديرو پرسان پير جو ڳوٺ واسي مشهور شخصيت مرحوم قطب ضياءِ شاهه راشدي جا ڪوهي هئا جن اسان جي وڏن کي ڳوٺ وانڊ شيخ ۾ رهائش لاءِ زمين ڏني جنهن تي اسان پنهنجا گهر اڏي رهڻ کان وٺي رهائش اختيار ڪري ويٺا آهيون

بقايا 8 روزاني عبرت

پلاٽيءَ لاءِ خصوصي دعائون گهريون ان موقعي تي سيد محمد علي شاهه اجنائي ۽ پير نور حسن پڻ سائين گڏ هئا مخدوم سعيد الزمان "عاطف" صاحب درگاهه جي مختلف انتظامي معاملن ۽ جاري ڪم ڪار بابت تفصيلي معلومات حاصل ڪئي ۽ درگاهه جي سارسنڀال ۽ انتظامن جي حوالي سان جاڻ ورتي مخدوم سعيد الزمان "عاطف" صاحب هالا شهر ۾ وڌندڙ بدامني، عدم تحفظ ۽ عوام ۾ پيدا ٿيندڙ بيچيني، تي پنهنجي گهري ڳڻتي ۽ عدم اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته هالا رڳو هڪ شهر نہ پر صوفيائي فڪر محبت، رواداري، امن ۽ ڀائيچاري جي صدين پراڻي تهذيب جو امين آهي اهڙي شهر ۾ بدامني ۽ خوف جي فضا پيدا ٿيڻ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي.پاڻ چيائون ته شهرين جي جان مال ۽ عزت جو تحفظ ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي

بقايا 9 روزاني عبرت

مارجي ويل ڏوهاري جي سڃاڻپ نادر علي پٽ مير محمد عرف ميرل ملڪ طور ٿي آهي پوليس موجب مارجي ويل ڏوهاري خلاف مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل هئا بيا ڏوهاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن جن جي گرفتاري لاءِ پوليس جو سرچ آپريشن جاري آهي ڪشمور پوليس موجب ته ڏوهاري ڦر موٽرسائيڪل جي چوري ۽ بين ڏوهن ۾ ملوث هو جيڪو سي سي ٽي وي فوٽيج تي صاف ظاهر اچي رهيو آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

فدا مهراڻپوٽو ۽ بين جي اڳواڻي ۾ ڳوڙانو کان گذريل ڏينهن شروع ڪيل مطالبن جي مڃتا لاءِ پيادل لانگ مارچ 35 ڪلوميٽر پيادل سفر ڪري اسلام ڪوٽ پريس ڪلب پهتو جتي سخت نعريبازي ڪئي ويئي انهي موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌن پرامن جدوجهد جو مقصد ٿرڪول رائلٽي متاثرن کي حق ڏيڻ روزگار ۽ نوڪرين ۾ ٿر جي مقامي ماڻهن کي ترجيح ڏيڻ ۽ متاثر علائقن جي بنيادي مسئلن جو حل ڪرائڻ آهي هنن چيو ته ڳوڙانو ڊيم ۾ پاڻي جوڙ بند ڪري، ڳوڙانو ۽ ڏڪوجو جي بنجر بڻيل زمين بحال ڪري ڳوٺاڻن کي باقاعده متاثر تسليم ڪيو وڃي پاڻي جوڙ سبب بنهي ڊيمن سميت 12 ننڍا وڏا ڳوٺ ۽ واڻيون متاثر ٿي چڪا آهن جڏهن ته علائقي واسين جو گذر سفر ٻني ٻاري ۽ مال تي هئڻ ڪري زمينون پاڻي هيٺ اچڻ ۽ چراگاهن جي ختم ٿيڻ سان مال سري رهيو آهي ۽ باقي مال لاءِ به چارو موجود ناهي هنن چيو ته مقامي چونڊيل نمائندن آڏو بار بار دانهن باوجود مسئلا حل نہ ٿيا آهن حڪمرانن جون ترقي جون دعوائون سڀ ڪوڙ آهن زميني حقيقتون انهي جي ابتڙ آهن

بقايا 11 روزاني عبرت

بين معلومات بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ان دوران ٻار جي ڏاڏي گهر مان ٻاهر نڪري آئي ۽ نامعلوم ماڻهن کان پڇا ڪئي ڏاڏي کي ڏسندي ئي ٻئي ڄڻا موٽرسائيڪل تي سوار ٿي فرار ٿي ويا، جڏهن ته معصوم ٻار محفوظ رهيو.واقعي جو اطلاع سٽي ٿاڻي ٽنڊوآدم پوليس کي ڏنو ويو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

استادن جون خدمتون قوم جي ترقي لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿيون حڪومت کي گهرجي ته استادن کي درپيش مسئلا حل ڪري سهولتون فراهم ڪري ۽ سندن جائز حقن کي يقيني بڻائي.اڳواڻن چيو ته بهترين ڪارڪردگي ڪندڙ استادن جي حوصلا افزائي سان تعليم جي معيار ۾ وڌيڪ بهتري ايندي ۽ استاد پنهنجي ذميوارين کي وڌيڪ بهتر نموني نڀائڻ لاءِ همٿائيندا.تقريب ۾ تعليم جي شعبي ۾ استادن جي خدمتن ۽ ڪردار کي ساراهيندي کين خراج تحسين پيش ڪيو ويو

بقايا 13 روزاني عبرت

۽ سندن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي ڳوٺاڻن الزام لڳايو ته مخالف ڌر جي عورتن جا وار ڪٽي ۽ هٿرادو واقعا ڪري سندن ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هنن چيو ته پراپرٽي جي تڪرار کي بنياد بڻائي کين مسلسل دٻاءُ هيٺ رکيو پيو وڃي جڏهن ته هو قانوني طريقي سان پنهنجو ڪيس عدالت ۾ وڙهي رهيا آهن.احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي خيرپور سميت اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 14 روزاني عبرت

گرفتار ڪري ورتو گمبٽ پوليس ٽيم ڪارروائي ڪري ٿاڻو بهارو جي حد ۾ قتل ٿي ويل مقتول عجيب علي آريجو جي قتل ۾ ملوث جوابدار_محمد طاهر آريجو کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن جي قبضي مان قتل ۾ استعمال ٿيل پسٽل هٿ ڪيا ويا آهن ۽ انهن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويا آهن گرفتار جوابدارن زميني تڪرار ۽ پئسن جي ڏي وٺ تان مقتولن کي قتل ڪيو هو ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي طرفان پوليس ٽيم لاءِ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ شاباسي جو پيغام ڏنو

بقايا 15 روزاني عبرت

ويو جنهن جو مقصد خاص طور عورتن جي ووٽر رجسٽريشن ۾ حائل رڪاوٽن جو جائزو وٺڻ ۽ انهن جي فوري حل لاءِ اڳرائتا قدم کڻڻ آهي ضلعي اليڪشن ڪمشنر خالد حسين لنڊ اجلاس کي ٻڌايو ته MRV منصوبو آگسٽ 2025 ع ۾ شروع ڪيو ويو هو جڏهن ته ضلعي خيرپور ۾ هن وقت تائين عورت ووٽرن جو انگ مرد ووٽرن جي مقابلي ۾ لڳ ڀڳ 70 هزار گهٽ آهي جنهن سبب صنفي ووٽر گيپ موجود آهي.هن لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته عورتن، نوجوانن ۽ بين اهل شهرين جي وڌ کان وڌ ووٽر رجسٽريشن لاءِ گڏيل ۽ نتيجا ڏيندڙ قدم کنيا وڃن ته جيئن صنفي ووٽر گيپ کي جلد کان جلد گهٽائي ۽ آخرڪار ختم ڪري سگهجي

بقايا 16 روزاني عبرت

موقعي تي مجيب سنڌي ڳالهائيندي چيو ته سيد زين شاهه هڪ ڪردار جو نالو آهي ۽ موجوده دور ۾ ڪردار کي صاف سٿرو رکڻ بي داغ زندگي گذارڻ ڪنهن جهاد کان گهٽ ناهي سيد زين شاهه انهن مجاهدن ۾ شامل آهي جنهن پنهنجي وڏڙن پاران ڏنل تعليم ۽ تربيت موجب زندگي گذاري ۽ پاڻ کي سنڌ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي سنڌ تي جڏهن به ڪو ڏکيو وقت آيو آهي ته سيد زين شاهه اڳي ڪڙو ٿيو آهي ۽ جابرن ، ظالمن آڏو مهاڏو اٽڪايو آهي ان ڪري اهڙن ڪردارن کي مڃتا ڏيڻ اسان جو اخلاقي فرض آهي ان کان اڳ پروگرام جي ميزبان شوڪت حسين ميمڻ آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جنهن بعد ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو.

بقايا 17 روزاني عبرت

جڏهن ته روزگار جا موقعا محدود ٿيڻ سبب ڪيترين ئي مڇي ماريندڙ لانچون ڪناري تي بيهجي ويون آهن مهاڻن جو چوڻ آهي ته ڊيزل، برف، ڪاڌ خوراڪ، ڄاريون بيڙين جي مرمت ۽ بين ضروري شين جا خرچ مسلسل وڌي رهيا آهن جنهن سبب سمنڊ ۾ وڃڻ لاءِ گهربل خرچ پورا ڪرڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي مڇي ماري لاءِ سمنڊ ۾ وڃڻ باوجود ڪيترائي ڀيرا ايتري مڇي هٿ نٿي اچي جو لانچ جي خرچن سميت گهر جو چلهو ٻاري سگهجي هنن وڌيڪ چيو ته اسين پنهنجي گهرن جا واحد ڪفيل آهيون ۽ مهانگائي اسان جي چيل چپي ڪري ڇڏي آهي روزاني جي عام واهپي جي شين جون قيمتون وڌي ويون آهن ٻارن جي تعليم، علاج، ڪاڌ خوراڪ ۽ بين بنيادي ضرورتن جا خرچ پورا ڪرڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي جڏهن ته آمدني ۾ ڪو اضافو نه ٿيو آهي هنن چيو ته ڪيترائي ماڻهو قرض کڻي پنهنجو روزگار هلائڻ تي مجبور آهن

بقايا 18 روزاني عبرت

"ملڪ مرسل جي ملڪ ۾" جي مهورت ڪئي وئي .ان موقعي تي صدارتي خطاب ڪندي ڊاڪٽر مهر خادم چيو ته ڪتاب ڪنهن به معاشري جي فڪري، علمي ۽ شعوري اوسر جو بنيادي ذريعو آهن .هن چيو ته فقير قليو جو ڪتاب "سجل ته ساهه ۾ آ" سچل سرمست جي فڪر فلسفي ۽ شاعري کي سمجهڻ لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو عدنان منگي جو ناول "اڪيلي شام" پڻ سنڌي فڪشن ۾ هڪ اهم اضافو آهي ليکڪ پنهنجي تخليق ذريعي انساني جذبن، سماجي مسئلن روين ۽ زندگي جي مختلف پاسن کي ادبي انداز ۾ پيش ڪيو آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

استادن ۾ ايوارڊز ۽ شيلڊز ورهايون ويون مهمانن استادن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته استاد معاشري جي تعمير نئين نسل جي تربيت ۽ ملڪ جي روشن مستقبل لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا هنن چيو ته تعليم جي بهتري ۽ تعليم جي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ استادن اسڪول انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي گڏيل سهڪار سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهجي

بقايا 20 روزاني عبرت

احتجاجي مظاهري ۾ رزاق ڪمان علي نواز چانگ، انيس احمد راهمون سلمان ميمڻ سميت زرعي توسيع کاتي بدين جا آفيسر ۽ ملازم وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا ان موقعي تي مظاهرين هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي ۽ پنهنجن مطالبن جي حق ۾ آواز بلند ڪيو مظاهرين جو چوڻ هو ته اسان جو هڪ ئي بنيادي مطالبو آهي ته ڊائريڪٽر جنرل ايگريڪلچر ايڪسٽينشن جي مقرري ايگريڪلچر ايڪسٽينشن کاتي مان ئي ڪئي وڃي هنن چيو ته ايگريڪلچر ايڪسٽينشن کاتي ۾ انتهائي تجربيڪار اهل قابل ۽ سينيئر آفيسر موجود آهن جيڪي زراعت ۽ آبادگارن کي درپيش مسئلن کان چڱيءَ ريت واقف آهن

بقايا 21 روزاني عبرت

نيشنل هاءِ وي جي تعميراتي ڪم سبب روڊ تي حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن. جڏهن ته نوشهرو فيروز کان ڏاروشاهه، مليانٽي ۽ باءِ پاس وارن علائقن ۾ ٺيڪيدار ڪمپني پاران پبلڪ سيفٽي جا مناسب انتظام نه هجڻ ڪري انساني جانيون خطري ۾ پئجي ويون آهن هن چيو ته حادثن جي صورت ۾ نيشنل هاءِ وي انتظاميا، ضلعي ٽريفڪ پوليس ۽ موٽر وي پوليس جي موجودگي نظر نٿي اچي جنهن سبب حادثن جو شڪار ٿيل ماڻهن جا لاش ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڊ تي پيل رهڻ جا واقعا پيش اچن ٿا. هنن وڌيڪ چيو ته هو ڪيترائي ڀيرا ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز کي صورتحال کان آگاهه ڪري چڪا آهن ۽ مطالبو ڪيو آهي ته ٺيڪيدار ڪمپني کي پابند ڪيو وڃي ته روڊ تي سيفٽي بيريئرز، وارننگ سائن، روشني ۽ بين ضروري حفاظتي انتظامن کي يقيني بڻائي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نيشنل هاءِ وي جي ڪم دوران حفاظتي انتظامن جي ڪوتاهي ۽ وڌندڙ حادثن جو نوٽيس ورتو وڃي، ٺيڪيدار ڪمپني کي حفاظتي معيارن تي عمل ڪرائڻ سان گڏ انساني جانيون بچائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن

بقايا 22 روزاني عبرت

نمائندي سميت لاڳاپيل کاتن جي عملدارن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي _تقريب جو باقاعده افتتاح صوبائي ڪوآرڊينيٽر سنڌ شهر يار گل ميمڻ ، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ ، ڊي ايڇ او حيدرآباد ڊاڪٽر پير غلام حسين ۽ يونيسيف جي نمائندي گڏيل طور تي ڪيو جڏهن ته ان موقعي تي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو _تقريب ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پڻ پياريا ويا _ جنهن ذريعي هاءِ رسڪ علائقن ۾ ٻارن کي پوليو وائرس کان محفوظ رکڻ ۽ حفاظتي ٽڪن جي ڪوريج کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ جي عزم کي پڻ ورجايو ويو ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته ان قدم جو مقصد پوليو جي هاءِ رسڪ يونين ڪونسلن ۾ حفاظتي ٽڪن جي سرگرمين کي مربوط بنائڻ ، هنگامي ڪارروائين جي نظام کي وڌيڪ لاڀائتو بنائڻ ۽ لاڳاپيل ادارن ۽ شراڪت دارن درميان ويجهي رابطي ذريعي ويڪسينيشن سروسز جي فراهمي کي يقيني بنائڻ آهي _شرڪت ڪندڙن ان عزم کي ورجايو ته ضلعي انتظاميا ، صحت کاتي ترقياتي شراڪت دارن ۽ فيلڊ ٽيمن جي گڏيل ڪوششن ذريعي سمورن پنجن سالن تائين جي عمر وارن ٻارن تائين پوليو ويڪسين جي رسائي کي يقيني بنايو ويندو خاص طور تي ڪمزور ۽ هاءِ رسڪ آبادين وارن علائقن ۾ حفاظتي ٽڪن جي سهولتن کي وڌيڪ موثر بڻايو ويندو

بقايا 23 روزاني عبرت

بوزدار طاها ميمڻ ارباب احسن خالد احمد ميمڻ امير علي ٿيبو مراد علي شاهه بُکيرائي ۽ مختلف ضلعن جي آبادگارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سارين جي آبادگارن سان لاڳاپيل مسئلن سميت زراعت جي اهم معاملن تي بحث ڪيو ويو سنڌ آبادگار بورڊ جي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ ڪڻڪ کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ پوک سارين جي ڪئي وڃي ٿي جيڪو نہ رڳو آبادگارن جو هڪ اهم معاشي وسيلو آهي پر ملڪ لاءِ پرڏيهي ناڻو حاصل ڪرڻ جو پڻ هڪ اهم ذريعو آهي ان جي باوجود سارين جا آبادگار لاڳيتو ان سان لاڳاپيل ڪيترن ئي مسئلن ۾ ڦاٿل آهن جن مان سڀ کان وڏو مسئلو آبادگارن کي سارين جو مناسب اگهه نہ ملڻ آهي.سنڌ آبادگار بورڊ چيو ته سنڌ ۾ اٽڪل 20 لک ايڪڙن تي سارين پوکيون وڃن ٿيون جڏهن ته اٽڪل 90 سيڪڙو چانور ايڪسپورٽ ٿين ٿا پر سارين پوکيندڙ آبادگار پنهنجي پوک جي مناسب معاوضي کان به محروم رهن ٿا. اهي واپارين جي هٿان ڦرجندا رهن ٿا پر حڪومت ان معاملي کي نبيرڻ لاءِ ڪي اثرائتا اپاءُ نہ وٺي رهي آهي. سنڌ آبادگار بورڊ چيو ته هڪ سال اڳ سارين جو في من اگهه 3400 روپيا هو جيڪو هن سال ويتر گهٽجي 2400 روپيا ٿي ويو آهي جڏهن ته ان جي پيداواري خرچن ۾ لاڳيتو واڌ ٿيندي رهي ٿي جنهن ڪري آبادگار مالي طور ڪمزور ٿيندا پيا وڃن سنڌ آبادگار بورڊ چيو ته سارين جا واپاري ۽ ڪارخانيدار هڪ هٽي قائم ڪري آبادگارن کي پيڙهي رهيا آهن هڪ پاسي آبادگارن کي اگهه گهٽ ٿو ملي ته ٻي پاسي سارين ۾ گهڻ مزدوري ۽ بين مختلف بهانن سان ناجائز ڪٽوتيون ڪري انهن سان ظلم ڪيو پيو وڃي .سنڌ آبادگار بورڊ چيو ته حڪومت ڪرت ئي ان صورتحال جو نوٽيس وٺي ۽ ڪو اهڙو طريقو ڳولهي جنهن سان سارين جي آبادگارن کي عالمي مارڪيٽ ۾ چانورن جي اگهه جي پيٽ ۾ پنهنجي محنت جو مناسب معاوضو ملي سگهي ۽ اهي واپارين جي هٿان ڦرجڻ کان بچي سگهن .سنڌ آبادگار بورڊ ان جي پڻ نشاندهي ڪئي ته ڪوٽڙي بيراج تي گهربل پاڻي ڏيرسان ملڻ جي ڪري ان سان لاڳاپيل علائقن ۾ سارين جي پاڇاٽي پوک ڪئي وئي، ان ڪري جيڪڏهن انهن آبادگارن کي 15 نومبر تائين پاڻي نہ ملندو رهندو ته انهن پاڇاٽين سارين جي پوک متاثر ٿيندي ان ڪري اهو ضروري آهي ته انهن کي گهربل پاڻي ملندو رهي

بقايا 24 روزاني عبرت

انڌاڌند فائرنگ ڪري نئون ديرو جي ڳوٺ مير واهه واسي بن ڀائرن الهوڙايو ڪوڪر منصور ڪوڪر سندن چاچي علي شير ڪوڪر ۽ ٽئڪسي ڊرائيور غلام محي الدين مگسيجو کي قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن واقعي ۾ هڪ ڄڻو يار محمد ڪوڪر زخمي ٿي پيو هو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر داخل ڪرايو ويو جتي هن علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي آهي جنهن کان پوءِ مقتولن جو انگ وڌي 5 ٿي ويو آهي ان حوالي سان سول لائين ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪوڪر ذات جي بن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي زميني تڪرار تان 11 ڏينهن اڳ زخمي ٿيل يارمحمد ڪوڪر ٽراما سينٽر ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو آهي جنهن جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويندو واضح رهي ته اهڙي واقعي جو ڪيس دهشتگردي ايڪٽ تحت مقتول ڀائرن جي پيرسن بيواهه امڙ ارباب خاتون زال اختيار علي ڪوڪر جي فرياد تي گناهه نمبر 2026/105 قلم 302، 324، 148، 149، 337 ايڇ ٿو 427 پي پي سي 6/7 اي ٽي اي تحت داخل ڪيو ويو هو جنهن کان پوءِ دادو ۾ ڪارروائي ڪندي ڪيس ۾ ملوث معشوق ڪوڪر کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي هئي جڏهن ته 11 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس ڪيس ۾ نامزد بين جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي ان حوالي سان مقتول جي وارثن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي آهي ته واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 25 روزاني عبرت

کان وڌيڪ چرس سميت، سول لائين پوليس چوري ۽ ڦر جهڙن سنگين ڪيسن ۾ ملوث ۽ روپوش جوابدار شيراز ڪنگو کي وارث ڏنو ماڇي پوليس چوري ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار نياز پٺاڻ کي آريجا پوليس پوليس مقابلي واري ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار شاهنواز بروهي کي، سڄل پوليس منشيات جي ڪيس ۾ ملوث جوابدار ظفر بروهي کي باقراڻي پوليس قتل ڪيس ۾ ملوث 2 جوابدارن ديدار ابڙو ۽ واحد بخش ابڙو کي بندوق ۽ پسٽل سميت، هنڙي غلام شاهه پوليس قتل ڪيس جي اشتهاري جوابدار روشن جتوئي کي 30 بور پسٽل سميت، علي ڳوهر آباد پوليس قل روڊ تان منشيات ۾ ملوث 4 جوابدارن اسحاق، سعيد، فتح محمد ۽ رياض جاگيراڻي کي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو آهي ٻئي طرف سڄل پوليس چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري اصل مالڪ حوالي ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب گرفتار سمورن جوابدارن مٿان اهڙي نوعيت جا ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻو ۽ يونيورسٽي ڪيمپس جي احاطي ۾ نيم بيس سرس، ڪيڪر شيشم ٻٻول گجور ۽ بين مقامي نسلن جا 3 هزار وڻ ۽ ٻوٽا پوکيا ويا. مهم ۾ شاگردن مقامي ماڻهن اسڪولن ۽ ڪميونٽي جي نمائندن حصو ورتو مهم دوران شاگردن طرفان ماڻهن ۾ وڻن جي اهميت، ماحولياتي آلودگي ۽ گهٽندڙ گرمي پد ۾ اعتدال، قدرتي وسيلن جي تحفظ، مقامي حياتياتي تنوع ۽ مستقبل جي نسلن لاءِ صاف ۽ صحتمند ماحول جي ضرورت بابت پڻ شعور کي اجاگر ڪيو ويو. ان موقعي تي يونيورسٽي ڪيمپس جي انتظاميا شاگردن فيڪلٽي ڪميونٽي ۽ بين سهڪار ڪندڙن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته ڪميونٽي سروس پراجيڪٽ شاگردن کي پنهنجي علم ۽ سکيا کي عملي طور سماج جي خدمت ۽ ماحولياتي تحفظ سان ڳنڍڻ جو بهترين موقعو فراهم ڪري ٿو هن مهم جو هڪ اهم مقصد اهو پڻ آهي ته پوکيل ٻوٽن جي سنڀال پاڻي ڏيڻ ۽ حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي جيئن وڻڪاري جو هي عمل ڊگهي مدي تائين لاڙڪاڻي جي ماحول لاءِ فائديمند ثابت ٿئي.

بقايا 27 روزاني عبرت

مسئلا پڻ وڌي رهيا آهن. تنهن هوندي به پاڻي جي دستيابي ۽ طلب کي نظر ۾ رکندي بهتر منصوبابندي ذريعي راهن جي پاڻي جي بحران کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن جيئن چيٽ جي فصلن جي پوک متاثر نه ٿئي ۽ آبادگار وقت سر پنهنجا فصل پوکي سگهن پريس ڪلب پنگريو ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي حاجي سائين بخش جمالي چيو ته ضلعو بدين بنيادي طور زرعي خطو آهي جتي معيشت جو وڏو دارومدار زراعت ۽ آبادگارن جي خوشحالي تي آهي، تنهن ڪري پاڻي جي منصفاڻي ۽ بهتر ورهاست سان گڏ موسمياتي تبديلين کي نظر ۾ رکندي زرعي منصوبابندي وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪلهوڙي جي زير تعمير جڳهه ۾ رکيل بيٽري ۽ تعميرات جي استعمال جو سامان به چورائجي ويو جڳهه مالڪ صبح تي سامان جي ساي لڏي ته سامان غائب هيو اهڙي دانهن ڪندي ايس ايس پي خيرپور سان امن امان جي فضا قائم ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي آهي ته اڳڙا ٿاڻي مقرر صوبيدار کي جاڳائي ته چورن ڦورن کي قابو ڪري ۽ گشت کي روزمره جي ڊيوٽي سمجهي ٿيل ڏوهه واپس ڪرائي

بقايا 29 روزاني عبرت

آگاهه ڪيو ، جنهن تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي وفد شاگردن کي يقين ڏيارو ته تمام جلد سندن جائز مطالبا سنڌ جي وڏي وزير تائين پهچايا ويندا ۽ انهن جي حل لاءِ هرممڪن قدم کنيا ويندا .ان موقعي تي پيپلزپارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدرسينيٽر عاجز ڌامراهه چيو ته پي پي هميشه نوجوانن جي حقن ۽ ميرٽ جي بالادستي لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان مغل ٻڌايو ته لاڙڪاڻو پوليس قتل جي ڪيسن ۾ ملوث ۽ فرار جوابدارن خلاف ڇاپا هڻڻ وارين ڪارروائين دوران باقراڻي ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿي ويل ڳوٺاڻي قطب ابڙو جي قتل ڪيس ۾ ملوث 2 جوابدارن ديدار ابڙو ۽ واحد بخش ابڙو کي سرڙا ابڙو واري علائقي مان قتل ۾ استعمال ٿيل 12 بور بندوق ۽ 30 بور پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو آهي مقتول ۽ جوابدارن وچ ۾ پلاٽ جي معاملي تان تڪرار هلندڙ هو ٻي ڪارروائي ۾ هنڙي غلام شاهه پوليس لاڙڪاڻو _ خيرپور بل واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي عبدالستار جتوئي قتل ڪيس ۾ ملوث ۽ مڪ جوابدار روشن جتوئي کي قتل ۾ استعمال ٿيل 30 بور پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

جي ايس ايڇ او حفيظ سومرو جي دعوي موجب بيلو روڊ تي باءِ پاس وٽ 6 هٿيارٻند ڌوڙ جي ارادي سان بيٺل هئا پوليس جي پهچڻ تي هٿيارٻندن فائرنگ ڪئي سندن ساٿين جي فائرنگ ۾ 3 جوابدار زخمي ٿي پيا.

بقايا 32 روزاني عبرت

معذور ڪوٽا تي ڀرتي ڪيو ويو 8 مهينا گذري چڪا آهن پر پڳهارون ناهن ملي سگهيو پريشاني ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون مهانگائي سبب بن ويلن جي ماني به نٿا کائي سگهون ڪرائي جي گهر ۾ رهون ٿا اسان جا ٻار اسڪول وڃڻ کان به محروم بڻجي رهيا آهن

بقايا 33 روزاني عبرت

ميمڻ ۽ بين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته مرڪ ميمڻ جي قتل ڪيس ۾ سجاول پوليس طرفان هن وقت تائين ڪا اطمينان بخش اڳڀرائي سامهون نه اچي سگهي آهي، جنهن سبب مقتولا جي وارثن ۽ احتجاج ڪندڙن ۾ خدشا پيدا ٿيا آهن. ارباب وزير احمد ميمڻ موجب، ايس ايس پي سجاول محمد عثمان سدوزئي ساڻن رابطو ڪري يقين ڏيارو آهي ته مرڪ ميمڻ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن خلاف سڀاڻي اڱاري ڏينهن منجهند 12 وڳي تائين مثبت اڳڀرائي ڪئي ويندي.

بقايا 34 روزاني عبرت

قلم دوست پينل 21 ووٽ ۽ وطن دوست پينل 15 ووٽ حاصل ڪيا، 39 ووٽن مان 2 ووٽ رد قرار ڏنا ويا اهڙي ريت قلم دوست پئنل ڇهه ووٽ کان ڪامياب ٿيو عهديدارن ۾ سينئر صحافي امين ميمڻ صدر پريس ڪلب عمرڪوٽ امين ميمڻ ممتاز آريسر نائب صدر مدن گوپال جنرل سيڪريٽري، محمد اسلم مهر جوائنٽ سيڪريٽري، نظر سميجو خزانچي ڪانجي مل پريس سيڪريٽري، سهيل ڪنبر رابطا سيڪريٽري ۽ ناهيد حسين خٽڪ آفيس سيڪريٽري چونڊجي ويا.

بقايا 35 روزاني عبرت

مختلف اسڪولن ۾ تقريبون ۽ آگاهي پروگرام منعقد ڪيا ويا عالمي استاد ڏينهن جي حوالي سان پروگرام گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول پير عالي شاهه ڪوٽ، گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول پير عالي شاهه ڪوٽ ۽ گورنمينٽ گرلز مين مڊل اسڪول شهباز روڊ ۾ منعقد ڪيا ويا، جن ۾ اسڪولن جي هيڊ ٽيچرز استادن، شاگردن، اين سي ايڇ ڊي جي آفيسر ۽ رضاڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 36 روزاني عبرت

عزت مستوئي، رفيق نوحاڻي عطا محمد ابڙو ديدار سولنگي حسين علي ڪوسو رجب علي ڪوسو گلاب ڪوسو گل حسن چانڊيو ساجد علي مستوئي ۽ بين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته دادو ريلوي کاتي طرفان 50 سالن کان وٺي ريلوي جي ڪوارٽرن ۾ ويٺل رٽائرڊ ملازمن کي ڪوارٽر خالي ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي جڏهن ته سال 2012 ع ۾ ريلوي انتظاميه اسان کي 40 کان وڌيڪ رهائشي ڪوارٽر الاٽ ڪري ڏنا هئا جنهن ۾ گهر ڀاتين سميت رهائش اختيار ڪري ويٺا آهيون

بقايا 37 روزاني عبرت

مسڪين آهيان ڪجهه عرصو اڳ مڙس فوت ٿيو جنهن کان پوءِ منهنجو ڪوبه سهارو ڪونهي هن چيو ته مون کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت امدادي رقم ملندي هئي جنهن مان گذر سفر ڪندي هيس جڏهن ته گذريل ڇهن قسط ۾ مون کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪندي رقم کان محروم رکيو ويو آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

صحافين سان ڳالهائيندي متاثر عورت راڻي جوکيو ۽ فاروق جوکيو جو چوڻ هو ته هو ڪيترن ئي سالن کان ريلوي جي ڪوارٽر ۾ پنهنجي خاندان سان گڏ رهندا پيا اچن سندن الزام آهي ته اڄ اوچتو حاڪم جانوري ۽ 3 کان 4 ڄڻا مبينا طور سندن گهر ۾ داخل ٿيا ۽ گهر ڀاتين سان بدتميزي ۽ تشدد ڪيو متاثر خاندان موجب مبينا طور عورتن ۽ ٻارن کي به گهر مان ٻاهر ڪڍي، سندن سامان ٻاهر اڇلايو ويو ۽ بعد ۾ گهر کي تالا هڻي قبضي جي ڪوشش ڪئي وئي. هنن چيو ته واقعي کان پوءِ هو انصاف ۽ تحفظ لاءِ دانهون ڪرڻ تي مجبور آهن پر سندن دانهن تي مبينا طور ڪابه ڪارروائي نه ڪئي وئي

بقايا 39 روزاني عبرت

ايشور ليلاڻي جي نياڻي نشا ليلاڻي Computer Science ۾ بهترين پوزيشن حاصل ڪري Gold Medal حاصل ڪيو جڏهن ته دشا ڪماري مهيشوري ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي .ساڳئي وقت ريحانا تبسم NED University مان Computer Science جي چئن سالن جي ڊگري ڪاميابي سان مڪمل ڪري گريجوئيشن حاصل ڪئي ريحانا پنهنجي تعليم ميرٽ تي حاصل ڪيل مڪمل اسڪالرشپ ذريعي مڪمل ڪئي

بقايا 40 روزاني عبرت

سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته 20 ڏينهن اڳ 9 سالن جو گونگو ڏوهٽو راضي خان ولد جواڻ سارڱاڻي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ سوري ۾ رهندڙ پنهنجي ماسي وٽ گهمڻ آيو هو جتان گذريل ڏينهن گهران نڪرڻ بعد ڏوهٽو راضي خان سارڱاڻي پراسرار نموني گم ٿي ويو

بقايا 41 روزاني عبرت

سيپٽمبر تي برادري جي بن ڌرين جو فيصلو لاڙڪاڻي جي سڄل ڪالوني ۾ نواب سعيد خان چانڊيو جي بنگلي تي ٿيو جتي بنگلي ٻاهريان اڻڄاتل چور منهنجي موٽرسائيڪل جا تالا ٽوڙي موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا، جنهن واقعي جي اين سي مان حد جي سڄل ٿاڻي تي داخل ڪرائي جنهن کان پوءِ پوليس سي سي ٽي فوٽيجز هٿ ڪري ورتا

بقايا 42 روزاني عبرت

الرحمان لاشاري ايس ايڇ او دوڙ ۽ ايس ايڇ او باندي پهچي ڌرڻي تي ويٺل اڳواڻن ۽ شهرين سان ڳالهيون ڪيون جيڪي ڪامياب ٿي ويون ڳالهين دوران انتظاميه پاران ڌرڻي وارن مظاهرين کي يقين ڏياريو ويو ته مهراڻ هاءِ وي تي هيوي ٽريفڪ جي آمدرفت مڪمل طور بند ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي لکت ۾ ڏينداسين ۽ وڏين گاڏين جي اچ وڃ کي روڪڻ لاءِ قانوني رستو اختيار ڪنداسين انتظاميه جي خاطري کانپوءِ ڌرڻي وارن احتجاج ختم ڪري روڊ ٽريفڪ لاءِ کوليو

بقايا 43 روزاني عبرت

احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته ٻئي کاتي جي ملازم جي مقرري واري عمل کي فوري طور روڪيو وڃي ۽ ايگريڪلچر کاتي جي خالي عهدن تي کاتي جي اهل تجربيڪار سينيئر آفيسرن کي مقرر ڪيو وڃي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ لاڳاپيل اختيارين جي آفيسن اڳيان پڻ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 44 روزاني عبرت

سولنگي،سليم الله،ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي ۽ بين سولنگي برادري جي ضلعي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي وڌيڪ چيو ته عوام جي خدمت ڪرڻ افضل عبادت آهي پاڙيسرين جو پرچهلو ٿيڻ گهرجي ۽ انهن جي حقن جو خيال رکيو وڃي هنن چيو ته سولنگي پاڪستان جو وڏو قبيلو آهي پر سياست ۾ هميشه پري رکيو ويو آهي

بقايا 45 روزاني عبرت

آفيسر سيد دلشاد احمد شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي اسڪول جي استادن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا، تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته استاد پيغمبري پيشو آهي استاد شعور جو هڪ روشن ڏيو آهي استاد نسلن جي تربيت ڪري معاشري کي روشن مستقبل ڏانهن وٺي وڃي ٿو

بقايا 46 روزاني عبرت

ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ عورت فيروزه ابڙو پنهنجي ڀيڻ سڪينه ۽ ڀاڻيجي ارشاد خاتون ابڙو سان گڏجي دانهيندي چيو ته اسان اصل باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ ملاڻ ابڙو جا رهواسي آهيون ڪجهه وقت اڳ مان پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏجي ڳوٺ ڇڏي لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد پاڙي ۾ رهائش اختيار ڪئي هن الزام لڳايو ته گذريل 16 سيپٽمبر تي باقراڻي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ملاڻ ابڙو ۾ زميني تڪرار تان ڳوٺاڻو قطب ابڙو قتل ٿيو هو

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LC-PT-RM-FLUID-33908315-2026	SUPPLY OF FLUID FOR OGDC RIGS	22.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-FD-CB-RM-338804417-2026	SUPPLY OF SPARES FOR BOLAITE AIR COMPRESSOR	10.11.2026 AT 1430 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **22.08.2026, 12.09.2026, 16.09.2026, 17.09.2026** and **26.09.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-331072422-2026	GEOLOGICAL FIELD WORK SERVICES FOR KOHLU EXPLORATION LEASE (E.L)	19.10.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-4481-334787020-2026	HIRING OF ENGINEERING CONSULTANT FOR THE REVAMPING OF MELA PLANT FOR BARAGZAI FLUID, KPK	21.10.2026 AT 1430 HRS
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-334521738-2026	RE-PROCESSING AND INTERPRETATION OF GRAVITY AND MAGNETIC SURVEYS IN KILLA SAIFULLAH EXPLORATION LEASE (E.L)	28.10.2026 AT 1430 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No.209/18

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

سنڌ زرعي کاتي ۾ جونيئر آفيسر کي ڊي جي جو اضافي چارج ڏيڻ خلاف مظاهرا، هڙتال جو اعلان

اڳواڻن پاران ڊي جي ريسرچ کي زرعي توسيع جو اضافي چارج ڏيڻ وارو نوٽيفڪيشن رد ڪرڻ جو مطالبو

مطالبا منظور نه ٿيا ته سڄي سنڌ ۾ زرعي توسيع جون آفيسون بند ۽ سرڪاري ڪم معطل رکڻ جو چتاءُ

پروموشن ڪميٽي جا اجلاس گهرائڻ ۽ ڪٽڪ سبسڊي پروگرام جي عملي کي معاوضو ڏيڻ جو مطالبو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي زراعت کاتي ۾ سينئر آفيسرن کي نظر انداز ڪري جونيئرن کي وڏين پوسٽن تي مقرر ڪرڻ جو عمل جاري هجڻ تي سنڌ ايگريڪلچر ايڪسٽينشن آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران اهڙي غير قانوني ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع ڪاٽو سنڌ حيدرآباد جي مقرري خلاف آفيسن جا تالا بند رکڻ ۽ ڪٽڪ سبسڊي رجسٽريشن پروگرام جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، سنڌ ايگريڪلچر ايڪسٽينشن آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سڏ تي تمام ضلعن جي نمائندن ۽ اسٽيڪ هولڊرن جو هڪ اهم

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دڙو: پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

لاڙڪاڻي ۾ ناري جي قتل ڪيس جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارث عورتن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ نئين ڳلا ۾ 10 ڏينهن اڳ مبينا ڪارنهن الزام هيٺ پيءُ هٿان قتل ٿي ويل نوجوان ناري صدف بگهيو جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف وارث عورتن پنهنجي ٻارن سان گڏجي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٽنڊوالهيار ۾ پرائيويٽ لائين مين ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

مينگهواڙ پاڙي ۾ ڪم دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب فاروق خانزاده ٿلهي تي دم ڏنو

فوتي جو لاش اسپتال منتقل ڪري پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي مينگهواڙ پاڙي ۾ پرائيويٽ لائين مين فاروق خانزاده ڪنهي تي ڪم ڪرڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب موقعي تي فوت ٿي ويو علائقي واسين فوتي جي لاش کي ڪلهائي سول اسپتال پهچايو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته فوتي شهر جي قلعي ايريا جو رهواسي هو جيڪو پرائيويٽ طور بجلي جو ڪم ڪندو هو ڪيس حيسڪو طرفان منع پڻ ڪيو ويو هو جنهن باوجود به فوتي سرڪاري ڪنهن تي چڙهي ماڻهن جا ڪم ڪندو هو جنهن جي ڪري هي حادثو پيش آيو ۽ ڪرنٽ لڳڻ سبب هو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ مبينا پوليس چڙهائي دوران پيرسن عورت دل جو دورو پوڻ سبب فوت، احتجاج

واپڊا ڪالوني واسين نظيراحمد جوڻيجو ،غلام محمد جوڻيجو ۽ ٻين ٿاڻي اڳيان لاش رکي احتجاج ڪيو

پوليس رات دير سان بلاجواز گهرن ۾ داخل ٿي گهرڀاتين کي حراسان ڪيو ته پيرسن خاتل دورو پوڻ ڪري فوت ٿي: مظاهرين

ملوث اهلڪارن ۽ چرچ ڏيندڙن بااثرن خلاف ڪيس داخل ڪري قانون موجب سزا ڏئي انصاف ڪيو وڃي

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي پرويز سنائي) سڪرنڊ شهر جي واپڊا ڪالوني جي رهواسين عورتن ۽ مردن سڪرنڊ پوليس پاران سندن گهر ۾ داخل ٿيڻ سبب خوف ۾ پيرسن عورت دل جو دورو پوڻ ڪري فوت ٿيڻ خلاف سڪرنڊ ٿاڻي اڳيان لاش رکي احتجاج ڪيو ويو ان سلسلي ۾ واپڊا ڪالوني جي رهواسين جوڻيجا برادري جي ماڻهن نظيراحمد جوڻيجو ،غلام محمد جوڻيجو ، پ پ شهيد ٻتو اڳواڻ شوڪت ڀانوجو ۽ ٻين سڪرنڊ ٿاڻي اڳيان لاش رکي احتجاج ڪندي چيو ته سڪرنڊ پوليس رات دير سان بلاجواز اسان جي گهرن ۾ رفيق ڪيريو ۽ امين ڪيريو جي چوڻ تي انهن سان گڏ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

هالا شهر پائيچاري جو امين آهي، بدامني ۽ ڪٽتيءَ جو ڳي آهي: مخدوم سعيد الزمان

سروري تنظيم جي اڳواڻ مخدوم سرور نوحؒ جي درگاهه تي حاضري ڀري دعا گهري

شهر ۾ امن امان جي بحالي لاءِ مربوط حڪمت عملي ۽ ذوس قدم کڻڻ گهرجن

هالا (ن ع) سروري تنظيم جي باني چيئرمين سروري سرهاڻ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" صاحب حضرت مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه جي درگاهه تي حاضري ڀري، فاتح خواني ڪئي ۽ ملڪ سنڌ توڙي پوري انسانيت جي امن سلامتي، خوشحالي ۽

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان جي پ پ اڳواڻ عبدالحڪيم دستي جو سهرو لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊومحمدخان(ڊ ر) پيپلز ليبر بيورو ضلع ٽنڊومحمدخان جي صدر عبدالحڪيم دستي جو سهرو عارف دستي جو والد بزرگ جاٽو دستي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ مبينا پوليس مقابلو هڪ ڌوهاري مارجي ويو

اي سيڪشن ٿاڻي جي حد چنا پٽي پرسان ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ نادر علي ملڪ مارجي ويو

وارثن پاران پوليس سان ڏيتي ليتي تان معاملو نه نهڙ بعد ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي مارڻ جو الزام

ڪنڌڪوٽ ڪنڌڪوٽ لڳ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد چنا پٽي محلي جي پرسان ڪشمور پوليس پاران هڪ مبينا ڌوهاري مارڻ جي دعوي اطلاع پوليس موجب اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڌوهارين سان مقابلو ٿي پيو پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو پوليس موجب

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو، ڏينهن ڏٺي جو چور موٽرسائيڪل کاهي ويا

دادو(ڊ-ر) دادو ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو ڏينهن ڏٺي جو موٽرسائيڪل چوري، سي سي ٽي وي فوٽيج سامهون اچي وئي دادو شهر ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد نيو چونڪ وٽ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بااثر مامن جي مبينا ناجائزين خلاف پورهيت جو ٻارڙن سان گڏجي احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تئو ديرو پرسان ڳوٺ وائو شيخ جي رهواسي پورهيت پنهنجي ٻارڙن سان گڏجي بااثر مامن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

داد لغاري: ڪرم لغاري جو پورهيت بيماري جي بستري تي پيل آهي

ٽڙڪول ڳوڙاڻو ۽ ڏڪڙچو ڊيم جي متاثر ڳوٺاڻن جو لانگ مارچ اسلام ڪوٽ پهتو

ڳوٺاڻن پيمراج، ديدار پيل، سبحان لنجو لڇمڻ، ڏامون،سبحان ۽ ٻين 35 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري احتجاج ڪيو

متاثر ڳوٺن ۾ تعليم، صحت، پيئڻ جي پاڻي ۽ روزگار جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) ٽڙڪول ڳوڙاڻو ۽ ڏڪڙچو ڊيم جي متاثر ڳوٺاڻن جو پنهنجن بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ گذريل ڏينهن ڳوڙاڻو ڊيم کان نڪتل پيادل لانگ مارچ 35 ڪلوميٽرن جو سفر طئي ڪري پريس ڪلب اسلام ڪوٽ پهتو.بلاول جي آمد سبب پوليس لانگ مارچ کي 6 ڪلاڪ رڪ ۾ رستي ۾ روڪي ڇڏيو.متاثر پوليس جي پريشر باوجود پريس ڪلب پهچي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو انهي سلسلي ۾ ٽڙڪول بلاڪ ون بلاڪ ٽو ڳوڙاڻو ڊيم ۽ ڏڪڙچو ڊيم جي متاثر ڳوٺاڻن پاران پيمراج ديدار پيل سبحان لنجي لڇمڻ ڏامون،سبحان لنجو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

بدين: زرعي توسيعي ڪاتي جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم جي صحافي ساجد قريشي جي ڀاڻي کي مبينا اغوا ڪرڻ جي ڪوشش، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي صحافي ساجد قريشيءَ جي معصوم ڀاڻي محمد احمد ولد واجد قريشي کي گهر ٻاهران راند ڪندي موٽرسائيڪل تي سوار ٻن نامعلوم ماڻهن سندس ويجهو اچي ساڻس ڳالهائڻ شروع ڪيو انهن مان هڪ ڄڻي ٻار کي ڪافيون ڏئي پيار سان ڳالهائيندي سندس نالو قريشي برادري سان تعلق ۽

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور شهزور مزدا جو لوڊر رڪشا کي ٽڪر لڳڻ سبب ٻن عورتن سميت 3 ڄڻا سخت زخمي، سول اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور اڪنامڪ زون ٿاڻي جي پرسان تيز رفتار شهزور مزدا جو لوڊر رڪشا کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻن عورتن سميت 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا آهن جن ۾ ماروي خاتون، سڪندر خاتون ۽ مجيب جوڻيجو شامل آهن جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو جڏهن ته مزدا ڊرائيور فرار ٿي ويو زخمين جو علاج جاري آهي

حيدرآباد: هڪ نينگر گند جي دٻي مان ڪا شئي ڪڍي رهيو آهي

خيرپور ۾ استادن جي عالمي ڏينهن حوالي سان تقريب، خراج تحسين پيش ڪيو ويو

تقريب دوران بهترين ڪارڪردگي ڪندڙ 200 استادن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

خيرپور(ڊ ر)5 آڪٽوبر استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن ضلعي خيرپور پاران سڄل آڊيٽوريم هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي جي وڏي انگ ۾ استادن شرڪت ڪئي تقريب دوران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ 200 کان وڌيڪ استادن کي مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا جڏهن ته استادن کي خراج تحسين پڻ پيش ڪيو ويو ان موقعي تي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ استاد اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته استاد معاشري جي تعمير ۽ نئين نسل جي بهتر مستقبل لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ نظر محمد ڀٽو واسين مختيار، الطاف حسين ڀٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

برادري جا بااثر پراڻي تڪرار تان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڪوششون پيا ڪن: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ڳوٺ نظر محمد ڀٽو جي رهواسين پاران ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ خلاف پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو .احتجاج جي اڳواڻي مختيار ڀٽو الطاف حسين محمد نواز ۽ اقبال احمد ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته سندن ئي برادري جي ماڻهن سان پراڻي جو معاملي تان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن بابت ڪيس خيرپور جي عدالت ۾ هلندڙ آهي احتجاج ڪندڙن زمين بابت هلندڙ ڪيس ۾ فيصلو سندن حق ۾ اچڻ کان پوءِ مخالف ڌر مبينا طور ڪين مختلف طريقن سان پريشان ڪرڻ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور ضلعي اليڪشن ڪمشنر جي صدارت ۾ اجلاس، نون ووٽرن جي رجسٽري بابت غور ويچار

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ضلعي اليڪشن آفيس ۾ IDCCجو اجلاس ضلعي اليڪشن ڪمشنر خالد حسين لنڊ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ INVR-V/MRV منصوبي تحت عورتن ۽ مردن جي ووٽرن وچ ۾ موجود صنفي فرق (Gender Gap) گهٽائڻ ۽ وڌيڪ کان وڌيڪ نون ووٽرن جي رجسٽريشن بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پوليس پاران قتل ڪيس ۾ گهربل 3 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

مقتولن راشد علي ۽ محڪم الدين ناريجو ۾ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو: ڊي ايس پي

مجيب علي اريجو جي قتل ۾ ملوث جوابدار طاهر اريجو پڻ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيا آهن

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڏاتوري) گمبٽ پوليس جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪن ماڻهن جي قتل ۾ ملوث 03 جوابدار گرفتار ڪيس داخل ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي حڪمن تي ڊي ايس پي گمبٽ صبر احمد ميمڻ ايس ايچ او ٿاڻو ٻهارو ۽ ايس ايچ او ٿاڻو لاڏيون جي گڏيل پريس ڪانفرنس گمبٽ پوليس جي ٽيم ڪارروائي ڪري ٿاڻو لاڏيون جي حد ڳوٺ خانڻ ناريجو ۾ قتل ٿي ويل مقتولن راشد علي ۽ محڪم الدين ناريجو جي قتل ۾ ملوث ٻن جوابدارن محمد ولد نيڪ محمد، نصير ولد سعدالله ناريجو کي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ سيد زين شاهه جي 59 هين جنم ڏينهن تي ڪارڪنن پاران ڪيڪ ڪاٽيو ويو

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه جو 59 هون جنم ڏينهن SUP جي سينيئر اڳواڻ شوڪت حسين ميمڻ پاران ميمڻ هائوس تي ملهايو ويو جنهن ۾ SUP جي مرڪزي اڳواڻ مجيب سنڌي ، ضلعي اڳواڻ علي سومرو ، ڪائون صدر پرويز سومرو ، محمد خان گڏارو ۽ حقير ملاح شرڪت ڪئي ان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

مهانگائي ۽ پيٽرول اگهن ۾ واڌ سبب سامونڊي پٽي جي مهاڻن جي زندگي متاثر

ابراهيم حيدري، ريڙهي مياڻ ۽ ٻين علائقن جا هزارين خاندان معاشي بدحالي جو شڪار

روزگار جا موقعا محدود ٿيڻ سبب مڇي ماريندڙ لانچون ڪنڌيءَ تي بيهجي ويون

گهرن جا واحد ڪفيل آهيون پر مهانگائي اسان جي چيل ڇٻي ڪري ڇڏي آهي،مهاڻا ڪراچي(رپورٽ:راهب ڳاهو)ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽرول اگهن ۾ واڌ سان عام شهرين سميت سامونڊي پٽي ابراهيم حيدري، ريڙهي مياڻ ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ مهاڻن جي زندگي به سخت متاثر ڪري ڇڏي آهي هزارين خاندان معاشي بدحالي جو شڪار بڻجي ويا آهن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

خيرپور آرٽس ڪائونسل ۾ ٻن ڪتابن جي مهورتي تقريب ڪرائي وئي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران ڪن نون ڪتابن جي مهورت جي سلسلي ۾ هڪ شاندار ادبي تقريب ڪرائي وئي، جنهن ۾ مقالن تي مشتمل فقير گليو جي ڪتاب "سڄل ته ساهه ۾ آ"، عدنان منگي جي ناول "اڪيلي شام" ۽ گلبهار ڪلهوڙ جي سفرنامي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: سي آءِ پوليس طرفان گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ آيل چرس

لاڙڪاڻو: مهاڻا رائيس ڪئنال ۾ مڇي مارڻ لاءِ جار لڳائي رهيا آهن

راڌڻ ديرو ۽ ڀرپاسي بدامني تي ضابطو نه آيو هڪ رات ۾ چوري جون وارداتون

ڳوٺ سنابو واسي راشد کهڙو جي گهر کي ڪاٽ هڻي چور ۾ تولا سون، رقم ۽ سامان ٻهاري ويا

چور مرتضيٰ ڪلهوڙي جي گهران بيٽري ۽ قيمتي سامان کڻي ويا، پوليس خاموش

راڌڻ ديرو(ن ع) ٻهارو ٿاڻي جي ڳوٺ سنابو سان ڳوٺاڻي مسڪين راشد کهڙو جي گهر کي ٻن هنڌن تان ڪاٽ هڻي نامعلوم چور ڪمرن اندر رکيل پيٽين ۽ سيفين جا تالا ڪٽي پيٽين ۾ رکيل 5 تولا سون ڏيڍ لک روڪ رقم لٽي کپڙن سميت ٻئي سامان جو صفايو ڪري فرار ٿي ويا گهر ڏيکاريءَ تي سڪتو طاري ٿي ويو ٻهارو پوليس گشت ڪرڻ کان آجي ۽ ڌوهارين جو پيڇو ڪرڻ کان پاسيري ڪوڏانهن اڳٽڙا ٿاڻي جي حد راڌيديرو مان نامعلوم چور مرتضيٰ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

واهن جي پاڻي جي بحران کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن: سائين بخش جمالي

موسمياتي تبديلين سبب ضلعي بدين ۾ فصلن جي پوک ۾ نمايان تبديلي اچي رهي آهي

موجوده صورتحال ۾ واهن جي پاڻي جي طلب ۽ دستيابي ۾ توازن پيدا ڪرڻ اهم چيلينج آهي

پنگريو (ن ع) ايريا واٽر بورڊ ليفٽ بينڪ ڪئنال جي چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي بدين جي اڳواڻ حاجي سائين بخش جمالي چيو آهي ته موسمياتي تبديلين سبب ضلعي بدين ۾ فصلن جي روايتي پوک ۾ نمايان تبديلي اچي رهي آهي، ڪمند جي پوک ۾ گهٽتائي جڏهن ته مختلف ننڍي عرصي ۽ گهٽ پاڻي استعمال ڪندڙ فصلن جي پوک ۾ اضافو ٿي رهيو آهي جڏهن ته موسمياتي تبديلين جي اثرن سبب واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ جا

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: فنڪشنل مسلم ليگ جي گڏجاڻي خواجه رحيم جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

لاڙڪاڻي ۾ ماحولياتي تحفظ لاءِ شاگردن پاران 3 هزار ٻوٽا پوکيا ويا

زيبسٽ ڪيمپس جي شاگردن پاران پارڪن، اسڪولن، ڳوٺن ۽ ڪيمپس ۾ ٻوٽا پوکيا

ماحولياتي آلودگي، گرمي پد ۾ گهٽتائي ۽ حياتياتي تحفظ بابت عوامي شعور اجاگر ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي يونيورسٽي لاڙڪاڻو ڪيمپس جي شاگردن پاران ڪميونٽي سروس پراجيڪٽ جي سلسلي ۾ شهر کي سرسبز بڻائڻ ۽ مقامي ماحول چاڻو حياتياتي تنوع ۽ ماحولياتي استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ لاڙڪاڻي شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڏي پيماني تي وڻڪاري مهم پڄائي تي پهتي، مهم دوران شاگردن پارڪن اسڪولن رهائشي ڪالونين ڳوٺن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پوليس جون مختلف ڪارروايون، 14 ڄڻا گرفتار هٿيار ۽ منشيات هٿ

مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران چرس، شراب، پسٽل ۽ بندوقون هٿ ڪرڻ جي دعوي

قتل، چوري، ڦر، منشيات ۽ پوليس مقابلي جي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار گرفتار ڪيا ويا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس اشتهاري، روپوش ۽ منشيات فروشي ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروايون ڪندي 14 جوابدارن کي گرفتار ڪري هٿيار منشيات ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ان سلسلي ۾ رتوديرو پوليس اسٽيڊيم واري علائقي مان منشيات فروش جوابدار مظهر عرف سڪوي سيانچ کي هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس سميت، سڄل پوليس منشيات فروش جوابدار نثار ميربحر کي هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس سميت، ڏامراهه پوليس منشيات فروش جوابدار عرفان جوڻيجو کي هڪ ڪلو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ زميني تڪرار تان زخمي ٿيل ڳوٺاڻو به فوت، انگ 5 ٿي ويو

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪار تي فائرنگ ۾ 4 ڄڻا قتل ٿيا، زخمي يارمحمد ڪوڪر علاج دوران فوت ٿيو

وارثن جو آءِ جي، ڊي آءِ جي ۽ ٻين کان جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڪوڪر ذات جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي زميني تڪرار تان 4 ڄڻن کي قتل ڪري هڪ ڄڻي کي زخمي ڪرڻ وارو معاملو واقعي ۾ زخمي ڳوٺاڻو يارمحمد ڪوڪر ٽراما سينٽر ۾ زخمن جي سٽ نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو مقتولن جو انگ 5 ٿي ويو وارثن قتل ڪيس ۾ ملوث سمورن جوابدارن جي گرفتاريءَ جو مطالبو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد لاهوري ريگيوليٽر شيرين امير بيگم اوور هيڊبرج هيليان 11 ڏينهن اڳ پراڻي زميني تڪرار تان هٿيارٻندن ڪار مان

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پبلڪ اسڪول ۾ استادن جي ڏهاڙي تي ٿيل تقريب جو ڏيک

سارين جي اگهه ۾ وڏي لاٽ، آبادگارن سان ٻٽو ظلم ٿي رهيو آهي: سنڌ آبادگار بورڊ

واپارين ۽ ڪارخانيدارن جي هڪ ڌڙي سبب مختلف ٻهانن سان ناجائز ڪٽوتيون ٿيڻ پيون

اڳواڻن پاران حڪومت کان فوري نوٽيس وٺي سارين جي اگهه ۾ واڌ ڪرڻ جو مطالبو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ آبادگار بورڊ سنڌ ۾ سارين جي اگهه ۾ وڏي پيماني جي لاٽ ۽ مختلف ٻهانن سان ناجائز ڪٽوتين تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي ان کي سارين جي آبادگارن سان ٻٽو ظلم قرار ڏنو آهي ۽ حڪومت تي زور ڀريو آهي ته انهن معاملن کي مستقل بنيادن تي حل ڪرڻ لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا وڃن.حيدرآباد ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جو اجلاس صدر محمود نواز شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر محمد بشير نظاماڻي، سيد زين شاهه، محمد ملوڪ نظاماڻي، اسلم مري، عمران

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ پوليو مهم وڌيڪ اثرائتي بڻائڻ لاءِ ايمرجنسي آپريشن سينٽر قائم

ڊپٽي ڪمشنر ڪامپليڪس ۾ ڊسٽرڪٽ انٽيگريٽيڊ سروس ڊليوري جو افتتاح ڪيو ويو

هاءِ رسڪ يونين ڪائونسلن ۾ ويڪسينيشن سرگرمين کي مربوط بڻائڻ جو عزم

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي پوليو هاءِ رسڪ يونين ڪونسلن ۾ حفاظتي ٽڪن جي مربوط فراهمي ۽ پوليو کان بچاءَ واري سرگرمين کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ ايمرجنسي آپريشن سينٽر ۽ انٽيگريٽيڊ سروس ڊليوري جو افتتاح نيو ڊپٽي ڪمشنر ڪامپليڪس حيدرآباد ۾ IG-CDC جي تعاون سان ڪيو ويو آهي . افتتاحي تقريب ۾ صوبائي ڪوآرڊينيٽر سنڌ شهر يار گل ميمڻ ، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر پير غلام حسين ۽ يونيسيف جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ نيشنل هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري سان هلڻ خلاف احتجاج

مختلف سياسي، سماجي ۽ صحافتي ڌرين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو

ٺيڪيدار کي حفاظتي معيارن تي عمل ڪرائڻ سان گڏ انساني جانيون بچائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز مان گذرندڙ نيشنل هاءِ وي جو ڪم سست رفتاري سان جاري رکڻ ۽ ٺيڪيدار ڪمپني پاران پبلڪ سيفٽي جا مناسب انتظام نه ڪرڻ خلاف مختلف سياسي سماجي ۽ صحافتي ڌرين پاران پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي پريس ڪلب نوشهروفيروز جي صدر محمد يونس راجپر فقير علي نواز سولنگي،راجا رئيس سولنگي جي ايم ميراڻي، خالد چانڊيو ۽ اسد عمراڻي سميت ٻين ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ضلعي نوشهروفيروز جي حدن مان گذرندڙ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: استادن جي عالمي ڏهاڙي تي هڪ ماسترياڻي ٻارن کي پڙهائي رهي آهي

بدين ۾ زرعي ڪاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

مظاهرين رميش ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ آفيس کي تالو هڻي احتجاج ڪيو

ٻاهرين ڪاتن مان آفيسر مقرر ڪرڻ جو سلسلو فوري طور تي ختم ڪيو وڃي

بدين (ڊ ر) زرعي توسيع ڪاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن جائز مطالبن جي حق ۾ قلم ڇڏ هڙتال ڪندي ضلعي آفيس کي تالو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ملازمن مطالبو ڪيو ته ڊائريڪٽر جنرل ايگريڪلچر ايڪسٽينشن جي مقرري پنهنجي ئي ڪاتي سان ڪئي وڃي ۽ ٻاهرين ڪاتن سان آفيسرن جي مقرري وارو سلسلو بند ڪيو وڃي سڄي سنڌ جيان ضلعي بدين ۾ به زرعي توسيع (ايگريڪلچر ايڪسٽينشن) ڪاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن قلم ڇڏ هڙتال ڪئي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ استادن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي تقريب

استادن کي تعليمي خدمتن، محنت ۽ لگن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

تقريب ۾ بهترين خدمتون سرانجام ڏيندڙ استادن ۾ ايوارڊز ۽ شيلڊز ورهايون ويون

سڪرنڊ (ن ع)استادن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي آل سنڌ پرائيويٽ اسڪولز اينڊ ڪاليجز ايسوسيئيشن شهيد بينظير آباد پاران استادن ايچ ايم خواجه آڊيٽوريم هال ۾ هڪ تقريب ڪرائي وئي جنهن ۾ استادن جي تعليمي خدمتن محنت ۽ لگن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي تقريب ۾ ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولز شهناز لاکو حاڪم علي چانڊيو مرزا اشفاق بيگ خالد بروهي ايڊووڪيٽ ڪليم جت سميت اسڪول مالڪن استادن ۽ تعليم ماهرن سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ بهترين خدمتون سرانجام ڏيندڙ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف شاگردن جو احتجاج جاري، پيپلز پارٽي جو وفد پهتو

عاجز ڌامراهه ۽ ميئر ڪاشف شورو جي اڳواڻي ۾ پهتل وفد شاگردن سان ملاقات ڪري سندن خدشا معلوم ڪيا

پ پ اڳواڻن شاگردن جا جائز مطالبا وڏي وزير تائين پهچائڻ ۽ حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻڻ جي خاطري

پيپلزپارٽي نوجوانن جي حقن ۽ ميرٽ لاءِ جدوجهد جاري رکندي، شاگردن جو مستقبل محفوظ بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي هدايت تي قائم ڪيل ڪميٽي جي ميمبر پاڪستان پيپلزپارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر سينيٽر عاجز ڌامراهه ۽ ميئر حيدرآباد ڪاشف علي شورو وفد سان گڏ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي خلاف سنڌ اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي طرفان گذريل 77 ڏينهن کان لڳايل احتجاجي ڪيمپ پهتا،جتي شاگرد اڳواڻن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن مطالبن سميت سي سي اي -2024 جي چونڊ عمل جي حوالي سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي_ ان موقعي تي شاگرد اڳواڻن پنهنجن خدشن ۽ مسئلن کان وفد کي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: ڳوٺاڻا فوتي شخص جو لاش رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو پوليس هٿان ٻن قتل ڪيسن ۾ ملوث 3 جوابدار گرفتار، هٿيار

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ٻاڦراڻي ۽ هٽڙي غلام شاهه ٿاڻن جي حدن ۾ مختلف وقتن تي قتل ٿي ويل 2 ڳوٺاڻن جي قتل ڪيسن ۾ ملوث 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري قتل ۾ استعمال ڪيل هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ان حوالي سان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

دڙو پوليس پاران مرڪ ميمڻ ڪيس جي ٽن جوابدارن کي مقابلي بعد گرفتار ڪرڻ جي دعوي

بيلو روڊ تي باءِ پاس وٽ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل 6 هٿياربند پوليس جي پهچڻ تي فائرنگ ڪئي: ايس ايچ او

سنڌن ساٿين جي فائرنگ ۾ جوابدار مالڪ ڏنر شورو ،علي شير شورو ۽ نواب شورو زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي16 ورهين جي نياڻي مُرڪ ميمڻ کي قتل ڪرڻ جو پڻ اعتراف ڪيو

دڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) دڙي ويجهو بيلو روڊ تي باءِ پاس وٽ مبينا پوليس مقابلي ۾ 3 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي، پوليس پاران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار 12 ڏينهن اڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل 16 ورهين جي نياڻي مُرڪ ميمڻ جي قتل ۾ ملوث هجڻ جي ٻه دعوي ڪئي، زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدارن جي سڃاڻپ ڳوٺ ليهار شورو واسي مالڪ ڏنر شورو ،علي شير شورو ۽ نواب شورو طور ڪئي وئي زخمين کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر دڙو آندو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي، دڙو پوليس

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ مختلف ڪاتن ۾ ملازمت ڪندڙ معذورن جو پگهار نه ملڻ خلاف احتجاج

مظاهرين غلام علي قمبراڻي، اسد سوپو پوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

گذريل 8 مهينن کان پگهار نه ملڻ ڪري گهرن ۾ فاقاڪشي آهي، انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر)ٽنڊوالهيار ۾ معذور اتحاد جي مختلف ڪاتن ۾ ڊيوٽي ڪندڙ ملازمن پاران 8 مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي غلام علي قمبراڻي . اسد سوپو پوٽو. زاهد لاشاري ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته اسان کي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ پريس ڪلب جي چونڊ ۾ قلم دوست پينل اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي

عمرڪوٽ (ڊ ر) پريس ڪلب عمرڪوٽ جي سال 2026/27ع جي چونڊن ٿي جنهن ۾ قلم دوست پينل وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪري ورتي، چونڊ ۾

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

دڙو ۾ شهيد مرڪ ميمڻ قتل جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف لڳل ڌرڻو ايس ايس پي جي خاطري بعد ختم

آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي سوين ماڻهن ٽيڪسي اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

مظاهرين ايس ايس پي جي خاطري بعد احتجاج کي سڀاڻي منجهند 12 وڳي تائين عارضي طور ملتوي ڪري ڇڏيو

دڙو (ن ع) دڙي بيلو روڊ تي 11 ڏينهن اڳ ڦر جي ڪوشش دوران هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل نوجوان نياڻي مرڪ ميمڻ جي قتل ڪيس ۾ انصاف لاءِ آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي سوين ماڻهن ٽيڪسي اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج جي اڳواڻي آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي جي سربراهه ۽ پ پ اڳواڻ ارباب وزير احمد

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

بدين ضلعي جي مختلف اسڪولن ۾ استادن جي عالمي ڏينهن حوالي سان تقريبون منعقد ڪيون ويون

بدين (ڊ ر) بدين ۾ تعليم کاتي ۽ نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊوليپمينٽ (اين سي ايڇ ڊي) جي گڏيل سهڪار سان عالمي استاد ڏينهن جي حوالي سان بدين جي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ريلوي انتظاميا جو آپريشن، 40 کان وڌيڪ ڪوارٽر خالي ڪرايا ويا، متاثرن جو مظاهرو

آپريشن دوران 50 سالن کان رهندڙ خاندانن ڪانڪوارٽر خالي ڪرائڻ خلاف رهواسين جو سخت احتجاج

اسان کي 2012ع ۾ 40 کان وڌيڪ ڪوارٽر الاٽ ڪيا ويا، ماهوار مسواڙ ۽ ليز ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: اڳواڻ

وڌيڪ ڪوارٽر خالي ڪرائڻ وارو آپريشن روڪي ٻين خاندانن کي بي گهر ٿيڻ کان بچايو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي ريلوي جي انتظاميه ريلوي ڪالوني جي ڪوارٽرن تي مبينا طور قبضا ختم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل گرينڊ آپريشن دوران 40 کان وڌيڪ رهائشي ڪوارٽرن کي خالي ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪان پوءِ ورهين کان رهائش اختيار ڪندڙ رهواسي بي گهر ٿيڻ جي خدشي سبب احتجاجي تحريڪ شروع ڪري چڪي آهي ان سلسلي ۾ ريلوي ڪالوني جي رهواسي ريلوي انتظاميه طرفان شروع ڪيل گرينڊ آپريشن دوران سرڪاري ڪوارٽر خالي ڪرائڻ لاءِ ريلوي ڪالوني کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جو گشت ڪندي پريس ڪلب اڳيان پهچي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي رهواسين علي رضا مهيسر زاهد لاشاري،

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لطيف آباد 9 نمبر ۾ روڊ جي تعمير جو ڪم ٿي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسطن کان محروم پيرسن بيواهه جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي وارهه جي ڳوٺ ورند ماڇي جي رهواسڻ پيرسن بيواهه عورت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جا پئسا نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن بيواهه عورت جنت خاتون زال مرحوم حب علي سولنگي ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته مان انتهائي غريب

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ گهر کي تالا هڻڻ ۽ عورتن ۽ ٻارن تشدد خلاف متاثرن جو ٿاڻي ٻاهران احتجاج

اباڙ حاڪم جانوري ساٿين سان گڏجي حملو ڪري گهر کي زبردستي تالا هڻي ڇڏيا آهن: فاروق جوکيو

ريلوي ڪوارٽر قانوني طور منهنجي نالي الاٽ ٿيل آهي زبردستي قبضو ڪيو ويو آهي: حاڪم جانوري

راڌڻ (ن ع) راڌڻ شهر جي ريلوي ڪوارٽر ۾ رهندڙ فاروق جوکيو جي خاندان مبينا طور حاڪم جانوري ۽ ٻين ماڻهن تي گهر ۾ داخل ٿي تشدد ڪرڻ زبردستي گهر مان ڪيڏڻ ۽ ڪوارٽر کي تالا هڻڻ جا الزام لڳايا آهن متاثر خاندان عورتن سميت ڌانهن ڪئي راڌڻ ٿاڻي تي پهتي جتي پوليس پاران مبينا طور فوري ڪارروائي نه ٿيڻ تي خاندان جا ڀاتي ٿاڻي ٻاهران ويهي رهيا .

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ گم ٿيل گونگي نينگر جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پيرسن ڏاڏي جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ڳوڙهي ياسين جي ڳوٺ باقر شاهه جي رهواسڻ پيرسن عورت پنهنجي پٽ سان گڏجي مبينا گم ٿي ويل 9 سالن جي گونگي ڏوهٽي جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن عورت بشيران خاتون مارفاڻي پنهنجي پٽ رحمت الله مارفاڻي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر جون نياڻيون تعليم ۾ اڳڀرون، نشا ليلاڻي گولڊ ميڊل سان پهرين پوزيشن ماڻي

اين اي ڊي يونيورسٽي جي نشا ڪمپيوٽر سائنس ۾ پهرين، دشا ڪماري مهيشوري ٽئين پوزيشن ماڻي

ريحانا تبسم ميرٽ اسڪالرشپ تي ڪمپيوٽر سائنس جي ڊگري مڪمل ڪري ورتي

ملي (ڊ-ر) ٿرپارڪر جون نياڻيون تعليمي ميدان ۾ نمايان نشا ليلاڻي گولڊ ميڊل سان پهرين، دشا ڪماري ميهشوري ٽئين پوزيشن، ريحانا تبسم ڪمپيوٽر سائنس جي ڊگري مڪمل ڪري ورتي ملي/ ٿرپارڪر: ٿرپارڪر جون نياڻيون تعليم جي ميدان ۾ شاندار ڪاميابيون حاصل ڪري ٿر جو نالو روشن ڪري رهيون آهن NED University جي TIEST ڪيمپس مان

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ خلاف نوجوان جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ وارهه تعلقي جي ڳوٺ غلام علي شابراڻي جي رهواسي نوجوان پاڪ ڪتاب ڪٽي 25 ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي شهر جي سڄل ٿاڻي جي حد مان مبينا چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي نوجوان ارشاد شابراڻي ڳالهائيندي چيو ته گذريل 10

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قدم گاهه مولا علي آڏو گٽرن جو پاڻي بيٺل آهي

دوڙ ۾ حادثي بعد سياسي سماجي، مذهبي ڌرين پاران لڳل ڌرڻو 22 ڪلاڪن بعد ختم

مهراڻ هاءِ وي تي هيوي ٽريفڪ پاران روزانه جي بنياد تي ٿيندڙ حادثن خلاف رهواسين ڌرڻو هنيو

22 ڪلاڪن بعد اسسٽنٽ ڪمشنر محمد ذاڪر ڪاڪڙ مظاهرين وٽ پهچي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو

دوڙ(رپورٽ حاجي فيروز علي پٺاڻ) گذريل 22 ڪلاڪن کان مهراڻ هاءِ وي لڳل ڌرڻو ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو آهي دوڙ مهراڻ هاءِ وي تي هيوي ٽريفڪ پاران روزانه جي بنياد تي ٿيندڙ حادثن ۾ هڪ مهيني 50ماڻهن جي مارجي وڃڻ تي ماڻهون زخمي ٿيڻ خلاف قوميرستن سياسي سماجي مذهبي ڌرين شهرين استادن شاگردن صحافين پاران لڳايل ڌرڻو 22 ڪلاڪن کانپوءِ انتظاميه سان ڳالهيون ڪرڻ بعد ختم ڪيو ويو آهي ، جنهن ڪانپوءِ روڊ کي عام ٽريفڪ لاءِ کوليو ويو آهي ياد رهي ته ڌرڻي واري هنڌ تي اسسٽنٽ ڪمشنر دوڙ محمدذاڪرڪاڪڙ ڊي ايس پي حبيب

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ايگريڪلچر ڪاتي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

ملازمن ڊاڪٽر سڄاد، رياض جسڪاڻي، اياز شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جيستائين سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ ايگريڪلچر ڪاتي جي ملازمن پاران ايگريڪلچرل ڪاتي ۾ ٻئي ڪاتي جي آفيسر کي مقرر ڪرڻ واري عمل خلاف ڊاڪٽر سڄاد، رياض جسڪاڻي، اياز شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ايگريڪلچر ڪاتو هڪ ٽيڪنيڪل ۽ اهم شعبو آهي جنهن ۾ مختلف عهدن تي مقرريون لاڳاپيل شعبي جي تجربي ۽ قابليت رکندڙ آفيسر مان ڀرڻ گهرجن هنن چيو ته ايگريڪلچر ڪاتي ۾ ٻئي ڪاتي جي آفيسر کي مقرر ڪرڻ سان نه رڳو ڪاتي جي سينيئر ۽ اهل ملازمن جي حقن کي نقصان پهچندو ۾ ڪاتي جي انتظامي معاملن ۽ ڪارڪردگي تي پڻ اثر پئجي سگهي ٿو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

تعليم انسان کي سنواري ٿي نياڻين کي اوليت جي بنياد تي تعليم ڏياري وڃي: انجنيئر سائينداد سولنگي

گمبٽ(ت.ر)تعليم انسان کي سنواري ٿي نياڻين کي اوليت جي بنياد تي تعليم ڏياري وڃي اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ سولنگي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي مرڪزي سربراهه انجنيئر سائينداد سولنگي اڳوڻي ضلعي چيئرمين دادمحمد اشرف سولنگي،اڳوڻي ايس پي امداد سولنگي،امتياز سولنگي،انجنيئر امداد

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو ڦر مزاحمت تي هٿياربندن هٿان ٻه ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ڪنڊي فارم وٽ هٿياربند عبدالقادر شيخ ۽ عبدالصمد پٺاڻ کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿياربندن ٻنهي کي فائرنگ ڪري زخمي ڪيو، زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ، 2 ڄڻا زخمي جهانگڙو ٿاڻي جي حد ڪنڊي فارم نيشنل هاءِ وي وٽ مبينا طور نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن روهڙي کان پنو عاقل ويندڙ موٽرسائيڪل کي روڪي ڦر جي ڪوشش ڪئي ڦر دوران مزاحمت تي هٿياربندن فائرنگ ڪري موٽرسائيڪل سوار عبدالقادر شيخ ۽ عبدالصمد پٺاڻ کي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويا. زخمين کي پهرين روهڙي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ضروري طبي امداد بعد ٻنهي کي وڌيڪ علاج لاءِ سکر اسپتال ريفر ڪيو ويو ٻڌايو پيو وڃي ته عبدالصمد پٺاڻ جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جهانگڙو پوليس موجب واقعي بابت جاچ جاري آهي

گورنمينٽ بوائز هائيرسيڪنڊري اسڪول گمبٽ ۽ کهڙا ۾ استادن جي عالمي ڏينهن حوالي سان تقريبون منعقد ڪيون ويون

گمبٽ(ت ر) کهڙا جي گورنمينٽ بوائز هائيرسيڪنڊري اسڪول گمبٽ ۽کهڙا ۾ اسڪول انتظاميه پاران 5 آڪٽوبر استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي هڪ شاندار ۽ پروقار ٽيچرز ڊي تقريب منعقد ڪري استادن کي ڀرپور لفظن سان ڀيٽا پيش ڪئي وئي، تقريب ۾ اي سي گمبٽ سيدم نورالهدي ۽ تعلقه ايجوڪيشن

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پوليس چڙهائي ۽ ٻن ڄڻن جي گرفتاري خلاف عورتن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي الهه آباد پاڙي جي رهواسي عورتن ڳوٺاڻي جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ٻن ڄڻن کي آزاد نه ڪرڻ توڙي مبينا پوليس چڙهائي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ٽڙڪول متاثرين مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.